# ادبي آئينو



## ليکراج عزيز

# ادبي آئينو

*donated from
Suleman A. Memon's
personal library*

ليکراج ڪشنچند عزيز

سنڌي ساهت گهر

حيدرآباد، سنڌ.

2006

سمورا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

سنڌي ساهت گهر – ڪتاب نمبر 168

ڪتاب جو نالو : ادبي آئينو

ليکڪ : ليکراج ڪشنچند عزيز

ڇاپو ٽيون : آگسٽ ۲۰۰٦ع

ڪمپوزنگ : سور ساگر (0333_2634650

(الرزاق ڪمپيوٽر رابعه اسڪوائر حيدرآباد. 2787839)

قيمت : =/60 سٺ روپيه

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

---------- ڪتاب ملڻ جا هنڌ: ----------

آئيڊيل ڪتاب گهر: رابعه اسڪوائر، حيدرچوڪ، گاڏي کاتو حيدرآباد. سنڌ

پوسٽل ائڊريس: پوسٽ باڪس نمبر ۵۸ جنرل پوسٽ آفيس، حيدرآباد_سنڌ

- رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو
- گل ڪتاب گهر، لکي در، شڪارپور
- فرخ ڪتاب گهر، بئراج روڊ، سکر
- عزيز ڪتاب گهر، بئراج روڊ، سکر
- سنڌ بوڪ ڪلب، نواب شاهه
- سنڌي ادبي بورڊ اسٽال، تلڪ چاڙهي، حيدرآباد.
- پيتائي ڪتاب گهر، گاڏي کاتو حيدرآباد.

---

ADBI AAINO
By: Lekhraj Kishinchand Aziz
Published by: Naz Sanai
Chairman_ Sindhi Sahat Ghar
Rabia Squre, Gari Khato,
Hyderabad, Sindh.
Book No. 168. August 2006
Price Rs. 60/_

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# ٻه اکر

ليکراج ڪشچند عزيز جو نالو ڪهڙي سنڌيءَ نه ٻڌو هوندو؟ سنڌي ٻوليءَ جو ڀلوڙ شاعر، نثر نويس، تنقيد نگار ۽ ٻين ڪيترين ئي خاصيتن وارو ليکراج ڪشچند عزيز، اسان جي ٻوليءَ ۽ ادب ۾ اسان لاءِ هڪڙو اعزاز آهي. جن شخصيتن تي اسين فخر ڪري سگهون ٿا. ليکراج عزيز جو نالو انهن ۾ شامل آهي. سندس ڪتاب ”ادبي آئينو“ مضمون نگاريءَ وارن ڪتابن ۾ سدائين صف اول ۾ رهيو آهي. ڪيترو عرصو اهو ڪتاب ڪورس تي پڻ رکيل رهيو، اُن جي اهميت ۽ حيثيت گهٽائڻ لاءِ، اسان جي ڪيترن ئي محققن ۽ اديبن ڪوشش ڪئي ته ان ڪتاب جي جاءِ تي هڪڙو اهڙو ڪتاب آندو وڃي جيڪو اُن جي جاءِ وٺي سگهي. چاٽي واٽي ان ڪتاب کي مارڪيٽ مان گم رکيو ويو. طالب علم ۽ شائقين ان ڪتاب کي ڳوليندا رهيا، پر اهو ڪتاب ملي نه پيو سگهي.

سنڌي ساهت گهر، طرفان ان جو هيءُ ڀهريون ڪمپيوٽرائزڊ ڇاپو مارڪيٽ ۾ ان عزم سان آندو پيو وڃي ته اهڙي املهه ڪتاب کي سدائين مارڪيٽ ۾ موجود رکبو.

**ناز سنائي**

حيدرآباد
٢١ آگسٽ ٢٠٠٦ع

# سنا۽


| | | |
|---|---|---|
| • پيش لفظ | عبدالرحيم ڏيتو | ٥ |
| • مقدمو | غلام رسول بلوچ | ١٧ |
| • گذارش | ليکراج ڪشنچند عزيز | ٢٤ |
| • انسان | | ٢٥ |
| • محبت | | ٢٩ |
| • سهائي رات | | ٣٢ |
| • سچ | | ٣٥ |
| • قوم جي بزرگ هستي | | ٣٧ |
| • ڏوريان ڏوريان مَ لهان | | ٤٠ |
| • اُميد | | ٤٣ |
| • شعر ۽ شاعرو | | ٤٦ |
| • گذريل زمانو | | ٥٠ |
| • ڏک سکن جي سونهن، گهوريا سک ڏکن ريءَ | | ٥٣ |
| • سچ جو اُلهڻ | | ٥٦ |
| • گل جي زباني | | ٥٩ |
| • مقاطعن جو نيلام | | ٦٢ |
| • لطيفي لات | | ٦٨ |
| • پوترتا | | ٧٥ |
| • مان جيڪر تارو هجان ها | | ٧٩ |
| • جيئن سو هرڻ هاءِ | | ٨٢ |
| • غم ۽ خوشي | | ٨٥ |
| • علم ادب ۽ زبان | | ٨٨ |
| • رنگ ۾ پينگ | | ٩١ |
| • سسئي سچي سک | | ٩٤ |
| • بهار | | ٩٦ |
| • ساٿيهہ جي سک | | ٩٩ |
| • سچ جو اپرڻ | | ١٠٢ |
| • عشق جي زباني | | ١٠٤ |
| • اتفاق | | ١٠٩ |
| • سامي جا سلوڪ | | ١١٢ |
| • منهنجي نئين ٽوپي | | ١١٥ |
| • جيوڻ جت | | ١١٨ |

بسمر الله الرحمٰن الرحيمر
نحمده ونصلّي علىٰ رسول الكريمر

# پيش لفظ

وکر سو وهاءِ، جو پٽي پراڻو نہ ٿئي.

ڪنهن بہ ٻوليءَ جو ادبي سرمايو ان جي ڳالهائيندڙن لاءِ آئيني مثل آهي، جنهن ۾ انهن جي تهذيبي ۽ تمدن، ريتن ۽ رسمن، اخلاق ۽ عادتن، بهادري ۽ بيباڪيءَ جا داستان جهلڪندا نظر اچن ٿا. زنده قومون پنهنجي ادبي سرمائي تي فخر ۽ ناز ڪن ٿيون، ڇو جو کين خبر آهي تہ نہ صرف سندن ترقيءَ جي راهہ تي گامزن ٿيڻ، بلڪ زنده رهڻ جو دارومدار ئي ادبي سرمائي جي بقا ۽ بهبود، حفاظت ۽ ترقيءَ تي آهي. انهيءَ ڪري ڪا بہ بيدار قوم پنهنجي ادبي سرمائي کي ڪڏهن بہ اڻين هانيءَ هڃڻ يا بيدرديءَ سان فنا ٿيڻ نہ ڏيندي آهي.

سونهاريءَ سنڌ جي ساهتيہ کي سينگارڻ لاءِ ڪيترن ئي غواصن غوطا هڻي، سمنڊ سوجهي، سنڌ واسين کي سهڻا، من مهڻا، ماڻڪ ۽ موتي ميڙي سهيڙي، سپرد پي ڪيا آهن. پر افسوس! جو اسين پنهنجي سست رفتاري ۽ بي توجهيءَ سبب، اڄ تائين انهن جواهر پارن جي لائق قدر شناسي ڪرڻ ۾ ڪوتاهي ڪندا رهيا آهيون، جنهن ڪري ڪيترو ئي انمول ادبي سرمايو هڪ طرف پراڻين پچندين تي اڏوهيءَ جو کاڄ بنبو رهيو آهي، تہ ٻئي طرف وري جيڪو ڪلهہ روز روشن جيان پوري آب تاب سان چمڪي انسانن جي دل ۽ دماغ کي منور ڪري رهيو هو، سو بہ گم ٿي رهيو آهي.

ڪجهہ عرصي کان الحمدلله، سائينءَ وري بہ وڙ ڪري، سنڌي ادب جي ڪشتي ڪناري لڳائڻ لاءِ سڌائو واءُ ورايو آهي، جو ڪي ادبي ادارا، خصوصاً سنڌي ادبي بورڊ، وغيره، سنڌي ادب جي هن ڪميءَ کي پوري ڪرڻ جي ڪوشش ۾ جنبي ويا آهن. سنڌي ڪاليج حيدرآباد جي سنڌي ادبي مجلس بہ يوسف جي خريدارن ۾ نالي ڳڻائڻ خاطر، سنڌي ادب جي جوت جهڪي ٿيل ادبي جواهر پارن کي وري نئين سر اجاري ۽ سينگاري ، علم دوست حضرات جي سامهون آڻڻ لاءِ، الله توهار ڪري چڪي آهي. مجلس جو هيءُ پهريون ڪتاب پيش خدمت آهي.

"ادبي آئينو" سنڌي ادب جي مايہ ناز هستي ۽ بلند پايہ اديب ليکراج ڪشنچند "عزيز" جي ڪلادار قلم جو نتيجو آهي. سندس پر لطف لکڻيءَ نہ صرف

هر مضمون ۾ لطف پيدا ڪيو آهي. بلڪ پوري ڪتاب کي آفاقي شهرت جو مالڪ بنائي ڇڏيو آهي. ههڙي نادر ڪوشش لاءِ مصنف کي جيتري جس ڇئجي، سا ٿوري آهي.

حقيقت ۾ ادبي آئينو "عزيز" صاحب جي طبعزاد مضمونن جو هڪ سدا سهڻو آئينو آهي. جنهن ۾ سنڌس مرڪندڙ شخصيت سان گڏ، ان وقت جي معاشري جي زنده تصوير پڻ بڪندي ۽ جهلڪا ڏيندي نظر اچي ٿي. ڪيس تعريفي ۽ بياني مضمونن کان شايد فڪري مضمونن جي زمين زياده زرخيز لڳي ٿي، جو سنڌس قلم آزمائي گهڻو تڻو فڪري مضمونن طرف ئي مائل ڏسجي ٿي. عبارت، ترتيب ۽ خيال جي گهرائي توڙي اصليت جي لحاظ کان هي مضمون پڙهڻ ۽ پروڙڻ وٽان آهن. خصوصاً طالبعلمن کي هن مجموعي جون هيئيون حقيقتون ۽ وصفون ويچاري، سيني ۾ سميٽڻ گهرجن.

**فڪري ۽ فلسفي نقطا:**

"عزيز" صاحب جي قلم ۾ قدرت اها ڪرامت سمائي آهي، جو فلسفي جهڙي خشڪ ۽ منجهيل موضوع کي به سليس ۽ سلوٽي سنڌيءَ ۾ تمام گهڻي طرح سان سلجهائي، سمجهائي ۽ عام فهم بنائي پيش ڪري ٿو. انسان، محبت، سچ، اميد، گل جي زباني، عشق جي زباني، گذريل زمانو، پوترتا، مان جيڪر ڪارو هجان، غم ۽ خوشي، اتفاق وغيره مضمونن ۾ فڪر ۽ فلسفي جي نت نون، دقيق ۽ عميق نقطن کي پنهنجي خيالن جي خوبيءَ سان اهڙو ته صاف ۽ سٿري رنگ ۽ ڍنگ ۾ پيش ٿو ڪري، جو پڙهڻ سان انسان ۽ انساني زندگيءَ جون ڪيئي مختلف ۽ مخفي ماجرائون محسوس ۽ معلوم ٿيڻ لڳن ٿيون ۽ انهن جو چور اثر ٿن جي تاريڪيءَ ۾ نور، سيني ۾ سرور، من ۾ موج مستي، هنبين ۾ هوڏ هستي، دل ۾ دهشت، دلداري، قلب ۽ قرب قراري جان ۾ جوش، جنبش، جستجو ۽ جان نثاريءَ جا جذبا جاڳايو ڇڏي.

ساڳي وقت شاهه جو به ڪو شيدائي ٿو ڏسجي جو شاهه جي رسالي مان ڪيترن ئي چونڊ بيتن يا مصراعن کي موضوع بنائي، پنهنجي علم ادراڪ، فهم فراست ۽ بصيرت جي بنياد تي انهن جي معنيٰ ۽ مفهومُ ۽ روحاني راز رمزن جي پنهنجي پاجهاري ٻولي ۾ اپٽار ڪري ساري مجموعي کي محبتي متوالن ۽ سلوڪ جي سالڪن لاءِ چٽڪ معرفت جي موتين جو مهراڻ بنائي ڇڏيو اٿس.

الغرض، ادبي آئيني ۾ مشڪل ڪو اهڙو مضمون ملندو جنهن ۾ پاڻ پرکڻ، سائين سڃاڻڻ ۽ انسانيت کي اجاگر ڪرڻ جو ڪو نه ڪو فڪري يا فلسفي نقطو نظر نه ايندو هجي.

**اخلاقي ۽ ناصحانہ نسخا:**

"علم ادب ۽ زبان" واري مضمون ۾ ادب جا ٽي پاڳا بيان ٿيل آهن. ١_ وندرائيندڙ ٢_ جذبا اڀاريندڙ ٣_ سکيا ڏيندڙ

"عزيز" صاحب جا اڪثر مضمون ٽئين قسم جي ادب سان لاڳاپو رکن ٿا جن ۾ هڪ مبلغ ۽ ناصح جي حيثيت ۾ اخلاقي ۽ اصلاحي نسخا ڏيندي صاحب موصوف هڪ طرف ساٿيهہ جي سڪ، واري سبق ۾ مارئيءَ جي بي لوث وطني محبت، جرئت ۽ جانثاريءَ جا مثال ڏيئي ڏيئي سنڌين ۾ حريت، قوميت ۽ وطنيت جو روح ڦوڪي ٿو تہ ٻئي طرف وري سماجي سڌاري لاءِ "مقاطعن جي نيلام "وغيره" ۽ معاشري جون اوڻايون نروار ڪري، انهن کي سنوارڻ ۽ سڌارڻ جي واٽ سونهائي ٿو.

پنهنجي متعصب معاشري جا وڪا پڌرا ڪندي "منهنجي نئين ٽوپي" واري مضمون ۾ لکي ٿو تہ "منهنجا هندو يائر کهڙا نہ تنگ دل آهن جو فقط ٽوپيءَ ۾ اسلام سمايل نظر ٿو اچين!" ۽ ٻئي هنڌ وري هندو مسلم فساد کي نديدي انهيءَ زهر جي اوتار لاءِ "لطيفي لات" جي تات کي ترياق طور استعمال ڪرڻ جو ڏس ڏئي ٿو.

نہ فقط ايترو پر ڏسجي ٿو تہ "عزيز" صاحب ساري انسان ذات جي برادري پاءُ خاطر خود غرضي ختم ڪري، قرب، اخلاص، پاڪيزگي ۽ تسليم سان گڏ سسئي ۽ سهڻي جي سڪ سوز جا ساغر ڇلڪائي، پنهنجي مضمونن ۾ تن جي تازگي ۽ روح جي راحت لاءِ مذهب ۽ ملت، سلوڪ ۽ معرفت، علم ۽ حڪمت، عمل ۽ محبت وغيره جا ڪيئي ڪارگر نسخا قلمبند ڪيا آهن، جن جي استعمال سان سيئي ذهني، جسماني توڙي سماجي برايون دور ٿي سگهن ٿيون.

**منظر ڪشي ۽ فطرت نگاري:**

"عزيز" پنهنجي باريڪ بين نگاهہ سان صرف گرد و نواح بلڪ ساري ڪائنات جي عجيب و غريب اسرارن ۽ رنگارنگي روئداد کي ڏاڍي غور ۽ خوض سان پرکيو ۽ پروڙيو ٿو پائنجي. سنڌس مشاهدي جي قوت بہ ڏاڍي تيز ٿي ڏسجي. هڪ سچاڻ نقاش جيان پنهنجي مضمون ۾ قادر جي قدرت جا اهي نقش ۽ نظارا ويهي چٽيا اٿس جو پڙهندي روح ريلو ڪايو وڃي.

سنڌس "سهائي رات" تہ فطرت جي لات سان پري پيئي آهي. ڇپي ڇپي تي چانڊوڪيءَ جو ڇهڇٽو ۽ من موهيندڙ نرمل نظارا نروار نظر اچن ٿا. ائين پيو محسوس ٿئي جڻڪ چانڊوڪيءَ جي سفيد چادر ساري عالم کي اڇو ويس ڍڪائي فطرت ۾ نئون روح ڦوڪي رهي آهي جنهن ڪري هر هڪ ننڍي وڏي وستو، گل

يا ڳائڻي وانگر رنگن جي ميل يا گلي جي محتاجي ڪڏهن ڪا نه ٿي پوي." بلڪ شاعر پنهنجي ئي خيال ۾ محو ٿي "جدت پسند قدرت جا نت نوان گونا گون نظارا ڏسي، ڪيفيتن جي چٽساليءَ کان بي خود بڻجي، پنهنجو پاڻ پلجيو وهي ۽ خاموش فضا جي مائي پر اجهاڳ سمنڊ ۾ ٽٻي هڻي، پنهنجي رنگين طبع جي پاند ۾ مضمون جي موتين واريون سپون ڀري، فطرت جي معنيٰ کي پڌري ڪرڻ جي ذوق شوق کان مٿي اچي ڪاميابيءَ جي ڪناري تي لاهي ٿو، جنهن تي سخن جا جوهري شعر جو نالو ڏري، تحسين جا املهه ماڻڪ گهورين ٿا."

هن هڪ ئي جملي مان نه صرف شعر جي وصف ۽ شاعر جي اندرين ڪيفيتن ۽ ٻاهرين ماخذن جي خبر پوي ٿي بلڪ ان سان گڏ مصنف (جو بذات خود هڪ اعليٰ پايه جو شاعر آهي)، جي طبع جي فراواني، ادبي چاڻ ۽ ٻوليءَ تي دسترس وغيره جي به پڪيءَ پت پروڙ پئجي وڃي ٿي.

البت هن مضمون جي پوري مطالع ڪانپوءِ ائين سو محسوس ٿئي ٿو ته هن مضمون جو عنوان ئي "شاعر" هئڻ سونهي ٿو، ڇو جو "شعر ۽ شاعريءَ" کان به "شاعر" جون وصفون وڌيڪ بيان ڪيون ويون آهن. مثلاً:

١_ "هو (شاعر) ڪهڙي به هنڌ ۽ ڪهڙي به وقت پاڻ ۾ هڪ آباد محفل آهي، جنهن جو زوح به پاڻ آهي ۽ شمع به پاڻ ته پروانو به پاڻ."

٢_ "ڀڏندڙن کي عشق ۽ حسن جون گرميون جلائي ڇڏين ٿيون ۽ شاعر جي باطني حواسن تي جيڪي ڪيفيتون طاري ٿين ٿيون، انهن کي هو مزي سان ڳائي نه رڳو پاڻ وجد ۾ اچي ٿو بلڪ ڪائنات جي ذري ذري کي به محبت جي مستيءَ ۽ بيخوديءَ جي نشي ۾ چڪنا چور ڪريو ڇڏي."

٣_ "مطلب ته شاعر ڪڏهن عاشق، ڪڏهن معشوق، ڪڏهن بهادر، ڪڏهن فيلسوف، ڪڏهن متڪلم، ڪڏهن حاذق حڪيم نظر ايندو ته ڪڏهن عالم امڪان جا مشاهدا ۽ عالم غيب جا محسوسات هن جي اندر مان دريا وانگر اڌمي ٻاهر نڪرندا آهن."

بهرحال ڏسجي ٿو ته هن مضمون ۾ "عزيز" صاحب هڪ اعليٰ شاعر جي حيثيت ۾ پاڻهي پنهنجي دل ۽ دماغ جي مخفي ماجرائن، طبع جي زور يا شاعري ملڪي ۽ ماخذن کي علمي مايه جي آڌار تي لفظي لباس پهرائي، باڪمال شعر جي تصوير چٽي ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

ساڳيءَ ريت "علم ادب ۽ زبان" جي ضمن ۾ به هڪ اعليٰ اديب جي حيثيت

سان ادب جي حقيقت، ماهيت، واڌاري ۽ ويجهه متعلق به ڪي اهڙيون ته چيده چيزون پيش ڪيون اٿس جي ادب جي طالبن لاءِ وري وري دهرائڻ ضروري آهن. مثلاً:

١ـ "ادب انسان جي غم ۽ خوشي، رحم ۽ غضب جي حالت ۾ پين ڪي پاڳي پائي بنائي انهن تي پنهنجي احساسات جي صداقت ثابت ڪرڻ جو نتيجو آهي."

٢ـ "ادب اديب جي امنگن ۽ جذبن جي لفظي لباس ۾ جيئري جاڳندي تصوير آهي."

٣ـ "ادب وندرائيندڙ، جذبا اٿاريندڙ ۽ سکيا ڏيندڙ هئڻ گهرجي."

٤ـ "موسيقي، شاعري، تحرير ۽ تقرير ۾ جيڪو اثر ۽ ڪشش آهي، اهو به علم ادب جي ڪوشش جو نتيجو آهي."

٥ـ "سلامت، شيريني، زور ۽ پاڪيزگيءَ سان گڏ "زبان جي وسعت انهيءَ حد تي پهتل هجي جو دريا کي ڪوزي ۾ بند ڪري سگهجي ۽ قطري کي سمنڊ بنائي وجهجي."

٦ـ "علم ادب جي ڪشادگي به زبان جي وسعت سارو آهي."

٧ـ "علم ادب ۽ زبان قومن جو روح آهي ۽ جنهن قوم جو روح مرده آهي سا لوٿ برابر آهي، جا لهوارو لڙهي وڃي نڪونج ۾ غرق ٿئي ٿي."

الغرض، علم ادب جي طالبن لاءِ هنن مضمونن ۾ شعر و شاعري ۽ ادب کي سمجهڻ لاءِ خاطر خواه مواد ميسر ڪيو ويو آهي.

تنقيد ادب جي هڪ وڏي ۽ اهم شاخ آهي. تنقيد جي ذريعي ڪري ۽ کوٽي جي خبر پوي ٿي. تنقيد جو فن هر ڪنهن علم توڙي فن جي واڌاري جو ذريعو بڻجي سگهي ٿو. بشرطيڪ تنقيد جي اوزار کي صحيح نموني ۾ استعمال ڪرڻ لاءِ ڪنهن جراح جو هٿ نصيب ٿئي جو حسن ترتيب سان ساڙ ۽ کوٽ کي خارج ڪري، صاف ۽ سهڻي مواد کي مٿي آڻي وڌڻ ويجهڻ جي توفيق بخشي. "ادبي تنقيد لاءِ علم نظر جي وسعت، حقيقت شناسي ۽ مذاق جي صحيح هجڻ جي ضرورت آهي."

هن مجموعي ۾ "سامي جا سلوڪ" هڪ تنقيدي مضمون آهي، جنهن ۾ "عزيز" صاحب ڪلام جي انيڪ اوڻاين کي خوش اسلوبيءَ سان نروار ڪري، اصلي ۽ حقيقي خوبيءَ کي اهڙو ته دل لڀائيندڙ انداز ۾ اجاري، چٽو چوکو ۽ چمڪندڙ بنائي پيش ڪيو آهي، جو پڙهڻ سان ساميءَ جي سلوڪن جي باطني جوت جلوا وجهي اسان جي دل کي چڪمڪ وانگر چڪڻ لڳي ٿي.

مضمون پڙهڻ ڪانپوءِ پروڙ پوي ٿي ته ساميءَ جو ڪلام بناوٽ جي خط خال کان بلڪل خالي آهي. "نه منجهس درد آهي نه گداز، نه عاشقاڻو سوز ۽ ساز، نه

معشوقاڻو ناز ۽ انداز". "ڪن جاين تي تہ سنڌي بہ پختي نظر ڪانہ ايندي". ازانسواءِ "لفظن جو تڪرار بہ گهڻي قدر ڏسڻ ۾ ايندو جيتوڻيڪ اهو پنهنجي جاءِ تي مصري ٽڙ جو مزو ڏيندڙ آهي". الغرض تہ "ظاهري ملمع ڪاريءَ جي داغن کان ڪلام جو دامن بلڪل صاف ۽ خالي آهي." جي ڪٿي ڪو تشبيهہ ۽ استعاري کان ڪم ورتو ويو آهي تہ اهو بہ اٽي ۾ لوڻ برابر آهي.

ايترين اوڻاين هوندي بہ "ساميءَ جا سلوڪ" دل آويز، آٿت ڏيندڙ ۽ اندر جي اڻ تڻ لاهيندڙ لڳن ٿا. ڪلام بلڪل مانيٺو، آنند ڀريو ۽ باطني جوت جو ڀنڊار نظر اچي ٿو. ڪٿي چٽجي تہ "سندس سڄو ڪلام هڪ نصيحت نامو آهي، مگر سندس نصيحت رس ڀري ۽ ٿار ٺري آهي."

اهو سڀ مصنف جي قلم جو ڪمال آهي جو ڪلام جي هيترين سارين ڪمزوري کي اهڙي تہ سهائيندڙ نموني ۾ نروار ڪري اصل کي اجاگر ڪيو اٿس، جو چٽڪ اهي سيئي ٻاهريان پردا آهن جي هوندي جيڪر ساميءَ جي سلوڪن ۾ سمايل اندرين جوت کي جهپائي ڇڏين.

مضمون جي پوئين حصي ۾ ڪلام جي حاصل مقصد سان گڏ واڻيءَ جي واڪاڻ ۽ ان جي جاذبيت جو ذڪر ڪيل آهي. باقي سلوڪن جي ساخت تي ڪا بہ روشني ڪا نہ وڌي ويئي آهي.

عزيز، شاهہ عبداللطيف عليہ رحمت جي لاثاني ڪلام جو وڏو شائق ۽ ثناخوان آهي. ڪيترن ئي چونڊ بيتن جي معني، مقصد ۽ روحاني راز رمزن جي اپٽار ڪري شاهہ جي فلسفي جي روشني ۾ ديس ڀاين کي سلوڪ معرفت، اخلاقي اصلاح، روحاني ترقي ۽ سماجي ڀلائي جا بيش بها سبق سيکاريا اٿس. مگر ساميءَ جي سلوڪن جيان شاهہ جي رسالي تي ڪو بہ جامع نوٽ ڪو نہ لکيو اٿس. البت "لطيفي لات" واري مضمون ۾ سو هڪ هنڌ لکي ٿو تہ. "هيل تائين شاهہ جي رسالي کي فقط سلوڪ ۽ تصوف جي نگاهہ سان ڏٺو پئي ويو آهي. حقيقت ۾ تصوف جي بلند چوٽيءَ تي هر ڪنهن جي ذهن ۽ خيال جو پکي پهچي نٿو سگهي. منهنجي خيال ۾ شاهہ جي ڪلام تي نئين سر نگاهہ وجهڻ ۽ ان تي وري ڀيهر غور ڪرڻ جي ضرورت آهي. سچ پچ تہ پٽ ڌٽيءَ جي وسيع نگاهہ تمدن ۽ ملڪي ترقيءَ جي اسبابن ڏي بہ آهي. منجهس بشريت، وطنيت، قوميت، حريت جي تعليم سان گڏ محنت ۽ عمل ڪرڻ جي بہ بار بار اپٽار ڪيل آهي." "هن سنڌ جي هر هڪ مٿل شيءِ ۾ نئين حياتي ڦوڪي، چرندي ڦرندي ڪري ڏيکاري آهي، جنهن ڪري ئي چٽجي ٿو تہ شاهہ صحيح معنيٰ

۾ سنڌي هو ۽ آهي." ۽ "جيڪڏهن شاهه جي ڪلام تي فقط تصوف جو رنگ چڙهيل هجي ها ته هر دلعزيز نه ٿي سگهي ها. ڇاڪاڻ جو ڪو به ڪلام جي پنهنجي زمين زمان ۽ حال قال جي موافق نه هوندو ته هو هر وطنين کي دلچسپ نه لڳندو ۽ نڪا دلاويزي پيدا ڪري سگهندو." وغيره.

صاحب موصوف جو مٿيون خيال ڪيترو به ڪري سهڻو ۽ نيڪ هجي، پر هتي اسان کي اها ڳالهه صاف طور سمجهي ڇڏڻ گهرجي ته "ادب مان مادي فائدي جي اميد، ان جي روحاني ۽ جمالياتي خصوصيت کي خاڪ ۾ ملائي ڇڏي ٿي." ۽ خاص طرح شاهه صاحب جهڙي عظيم المرتبت ۽ برگزيده شاعر جي سڳوري ڪلام کي بنا ڪنهن جتن جي موڙي مروڙي مادي مقصدن تائين محدود رکڻ جي ڪوشش ته هيڪاري هانيڪار ثابت ٿئي ٿي، ڇو جو پيٽ ڏٺي بادشاهه جي ڪلام جو جڏهن مقصد ئي آهي روح کي رب سان ملائڻ، جيئن پاڻ خود فرمائين ٿا ته.

"بيت مَ ڀانيو ماڻهوا، اِي" آيتون آهين."
نيو من لائين، پريان سندي پار ڏي."

پوءِ ان کي ٻين ڪن مڪروه مقصدن ڏي منسوب ڪرڻ جي مراد ان پاڪ پيغام جي توهين ڪرڻ نه ٿيندي ته ٻيو وري ڇا ٿيندي؟

دراصل شاهه صاحب نه صرف هڪ هرفن مولا شاعر آهي، پر ساڳي وقت هو هڪ اعليٰ درجي جو وطن دوست انسان، حڪيم، فيلسوف ۽ اهل الله پڻ آهي. انهيءَ ڪري هن جي همه صفت ڪلام ۾ سندس رنگين مزاجيءَ جا ڪيئي نوان رنگ روپ پسجن ٿا. مگر هن جو نصيب العين اهو ئي ساڳيو "پرينءَ تائين پهچڻ" آهي. يعني هن جي ڪلام نيڪ انجام ۾ شريعت ۽ طريقت، عبادت ۽ رياضت، عشق ۽ محبت، يا عمل ۽ خدمت، حريت ۽ وطنيت، قوميت ۽ بشريت وغيره جا جيڪي به پهلو نظر اچن ٿا، سي سڀ جزا آهن انهي ڪل، جا يا ڪٿي ڇنجي ته ڏاڪا ۽ ذريعا آهن. پرين تائين پهچائڻ جا، ۽ انهن مان ڪنهن به هڪ جزي کي ڪل قرار ڏيڻ يا پرين ڇوڙ ڪيڏي نه وڏي ڀل ڇٽبي!

اسانجو مصنف به انهيءَ غلطيءَ کان پاڻ بچائي نه سگهيو آهي. پنهنجي مطلب خاطر ـ پوءِ اهو ڀلي ڪٿي ڪيڏو به اوڇو ڇو نه هجيس ـ ڪيترن ئي بيتن ۾ "پرين" يا اهڙن ٻين لفظن جي اوٽ تي معنيٰ ڪڍي، ڪلام جي اصل مقصد يا روحاني پهلوءَ تي واري ورائي ڇڏي اٿس. مثال خاطر ساڳئي مضمون "لطيفي لات" ۾ ڪتب آندل شاهه جا هڪ ٻه بيت پيش ڪجن ٿا:

"تڏيءَ ڪوسيءَ ڪاھ، ناھي ويل ويھڻ جي،
متان ٿئي اونداھ، پير نہ لھين پرينءَ جو."

هن بيت ۾ هينان لکي ٿو تہ "پرينءَ جو لهڻ معنيٰ مقصد کي پهچڻ" ۽ ان مقصد کي وري دنياوي خوشنودي ۽ پيٽ پوڄا تائين محدود ڪري ڇڏيو اٿس! بس هڪ ٿي مثال مان پتو پئجي وڃي ٿو تہ ڪيڏانهن شاھ جي سسئي يا هڪ حق جو طلب جو پنهنجي پنهون يا محبوب حقيقي جي تلاش ۾ سر ڌڙ جي بازي لڳائي، هرڻ ۽ هماءَ جيان سڄ ۾ سر گردان رهڻ کي ئي حقيقي سک سمجهي، تہ ڪيڏانهن وري "عزيز" صاحب وارو ماني ٽڪر جو محتاج انسان! حق جا طالب تہ پنهنجي عزت ۽ خوشي سکي ٽڪر هٿ ڪرڻ ۾ نہ، پر پتنگ جيان پرين مٿان پاڻ گهوري ڇڏڻ ۾ ئي محسوس ڪندا آهن. پرينءَ پرچائڻ ڪانسواءِ هنن جي آڏو دنياوي لذتون تہ ڇا پر عابدن ۽ صالحن کي آچيل الستي انعام، بهشت ۽ جنت جهڙا فرحت بخش مقام ۽ حورون غلمان بہ ڪا معنيٰ نٿا رکن. ڇاڪاڻ تہ هو خالق کي ڇڏي، خلقيل شين جي طلب ۽ توائي ٿيڻ نہ چاهيندا آهن. هن ڏس ۾ خواجہ محمد زمان صاحب بہ پهرين (حق جي طالبن) جي منزل کان پوين (جنت جي مشتاقن) جي منزل کي گهٽو گهٽ قرار ڏيندي فرمائي ٿو تہ:

"عارف ۽ عشاق، پسڻ گهرن پرينءَ جو،
جنت جا مشتاق، اجا اوراهين ٿيا."

اهڙي طرح مولانا روم جو بہ ساڳيو خيال آهي تہ:

مُلت عشق از همہ دينها جدا است،
عاشقارا مذهب و ملت خدا است.

ساڳئي لهجي ۾ شاھ صاحب فرمائي ٿو تہ:

نکو ڪم ڪفار سين، نڪا مسلماني من،
نڪا دل دوزخ ڏي، نڪي بهشت گهرن،
ائين پيا چون، تہ پرين ڪجو پنهنجو."

مگر "عزيز"، شاھ صاحب جي انهيءَ بيت جي تشريح ڪندي لکي ٿو تہ. "شاھ جي واسطي پرين آهي عالمگير برادري! (نعوذ بالله منها) ڇو جو پرين سڀ ۾ وسي ٿو!"

شاھ جي ڪلام مان هھڙيءَ طرح مطلب ڪيڻ سان روحاني ۽ جمالياتي پهلوءَ جو ڪهڙو حشر ٿئي ٿو، سو فيصلو پڙهندڙن تي ڇڏجي ٿو. باقي پنهنجي وطن

فساد جو ڪارڻ بنجڻ وغيره ڪي طنز طور فلسفيانہ انداز ۾ ننديو اٿس. ازانسواءِ "منهنجي نئين ٽوپي" ۾ مذهبي ڪٽر پڻي، تنگ دلي، غلامانہ ذهنيت وغيره ۽ "مقاطعن جي نيلام" ۾ جوف تي عزت وڪڻڻ، آپو آپ ۾ هڪ ٻئي جي پاڙ پٽڻ، آفيسرن جي لاپرواهي ۽ غريبن جي بيوسيءَ جو اهڙي تہ سهڻي ۽ دلچسپ انداز ۾ ذڪر ڪيو اٿس جو پڙهندي دل ئي نٿي ڀاپي. ڏاڙهين ۽ پروچن تي ٽيڪا ٽپڻيون ڪي قدر ڪاريون لڳن ٿيون. باقي "عزيز" هن ميدان ۾ بہ پنهنجو مٽ پاڻ آهي.

**ترتيب ۽ عبارت:**

ادبي آئينو "عزيز" صاحب جي مختلف وقتن تي لکيل مضمون جو مجموعو آهي، جنهن ۾ ڪل اوڻٽيهہ خيالي، بياني، فلسفي، فطري، اخلاقي، اصلاحي، تنقيدي ۽ مزاحي مضمون شامل ڪيل آهن. ڪتاب ۾ مضمون ڪنهن بہ خاص ترتيب تحت يڪجا ڪيل نظر نٿا اچن، باقي هوئڻ هر هڪ مضمون ۾ بحث طلب موضوع جي اسبابن کي نهايت ئي سنجيدگي ۽ خوش اسلوبيءَ سان چنڊي ڇاڻي نتيجي تي پهچي پڙهندڙن لاءِ غور ۽ فڪر جو سامان مهيا ڪيو ويو آهي ۽ خيال جو سلسلو بہ بلڪل زنجير جيان ڪڙوڪڙيءَ سان ائين ملايو ويو آهي جو، ڪو بہ حصو هڪ ٻئي کان الڳ ڪري نٿو سگهجي. خيال وري نيڪ نيتي، بلند تخيل ۽ وسيع تجربي تي مبني نظر اچن ٿا ۽ پاڪيزه خيالن سان گڏ لفظن ۽ اصطلاحن يا تشبيهن ۽ تمثيلن وغيره جو انتخاب پڻ ڏاڍو سهڻو جاذب ۽ عام فهم لڳي ٿو. جيڪڏهن ڪٿي ڪي عربي، فارسي، سنسڪرت يا سرائڪي گفتا يا محاورا ملن ٿا تہ اهي بہ ڏاڍا سهائيندڙ ۽ موقعي پٽاندڙ يا تہ ماڳهين سندن طور استعمال ٿيل آهن.

"عزيز" صاحب بحث دوران مضمونن ۾ ٻولي مٺي لولي جيان صاف سهڻي، شيرين ۽ سوادي، فصيح ۽ مائيدار ڪتب آندي آهي. خاص طور "رنگ ۾ ڀنگ" ۽ "جيوڻ جت" وغيره ۾ ڳوٺاڻي زبان ۽ محاورا استعمال ڪرڻ سان تہ حد ڪمال ڪيو اٿس. ٻئي طرف سهائي رات، بهار، شعر ۽ شاعري، گل جي زباني، سج جو اڀرڻ وغيره مضمون وري "عزيز" جي اعليٰ تخيلي قوت، جمالياتي ذوق ۽ شاعرانہ لطافت جي ساک ڀرين ٿا.

اهڙيءَ طرح سان ڏسجي ٿو تہ "عزيز" هنن مضمونن ۾ ڪٿي خشڪ منطقي جي ويس ۾، ڪٿي جمالياتي جذبي تحت شاعرانہ شغف ۾، ڪٿي درد دل رکندڙ مصلح منصف جي روپ ۾، تہ ڪٿي وري مذاق ۾ مٺي زهر پياريندڙ نقاد جي حيثيت ۾ مشغول ملي ٿو، مگر هر مقام تي فڪرانہ سنجيدگيءَ سان زندگيءَ جي

تمام نفيس ۽ نازڪ معاملن تي نهايت ئي پرخلوص انداز ۾ غور ۽ فڪر ڪندي نظر اچي ٿو ۽ هر خيال جي نتيجي کي پنهنجي سادي مگر پر لطف عبارت ۾ اهڙي تہ دلنشين انداز ۾ نروار ڪري ٿو، جو پڙهڻ سان دل تي هڪ قسم جو ڪيف تاري ٿيو وڃي ۽ دقيق توڙي خشڪ خيال بہ رنگين ۽ دلچسپ محسوس ٿيڻ لڳن ٿا.

الغرض "عزيز" جو اسلوب بيان ڏاڍو پيارو ۽ جيءَ جيارو آهي، جنهن ۾ سادگي ۽ شستگي، معنيٰ ۽ مناسبت، رنگيني ۽ موافقت، اختصار ۽ زور، مزو ۽ لطافت پريا پيا آهن. اهين ڪٿي چئجي تہ عزيز، ادبي آئيني کي مضمون نويسيءَ جو هڪ مثالي ڪتاب بنائي، سنڌي نثر کي حقيقي شان بخشڻ جو حق ادا ڪري ڏيکاريو آهي.

آخر ۾ آءُ سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي جي صدر ۽ ۽ سنڌي نصابي بورڊ جي چيئرمين محترم جناب علي نواز جتوئي صاحب جن جو تهدل سان شڪر گذار آهيان جن جي ڪرم فرمائيءَ هن ڪار عظيم کي ڪناري تائين پهچائڻ ۾ واهر ڪئي آهي.

علم دوست حضرات جي دلچسپي ۽ بي اي جي شاگردن جي واقفيت وڌائڻ واسطي هن ڪتاب ۾ محترم غلام رسول بلوچ ليڪچرار شعبہ سنڌي، سٽي ڪاليج جي ڪوشش ۽ محنت سان لکيل مضمون "سنڌي مضمون نگاريءَ جي ارتقا" کي مقدمي طور شامل ڪيو ويو آهي، جو اميد تہ شاگردن لاءِ مددگار ثابت ٿيندو.

ناظرين حضرات کي التماس آهي تہ ڪتاب ۾ جيڪا ڀل چُڪ يا ڪمي پيشي نظر اُچي، سا براءِ ڪرم تصحيح واسطي لکي موڪليندا، تہ جيئن ٻئي ايڊيشن ۾ ان کي درست ڪيو وڃي.

اوڳڻ ڪري اپار، تو در آيس داسڙا!
جيئن تو رسڻ سنڌيون روح ۾،
تئن مون پيٽي ناهي پتار!
سائين، لڳ ستار!، ميٽ مدايون منهنجون.

آگسٽ ۱۹۶۴ع
سٽي ڪاليج، حيدرآباد سنڌ

عبده
**عبدالرحيم ڏيٿو**
صدر سنڌي ادبي مجلس
سٽي ڪاليج حيدرآباد سنڌ

# مقدمو

مهراڻ جي من موهينڊڙو ماٿر مان اڄ کان تقريباً ٣٠٠٠ سال اڳ عالمن ۽ اديبن، مفڪرن ۽ مورخن، مفسرن ۽ محدثن، سخن ور ۽ سخن دانن جو هڪ وڏو قافلو آڏا ۽ ترڇا، لساءِ لهوارا لڪ لتاڙيندو گذري ويو. انهيءَ قافلي جي سرواڻ هجڻ جو سهرو سنڌي علم و ادب جي بنياد وجهندڙ علامہ ابوالحسن ٺٽويءَ جي سر تي ئي سونهين ٿو. هن صاحب سنڌ ۽ سنڌ واسين تي احسان عظيم ڪندي سنڌي ٻوليءَ کي اها نعمت بخشي آهي، جنهن بنا ڪا بہ ٻولي زبان جي حيثيت حاصل نٿي ڪري سگهي. يعنيٰ آئيوينٽيا يا الف بي. درحقيقت علامہ ابوالحسن مرحوم اُهو پهريون شخص هو جنهن سنڌي ٻوليءَ ۾ الف بي جوڙي، سنڌي ادب ۾ نثر ۽ نظم لاءِ ڄڻ تہ دروازا کولي ڇڏيا.

سنڌي ٻوليءَ کي انهيءَ تي فخر ۽ ناز هئڻ گهرجي جو ڪيس پالڻ ۽ پوڻ لاءِ اهي شخصيتون نصيب ٿيون آهن جي حال سان گڏ ڪال جا مالڪ پڻ آهن. هن ڀاڳهاري ٻوليءَ لاءِ اها خوش قسمتي ۽ خوش بختي چئبي جو سندس نظم جو پهريون ڇپيل ڪتاب علامہ ابوالحسن ٺٽويءَ جهڙي محدث ۽ مفڪر جو جوڙيل "مقدمة الصلوات" آهي جو سن ١٧٠٠ع ڌاري ڇپجي ظاهر ٿيو. وري نثر ۾ لکيل پهريون ڪتاب بہ آخوند عزيز الله جهڙي بزرگ ۽ ڪامل انسان جو جوڙيل تفسير قرآن پاڪ آهي، جو ١٨٠٠ع ڌاري ڇپجي منظر عام تي آيو.

سنڌي ادب ۾ نثر جو نئون دور ١٨٥٣ع کان پوءِ شروع ٿئي ٿو، جڏهن آئيوينٽيا کي نئين سر اُجاري ۽ سينگاري پيش ڪيو ويو. سنڌي ادب ۾ نثر جون سڀ صنفون جهڙوڪ ناول نويسي، ناٽڪ نويسي، مضمون نويسي، تنقيد نگاري پيدا ٿيون ۽ ترجما، تاليفون ۽ تصنيفون ٿيڻ لڳيون. مطلب تہ نثر هر طرف کان ترقيءَ جي راهن ڏانهن گامزن ٿيڻ لڳو. ان وقت هن ادبي قافلي کي هڪ پيو ساٿي بہ نصيب ٿيو، سو آهي شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ مرحوم.

هڪ اديب معاشري ۾ وڏو ڪردار ادا ڪري ٿو. هو صحيح معنيٰ ۾ معاشري جو معمار آهي. هو هڪ غواص بنجي ادب جي آٿاہ ۽ عميق ساگر جي پاتال ۾ پيهي اهي هيرا ۽ موتي آڻي ٿو جن سان جهان جرڪي اُٿي ٿو. مرزا صاحب مرحوم صحيح صحيح معنيٰ ۾ واديءَ مهراڻ جو غواص هو جنهن اُهي ماڻڪ ۽ موتي ميڙيا جن سان

نہ صرف مهراڻ جي ماٿري ڀهڪڻ لڳي، پر سڄي ادبي دنيا منور ۽ روشن ٿي وئي. مرزا صاحب مرحوم تي سنڌ وارا جيترو بہ ناز ڪن اهو ٿورو آهي. پاڻ نہ رڳو هڪ شاعر ۽ نثر نويس هئا، پر سنڌي ادب ۾ ناول نويسي، ناٽڪ نويسي ۽ مضمون نويسيءَ جي ابتدا ئي مرزا صاحب جن ڪان ٿي.

مضمون عربي لفظ "ضَمن" مان نڪتل آهي جنهن جي لغوي معنيٰ آهي گڏ ڪرڻ ۽ سندس اسم مفعول آهيَ. "مضمون" جنهن جي معنيٰ آهي گڏ ڪيل[1] ڪنهن بہ موضوع تي گڏ ڪيل خيالن کي مضمون چيو وڃي ٿو. جيئن تہ مضمون عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي تنهن ڪري يقيناً مضمون نويسيءَ جي ابتدا بہ عربن کان ٿي آهي. مضمون نگاريءَ جو رواج سڀ کان پهرين "بديع الزمان همذاني" نالي هڪ عرب وڏو جيڪو ٣٥٧ھ مطابق ٩٦٩ع ۾ همذان يا همدان ۾ تولد ٿيو ۽ اتي ئي ٣٩٨ھ مطابق ١٠٠٨ع ۾ وفات ڪيائين. "انسائڪلو پيڊيا آف اسلام" کيس خراج تحسين پيش ڪندي لکيو آهي تہ[2]

'Wonder of the age' a Title of the honour given to Arab writer Al_ Hamdani.

ساڳيءَ طرح فارسيءَ ۾ پڻ "حميد الدين ابوبڪر عمر بلخي حميدي، ٿي گذريو آهي، جنهن ١١٦٤ع ڌاري وفات ڪئي ۽ سندس مضمونن جو ڪتاب "مقامات حميدي" ١١٥٦ع ۾ ڇپجي ظاهر ٿيو هو.[3] مضمون کي اڪثر مقالہ بہ ڪري چوندا آهن. جيڪو عربي لفظ آهي ۽ قول مان نڪتل آهي جنهن جي لغوي معنيٰ آهي چيل يا لکيل ڳالھہ.

سنڌي ادب ۾ مضمونن جو پهريون ڪتاب "مقالات الحڪمت" آهي، جو شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ صاحب سنہ ١٨٧٩ع ۾ فرنسزبيڪن جي ڪتاب 'Bacon's Essay (بيڪن جا مضمون) تان ترجمو ڪري، سنڌي ادب ۾ هن نئين صنف جو آغاز ڪيو. مرزا صاحب ڪتاب جي ديباچہ ۾ اِن ڳالھہ جو هن طرح ذڪر ڪيو آهي:

"جيتوڻيڪ عقل ۽ سياڻپ جون ڳالهيون ڪتاب ۾ هيڏي هوڏي پکڙيل مليو سگهنديون، مگر اهڙا ڪتاب جن ۾ اهي سڀ ڪن چونڊيل مضمونن تي گڏ لکيل هجن، سي خاص سنڌيءَ ٻولي ۾ ٿورا آهن يا تہ مور ڪينهن." انهيءَ مان ظاهر آهي

---

[1] المُنجد – جديد عربي اردو لغات – دارالاشاعت ڪراچي صفحہ نمبر ٧٣٠_

[2] انسائيڪلو پيڊيا آف اسلام. واليوم (I) ١٩١٣ع صفحہ ٥٥٦

[3] انسائيڪلو پيڊيا آف اسلام. واليوم (II) ١٩٢٧ع صفحہ ٢٥١

تہ "مقالات الحڪمت" ڪان اڳ مضمون جي صنفن تي اجان قلم آزمائي نہ ڪئي وئي آهي.

هن ڪتاب بابت ايترو چوڻ آهي تہ هيءَ فلسفي مضمونن جو هڪ مجموعو آهي، جنهن ۾ حڪمت جا مقال ۽ ڳوڙها فلسفي خيال سادي، مٺي ۽ وڻندڙ ٻولي ۽ سهڻي اسلوب ۾ پيش ڪيا ويا آهن. جيتوڻيڪ هي نصيحت ڀريا نقطا انگريزي ادب جا آهن پر ان هوندي بہ سنڌي ادب جي جان آهن.

مضمونن جو ٻيو مجموعو "گلدستو" سنڌ جي ٻن برک اديبن ليلارام پريمچند واڌواڻي ۽ ڏيارام وسڻ مل مير چنداڻيءَ سنہ ١٩٠٧ع ۾ ڇپائي ظاهر ڪيو. هن ڪتاب ۾ جدا جدا اديبن جا مضمون ڏنل آهن جيڪي اُن وقت جي اخبارن، رسالن، مخزنن ۽ ٻين ادبي ڪتابن تان ورتل آهن. مضمونن جو هيءَ مجموعو عوام ۾ ڏاڍو مقبول ٿيو. چاڪاڻ تہ هن ۾ اڪثر مضمون طبعزاد آهن. ۽ اديب جي پنهنجي خيال ۽ قلم مان نڪتل آهن. ٻيو وري سنڌي ٻوليءَ جو سٽين انگريزيءَ جي امتحان ۾ لازمي حيثيت ملي وئي، انهيءَ نہ رڳو هن ڪتاب کي مقبول بڻايو، پر ادب جي هن صنف پڻ ڪافي ترقي ڪئي ۽ سنڌي اديبن جو توجهہ هن طرف ڏينهون ڏينهن وڌڻ لڳو. جنهن ڪري سنڌ جي هڪ سهڻي ليکڪ ڪوڙيمل چندن مل کلناڻيءَ ١٩١٥ع ۾ "ڦول مالا" نالي هڪ ننڍڙو مضمونن جو ڪتاب جوڙي حيدرآباد جي قيصرہ پريس مان ڇاپارايو. هن ڪتاب ۾ ٢١ ننڍڙا پر نصيحت ڀريا مضمون ڏنل آهن. ائين ڪٿي چئجي تہ ايکهين گلن جي هڪ مالها آهي، جنهن کي ڪوڙيمل صاحب سڪ ۽ سوز سان سموهي سنڌ واسين جي ڳلي جو سينگار بڻايو.

جلد ئي سنڌ جي مشهور و معروف اخبار "جوت" جي مهتمم ۽ سنڌ جي مايہ ناز اديب پرمانند ميوارام پنهنجي اخبارن ۾ لکيل ٿيهارو ورهين جي جدا جدا مضمونن کي ڪيڏي هڪ ڪتابي صورت ڏني، ۽ سندس پهريون ڀاڱو "گل ڦل" جي نالي سان سنہ ١٩٢٥ع ۾ ۽ ٻيو ڀاڱو سنہ ١٩٣٦ع ۾ ۾ ڇپرائي منظر عام تي آندو. هن ڪتاب ۾ اخلاقي، تعليمي، تواريخي، سائنسي ۽ ٻين انيڪ قسمن جا مضمون ڏنل آهن. جن مان چند مضمون ٻين اديبن جا پڻ لکيل آهن. ڇڻ تہ هيءَ هڪ سڳنڌ ۽ سرهاڻ سان ڀريل گلن ڦلن جو گلستان آهي، جنهن مان ادب جا شيدائي ۽ پروانا پوئرن جيان گل گل تان واس وٺيو پيا مست و مگن ٿين.

مضمون نويسيءَ جو اهو سلسلو ڪجھ وقت تائين هلندو رهيو. ان عرصي ۾ ڪيترائي چونڊ مضمونن جا ڪتاب، جن جا ماخذ اڪثر اُن وقت جون اخبارون ۽ رسالا هئا، ادبي ميدان ۾ ايندا رهيا. سنہ ١٩٢٦ع ۾ سنڌي ٻوليءَ جي مخلص خادم، ڊي جي

سنڌ ڪاليج جي پروفيسر پيرومل مهرچند آڏواڻيءَ واديءَ مهراڻ جي هڪ مانجهي مڙس ۽ "سرسوتي" اخبار جي سد احترام ايڊيٽر ساڌو هيرانند شوقيرام آڏواڻيءَ جي لکيل نصيحت ڀريل مضمونن کي، جي هن سرسوتي اخبار ۾ ڪجھ وقت کان پئي لکيا، گڏ ڪري ڇپارايا ۽ نالو ڏنائين؛ هيري جون ڪڻيون" حقيقت ۾ آهن بہ هيري جون ڪڻيون، جن مان جوت جهلڪا ڏيو پئي بکي. وري سنہ ١٩٣٢ع ۾ نانڪرام ڌرمداس مير چنداڻيءَ "بهارستان" جي نالي سان اخلاقي ۽ ناصحانہ مضمونن جو هڪ مجموعو شايع ڪرايو، جنهن ۾ پڻ مختلف اخبارن، رسالن ۽ ڪاليجي مخزنن مان جدا جدا اديبن جا چيدا مضمون چونڊي جمع ڪيل آهن. بهارستان کي پڙهڻ سان انسان جي منجهيل من کي اُهي بهاري پريون هيرون لڳن ٿيون، جو موڙهل من هڪ دفعو وري کليو تازو ٿيو پوي.

شروعات ۾ مضمونن جي هنن مجموعن ۾ صرف نثر کي جاءِ ڏني ويندي هئي، پر پوءِ ڪي اهڙا انتخاب پڻ شايع ٿيا، جن ۾ نظم ۽ نثر ٻنهي کي آندو ويو. اهڙي قسم جو پهريون انتخاب "ادبي تحفہ" جي نالي سان محمد صديق ميمڻ ٣١-١٩٣٢ع ۾ مرتب ڪري ڇاپارايو. هن ڪتاب ۾ "سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي" طرفان منعقد ڪيل مشاعرن ۽ ادبي گڏجاڻين ۾ پڙهيل مضمون ۽ شعر وغيره گڏ ڪري ڇاپارايا ويا آهن. حقيقت ڪري هيءُ سنڌي ادب لاءِ هڪ لاثاني "تحفو" آهي.

آهستہ آهستہ اهو رنگ جهڪو ٿيڻ لڳو ۽ پراڻن مضمونن کي، جي اڪثر جدا جدا اديبن جا هوندا هئا، سامهون رکي اُنهن کي دهرائڻ بدران پنهنجا نوان مضمون لکجڻ شروع ٿيا. انهي ڪري اديبن ۾ شعور بہ وڌيو ۽ سنڌي ادب جي اهميت پڻ زياده محسوس ٿيڻ لڳي. اهڙن ڪتابن ۾ سڀ کان پهريون ڪتاب "چٽنگون" سنڌ جي هڪ ڪهنہ مشق اديب تيرٿ وسنت ١٩٤٠ع ۾ ڇاپارايو. رام پنجواڻي ۽ نارائڻداس ڀنڀاڻي جو "ادبي غنچو"، ليکراج ڪشچند "عزيز" جو هيءُ "ادبي آئينو" ۽ عطا حسين موسويءَ جو "ڪجھ ڪوڏيون" بہ انهيءَ وقت جا يادگار آهن.

سنڌي زبان جي روز افزون ترقي ۽ سنڌس ادبي اهميت ان وقت جي تعليمي نظام ۾ پڻ انقلاب آندو ۽ ان وقت جو برسراقتدار طبقو سنڌيءَ کي نہ صرف مئٽرڪ پر بي اي تائين تسليم ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويو، جنهن سبب اهڙا مضمونن جا انتخاب تيار ٿيڻ لڳا، جيڪي اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ مئٽرڪ کان وٺي بي اي تائين پڙهايا ويا ٿي. اهڙن قسمن جي ڪتابن ۾ سڀ کان پهرين بمبئي يونيورسٽيءَ پاران سنڌي بورڊ آف اسٽڊيز هڪ مضمونن جو مجموعو نالي "سنڌي نثر ۽ نظم جو

انتخاب" خاص مئٽريڪيوليشن امتحان لاءِ تيار ڪرايو. اهو ڪراچيءَ جي سندر ساهتيہ ۱۹۴۲ع ۾ ڇپرايو. ان ڏس ۾ ٻيا بہ ڪيترائي انتخاب "چونڊ سنڌي نثر و نظم" ۽ "انتخاب نثر" وغيره هڪ ٻئي پٺيان ڇپجي پڌرا ٿيا.

عام طور تي اهڙن مجموعن جي ترتيب وقت مختلف اخبارن ۽ رسالن جي چنڊچاڻ ڪري مضمون منتخب ڪيا ويندا هئا، پر ڊي جي سنڌ ڪاليج جي پروفيسر لالسنگ هزاريسنگ آجواڻيءَ، ڏيارام ڇيتمل، سنڌ ڪاليج مسيلنيءَ جي چاليهن سالن جي جلدن مان چونڊ ليک چونڊي "ويچار" نالي هڪ مضمونن جو مجموعو ۱۹۴۴ع ۾ تيار ڪرائي ڇپرايو. ويچار تي جيڪڏهن ويچاربو تہ معلوم ٿيندو تہ سنڌ ڪاليج مسيلني سنڌ ۽ سنڌي ادب جي هڪ وڏي خدمت سرانجام ڏني آهي. نہ صرف سنڌي ساهت کي زور وٺايو اٿس ۽ نثر کي پڪي پائي تي بيهاريو اٿس. پر ساڳئي وقت سندس ادبي ڪم جو دائرو ان وقت جي سيني اخبارن، رسالن ۽ ادبي ادارن کان نيارو ۽ وڌيڪ وسيع نظر اچي ٿو. آجواڻي صاحب پنهنجن لفظن ۾ فرمائي ٿو تہ "هيءَ هڪ اهڙو چشمو جاري رهيو آهي، جتي تازگي، ميٺاڄ ۽ نواڻ هميشہ آهن ئي آهن." اڳتي هلي لکي ٿو تہ "سنڌي تعليم يافتہ طبقي جا خواب ۽ خيال آسون ۽ اميدون، يادگيريون ۽ حسرتون من جا ڦرٽا ۽ چت جا چمتڪار جيتري قدر سنڌ ڪاليج مسيلنيءَ جي چاليهن سالن وارن پرچن ۾ نمودار آهن، تيترو شايد ئي ٻئي ڪنهن جڳهہ ڳوليا لڀن." الغرض، آجواڻي صاحب هڪ نئين راهہ کهڙي اهو ثابت ڪري ڏيکاريو تہ ڪاليج مسيلني، سنڌي ساهت کي سينگارڻ ۾ ڪيترو نہ ڪم ڪري سگهي ٿي.

سال ۱۹۴۶ع ۾ نهالچند ريواچند چٽناڻي ۽ ناراڻداس ميوارام پمپاڻيءَ (ادبي گلشن" نالي هڪ نثر ۽ نظم جو مجموعو ٽن ڀاڱن ۾ ڇاپارائي، سنڌي ادب ۾ گلن ۽ ڦلن سان جهنجهيل هڪ گلشن لڳايو. ساڳئي سال ۾ ڊاڪٽر رگهومل موٽواڻيءَ پڻ "گلابي گل" نالي سان هڪ نثر ۽ نظم جو مجموعو تيار ڪيو. هيءَ هڪ سچي روحاني جيوت ڏيندڙ پستڪ آهي، جنهن جي هر هڪ گل ۾ پنهنجي پنهنجي خوبي سمايل آهي.

سنڌي ادب ڏينهون ڏينهن ترقي پذير رهيو ۽ سنڌي ساهت کي سينگاريندڙ سرواڻ ادبي ميدان ۾ پاڻ موڪيندا رهيا. تان جو ۱۹۴۷ع تائين سنڌي ادب ۾ مضمون نگاريءَ جو جائزو وٺندي ڏسجي ٿو تہ هن ڏس ۾ ٻي انتها مضمونن جا مجموعا ادبي دنيا جو سينگار بنيا. جن مان مٿين سان گڏ هيٺيان پڻ قابل ذڪر آهن.

چيتنمل پرسرام جا "امرسن" ۽ "ڦلن مٽ"، ليلارام پريمچند جو "سدا چار"، چيتن ماڙيوالا جا "اڪبر جو جنم" ۽ "تاريخي مضمون"، نارائڻ داس ملڪاڻي جا "ڳوٺاڻي ڇپر" ۽ "انار دانه"، عثمان علي انصاري جو "درس عمل"، ان ڪانسواءِ "ادب ۽ مروت"، "انسان ۽ انسانيت"، "من جا مٺيا"، "مسافريءَ جو مزو" ۽ "سُٺر جو رنگ" وغيره پڻ ناقابل فراموش اضافا آهن.

جيئن جيئن مضمون نگاريءَ جو فن ترقي ڪندو ويو، تيئن تيئن اها ضرورت پڻ محسوس ٿيڻ لڳي تہ ڪي تنقيدي مضمون بہ ميدان ۾ آندا وڃن. انهيءَ ڏس ۾ سڀ کان اڳاٽو مرزا قليچ بيگ صاحب جو "سنڌي شعر" آهي، جو هڪ قابل تعريف تنقيدي مضمونن جو مجموعو آهي. ان ڪانسواءِ محمد صديق مسافر جا قرب قليچ ۽ ديوان فاضل، محمد صديق ميمڻ جي سنڌ جي ادبي تاريخ، ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جو مقدمہ لطيفي، ڪاڪي ڀيرومل جو لطيفي سُر، غلام محمد شهواڻيءَ جو ادبي اصول، ڊاڪٽر دائودپوٽہ جو ابيات سنڌي، لطف الله بدويءَ جو تذڪره لطفي، ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم خليل جو ادب ۽ تنقيد، منگهارام ملڪاڻيءَ جو ادبي اصول، هدايت الله مشتاق جو هدايت الانشاءِ، ڊاڪٽر بلوچ جو ڀيلاين جا ٻول، ڀمڀاڻي جو شاهہ جون سورميون، ڪلياڻ آڏواڻيءَ جا شاهہ، سچل ۽ سامي، ليکراج عزيز جو گل و خار، احسان بدويءَ جو تنقيد ۽ تنقيدنگاري، سليم هالائيءَ جو تذڪره شعراءِ هالا وغيره سنڌي ساهت کي نہ صرف سينگاريو آهي، بلڪ اُن کي هڪ اعليٰ مقام پڻ بخشيو آهي.

سال ۱۹۴۷ع کانپوءِ هن صنف ڏانهن ليکڪن جو لاڙو قدري گهٽ نظر اچي ٿو، جنهن جو خاص سبب آهي اسان جي هندو اديبن جو سنڌ کي خيرباد چئي هند وسائڻ. انهيءَ ڪري سنڌي ادب جي واديءَ ۾ ههڙن سهڻن ۽ سڳنڌ ڀريل گلن جي ڪجهہ ڪمي نظر اچي ٿي. تاهم ڪٿي ڪٿي بهار پنهنجو رنگ پي ڏيکاريو آهي ۽ ڪي ڪي سرها گل پي ٽڙيا ۽ ڪڙيا آهن، جن ۾ عطا حسين شاهہ موسوي جا سڳنڌ ۽ سرهاڻ، عبدالڪريم سنديلي جا سنڌ جو سينگار ۽ وينجهار، محمد علي دائودپوٽہ جو هيڪار، پاڪستان پبليڪيشن طرفان مهراڻ جا موتي، مهراڻ جون موجون، سنڌ جو سرتاج شاهہ عبداللطيف، منصور ثاني سچل سرمست وغيره، شاهہ عبداللطيف يادگار ڪميٽيءَ طرفان يادگار لطيف، محڪمہ اطلاعات مغربي پاڪستان طرفان ياد لطيف، نذر لطيف، بهار لطيف، سونهارو سچل، حضرت لعل شهباز قلندر وغيره جهمٽ مل جا عطر عروض ۽ چند سڳنڌ، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، محمد اسماعيل عرساڻيءَ جو سير ريگستان، ڪريم بخش خالد جي سنڌي صحافت، محبوب علي چنہ جو لطيفي لئون، علي نواز جتوئيءَ جو سنڌي

صحيفو، سراج جي سنڌي ٻولي ۽ ٻيا تنقيدي، فلسفي ۽ ادبي مضمونن جا مجموعا ۽ مختلف اخبارن، مخزنن ۽ رسالن (خصوصاً نئين زندگي ۽ مهراڻ" ۾ وقتاً وقتاً شايع ٿيندڙ مضمون هن اجڙيل ادبي گلشن جي ويرانيءَ کي واسيندا ۽ بهاري بخشيندا رهيا آهن.

بهرحال، سنڌي ادب جو مڪمل جائزو وٺندي ڏسجي ٿو تہ مٿي ذڪر ڪيل آزاديءَ کان اڳ يا پوءِ وارن اخلاقي ۽ ناصحانہ نسخن نہ صرف سنڌي ساهت ۾ نمايان قسم جو واڌارو ڪيو آهي، پر اُن سان گڏوگڏ سنڌي زبان کي ترقيءَ جي انهيءَ معراج تي رسايو آهي، جو ٻين ٻولين وانگر هيءَ پڻ اخلاقي ۽ اصلاحي ادب ۾ مالا مال ٻولي تصور ڪئي وڃي ٿي. در حقيقت سنڌي ساهت ۾ هي هڪڙي قسم جو پاڪ ۽ پوتر پاڻيءَ جو سهڻو سرچشمو جاري ۽ ساري رهيو آهي، جنهن مان پرت جا پهيڙا اخلاق ۽ اخلاص جو آب حيات حاصل ڪري، انسانيت جي سڪي ويل سلن کي وري وري سرسبز ۽ شاداب ڪندا پي رهيا آهن. مگر

"اڳهيو ڪائو ڪچ، ماڻڪن موٽ ٿي"

جي مصداق اسين هن عظيم ادبي ورثي کان ذرا منهن موڙي، ضرورت کان زياده افسانہ نگاريءَ وغيره جي وهڪري ۾ لهوارا لڙهي رهيا آهيون، جنهن ڪري نہ صرف سنڌي ساهت کي سخت ڌڪ ڏينهن ڏسڻا پيا آهن، پر ساڳئي وقت سنڌ واسين مان اهو اخلاق ۽ اخلاص بہ موڪلائيندو نظر اچي ٿو. بقول بابائي سنڌي مرزا قليچ بيگ:

"ويو اخلاص عالم مان عجب هيءَ دور آيو آهہ."

شال! رب سڀئين اسان کي توفيق ڏئي، جو هڪ دفعو وري نظر ڪٽي انهيءَ املهہ ادبي ورثي کي پڙهي، پروڙي پاڻ سنڀاليون ۽ وقت جي تقاضا مطابق حقائق تي مبني مقالن ۽ مضمونن جا مجموعا تيار ڪري سماج جي سڌاري جو ثمر سنڀايون.

ريڊيو پاڪستان وارن جو مان شڪر گذار آهيان، جن محترم عبدالقيوم "صائب" جو لکيل مضمون مهيا ڪري، مون کي هن مضمون لکڻ لائق بنايو. آخر ۾ پيلاري پيٽ ڏٽيءَ جي هن بيت سان اجازت وٺندس:

جي مون موڙهي مت، تہ پاڻ سڃاڻج سپرين،
اصل اواين جا، عيب ڍڪين تون آت،
اِيَ پِرا! تنهنجي پت، جيئن ولِهيون ڍڪين ولها.

سنڌي ڪاليج حيدرآباد
تاريخ ١٧ جولاءِ ١٩٦٤

خادم ادب غلام رسول بلوچ
ايم اي
انچارج: سنڌي ادبي مجلس سنڌي ڪاليج، حيدرآباد

# گذارش

مضمون نويسي اهڙو شريف فن ۽ اهم شغل آهي، جنهن جي ذريعي بلند خياليءَ ۽ علمي ترقيءَ ڪانسواءِ ملڪ جي اخلاقي، پنگتي، معاشرتي ۽ تمدني خدمت ڪرڻ جو عمدو موقعو ملي ٿو ۽ ماڻهو پنهنجي روحاني جذبن ۽ دلي خيالن جي پوري پوري ترجماني ڪري، پنهنجي آواز کي ملڪ جي ڪنن تائين پهچائي، مثل ديس ۾ همت ۽ جوان مرديءَ جو روح ڦوڪي، اُن کي زنده بنائي ٿو.

اگرچ هن ڪان اڳ ڪي مضمونن جا ڪتاب سنڌيءَ ۾ اڳيئي موجود آهن، جي پنهنجي معنيٰ ۾ ڪافي آهن، تنهن هوندي بہ سنڌي ساهتيہ ۾ اعليٰ مضمونن جي گهٽي گنجائش آهي. هيءَ "ادبي آئينو" منهنجن ٿورن پريشان خيالن جو مجموعو آهي، جنهن ۾ خيالي، بياني، مذاقي ۽ فيلسوفانہ مضمون درج ٿيل آهن، جو شاگردن ۾ تحريري مادي پيدا ڪرڻ لاءِ هڪ ادنيٰ ڪرشمو آهي، سنڌي ساهتيہ ۾ هڪ معمولي اضافو ۽ ادب جي شائقن لاءِ هڪ ناچيز تحفو.

ليکراج ڪشچند "عزيز"

# انسان

قدرت جي ڪارخاني ۾ انسان جي پيدائش نه فقط سڀني کان علحده آهي، پر شرفدار به. اگرچه انسان جي ظاهري بناوت ۽ طاقت جو مدار فقط پن اکين، پن ٻانهن ۽ ٻن ٽنگن تي آهي، پر قدرت هن کي اُهي باطني ۽ مخفي طاقتون ڏنيون آهن جن جو مثال ڪائنات جي ٻيءَ ڪنهن به شيءِ ۾ ڪو نه ملي سگهندو. ۽ اُهي آهن فهم ۽ فراست. هو انهن ٻنهي طاقتن جي وسيلي سڀ تي قادر آهي.

هن پاڻيءَ ۽ مٽيءَ جي ميلاپ مان ٺهيل جنس کي انهيءَ شرف ڪري سڀني مخلوقات جي صف ۾ نمايان ۽ بلند جڳهه مليل آهي. هن جي علم کان آسمان جي گردش، سج جو دورو، چنڊ جو ڪمال ۽ زوال ۽ تارن جو حساب، مطلب ته نظام فلڪيءَ جو سڄو چرخو لڪي نه سگهيو آهي. ڪڪرن جي رفتار ۽ برسات جي اندازي جو هن کي پورو پورو علم آهي. عميق سمنڊن جي تهه کي ۽ عالم آبيءَ جي قسمن کي انسان جهڙو ٻئي ڪنهن به نه سمجهيو آهي. دريائن جو وهڪرو هن جي وس کان ٻاهر نڪري نٿو وڃي ۽ جبلن جا گرم ۽ سرد ٽڪر، توڙي اُنهن جا مخفي خزانا سڀيئي انسان جي قبضي ۾ آهن. هو هوائن کي پنهنجي ڪم آڻي سگهي ٿو ۽ پاڻيءَ وغيره مان بجلي پيدا ڪري اُن جي تاثير کان معمولي توڙي ڳرا ڪم وٺي سگهي ٿو. ڏاڍن کان ڏاڍا جانور ۽ انسان ذات جي جان جا دشمن: شينهن، چيتا، بگهڙ، مڇ، آروڙ ۽ زهري نانگ هن جي هيبت کان ڏڪي وڃن ٿا، ۽ سندس عقل ۽ ڪيڏ جي اڳيان بازيگر جي ٻاندر وانگر نچن ٿا، يا گهرو پاليل ڪتي جيان پڇ لٽڪائي ويهن ٿا.

انسان هوا ۾ هوائي جهازن، زمين تي ريل ۽ موٽرن، پاڻيءَ جي مٿان ۽ هيٺان آگبوٽن ۽ زير آبين رستي قبضي ڪرڻ ۾ ڪيتري قدر نه ڪامياب ٿيو آهي! سندس وک زور وڌندڙ آهي. هيتريءَ ساريءَ ڪماليت جو صاحب هوندي به انسان اهڙو سياڻ وهيٺو آهي، جو ڪڏهن به هڪ حال تي مستقر نٿو رهي. ڪڏهن سياڻن ۾ سياڻو پيو لڳندو ته ڪڏهن مورک ۾ مورک، ڪڏهن پاڻ کي شاهه پيو سمجهندو ته ڪڏهن گدا.

ڪڏهن ٺڪر مانيءَ تي بہ راضي تہ ڪڏهن سڄي دنيا جي حڪومت ملڻ تي بہ بي صبر. هن جو غضب پنهنجن پراون جو خون هاري ٿو ۽ سندس رحم ڪيس هيٺن ۽ بيواهن جي خدمت ڪرڻ ۽ پرگهور لهڻ لاءِ بيچين ڪريو ڇڏي. ڪڏهن ٿوري ڏک کان روئي وجهي ٿو تہ ڪڏهن وڏين وڏين مصيبتن کي مُرڪي منهن ڏئي ٿو. هن جي چترائي پهلوانن کي نوايو ڇڏي تہ سندس کهرو ڳالهاءُ لڙاين جا پارڻ پاريو شهرن جا شهر چٽ ڪريو ڇڏي. ڪڏهن پرائيءَ لائيءَ چائيءَ ۾ مشغول هوندو تہ ڪڏهن ساراهہ ۾. ڪڏهن پاڻ کي پاءُ پيو سمجهندو تہ ڪڏهن سير. نہ هن کي عقل آڏو ڪڪر منجهائي ٿو ۽ نہ سونهن سڪائي ٿي. مطلب تہ پل پل جا پور نرالا اٿس. هو پنهنجي خيالي طاقت سان لحظي ۾ دنيا جي چئن ئي ڪنڊن جو سير ڪري ايندو، تہ ڪڏهن مونن ۾ منهن پائي هڪڙي ئي ڳارائي ۾ پيو ڳرندو. جي ڪنهن ڪم ۾ سوڀارو ٿيو تہ پاڻ کان ڪري پائيندو ۽ جي ناڪاميابُ ٿيو تہ سمورو بار تقدير جي ڪلهن تي اڇلي وجهندو، ۽ نہ پاڻ پرچائڻ لاءِ چوندو تہ مون گهڻيئي وس ڪيا، پر پاڳ ڪو نہ پڙايم. اها خبر ئي ڪا نہ پونديس تہ سندس اختيار ڪيل طريقا اڻپورا هئا، جنهن ڪري فتحمند نہ ٿيو.

انسان جي پورالي طبيعت جا بيشمار رنگ روپ آهن. قارون جي خزانن هوندي بہ قناعت ڪا نہ ايندیس. هميشہ وڏيڪ لالچ ۾ منهن پيو وجهندو. اها ڄاڻ بہ اٿس تہ حياتي کهنبي جو چنڪو آهي ۽ دنيا جو مال متاع سڀ اتيئي پيو هوندو، ساڻ نہ هلندو، ۽ هيتري ساريءَ طاقت جي گهمنڊ هوندي بہ لڳو واءُ تہ ويو ساهہ. پر تڏهن بہ رهندو ڪونہ. مال ڪانسواءِ اولاد ۽ دنيوي تعلقات کيس ايتري قدر تہ قيد ڪري رکن ٿا، جو اُنهن جي خوشيءَ ۾ پنهنجي خوشي ۽ غم ۾ پنهنجو غم پسي ٿو. هو هميشہ هڪ نہ ٻيءَ شيءِ پٺيان ڊوڙندو رهي ٿو. هڪڙي هٿ آيس تہ ٿوريئي وقت ۾ ان کان ڪنو ٿي، ٻيءَ جي طلب ۾ توائي ٿيندو، ڇاڪاڻ جو هو اصل کي ڇڏي فرع کي يا سچ کي ڇڏي اُن جي ڇاڇي کي چنبڙي ٿو. خود غرضيءَ ۾ خود پسنديءَ ڪري منجهس جنگيون جهيڙا هليا اچن. هو پنهنجي چاهہ کي ايتري قدر چاهي ٿو جو پنهنجي وضع قطع ۽ لباس کي دنيا ۾ سڀني کان سٺو ۽ اعليٰ ڪري ليکي ٿو.

ٻولي بہ سڀني کان شيرين، فصيح ۽ معنيٰ دار اُها آهي، جا پاڻ ڳالهائي ٿو. ٻيءَ ڪٿي ٻين زبانن ۾ ڪيترن ئي قسمن جا علم ۽ حڪمتون هجن، تہ بہ پنهنجي مٽ نہ ڪندن. هو وطن، قوم ۽ دوست بہ اُهي ئي عمدا ۽ سهڻا شمار ڪري ٿو، جتي ڄائو ۽ نپنو آهي، جنهن جي نالي سان سڏجي ٿو ۽ جن ۾ اُٿيو ويٺو آهي. مطلب تہ ٻيءَ شيءِ

جنهن ۾ هن جي مذاق جون خوبيون آهن يا جنهن مان هن جي ڪنهن خوبيءَ جي بوءِ اچي ٿي، اها خوب آهي. جي منجهس اُهي موجود نہ آهن تہ بري. جنهن ڪري هو اُهي خوبيون ٻين ۾ پيدا ڪرڻ چاهي ٿو. ۽ اُتن زوريءَ مڙهڻ کان بہ نٿو گسي. البت جڏهن پاڻ ٻي ٻولي سکي ٿو يا ڌارين جي وضع قطع ۽ لباس جي عادت ڪري ٿو تہ پوءِ اُن ۾ هن لاءِ هڪ قسم جو لطف پيدا ٿيو پوي. نہ فقط ايترو، پر ڪن حالتن ۾ تہ سندس اهڙي غلاميءَ جهڙي ذهنيت ٿيو پوي، جو انهن جي مٽ پنهنجي زبان ۾ رسمون بہ نہ سمجهندو.

ڌرم کان پياري ٻي ڪا بہ شيءِ ڪانهي، پر جڏهن پنهنجو ڌرم مٽائيندو، تڏهن اُن تي حملن ڪرڻ کان بہ عار ڪونہ ايندس. هو جيري لاءِ ٻڪري ڪهي وجهندو. انهيءَ خودپسنديءَ ۽ خود غرضيءَ ڪري دنيا ۾ جنگيون هليون اچن ۽ ٻي امني گهر ڪري ويئي آهي. تيسين دنيا مان ان فتني ۽ فساد جي پڇاڙي نہ ٿيندي، جيسين خود پسندي ۽ خود غرضيءَ جي مرض کي تڙي نہ ڪڍيو ويو آهي. نہ تہ دنيا ۾ صلح جون سڀ حڪمتون بيڪار آهن، نہ خون خرابيون بند ٿيون آهن ۽ نہ ٿينديون. جيتوڻيڪ سڀيئي مذهبي اڳواڻ هڪڙو ئي وحدانيت جو سُر آلاپي ويا. پراتري ڀاوَ ۽ سٺي سيرت لاءِ تاڪيد ڪيائون تہ بہ خود پسند ۽ خود غرض انسان چا چا نہ ڪري چڪو آهي ۽ هو سڄي عمر خود پسنديءَ ۽ خودغرضي جي بيابانن جي رڃ پٺيان پيو ڊوڙي ۽ مرڻ گهڙيءَ تائين پياسي رهجيو وڃي، ڇو جو غرض جي حد ڪانهي ۽ حياتي ناپائدار آهي. پر اهو ساڳيو انسان جڏهن من ماري ايتري قدر مَهين ڪري ٿو، جو سپني ۾ بہ اُن کي ڦُرڻو نٿو جاڳي تڏهن زمانو ڪيترا بہ ويس بدلائي، آسمان روز سَوَ رنگ ڏيکاري، تہ بہ هن تي ڪو اثر نٿو ٿئي. ڪهڙي بہ خوشي هن کي خوش نٿي ڪري ۽ ڪهڙو بہ رنج هن کي نٿو رنجائي. هن دنيا ۾ ڪنول گل وانگر گذاري ٿو ۽ هميشہ هڪ اهڙي رس منڊل ۾ رهي ٿو، جتي بهار ئي بهار لڳي پيئي آهي. هو جيڪي بہ ڏسي ٿو، سو باطني اک سان ۽ نہ ظاهريءَ سان. جنهن ڪري هن کي ڏٺي ۾ اُهو اڻ ڏٺو پاڻ پسائي ٿو، جوئي سچ آهي. انهيءَ سچيءَ هستيءَ کي سڃاڻي پاڻ کي هڏ ماس جو پيرو نٿو سمجهي ۽ اهو هوڪو هر هنڌ ڏي ٿو تہ پنهنجو اصل نڌاڻ سڃاڻو، هيءَ دنيا ڪوڙي آهي. وڻ جي ڇايا تي اعتبار ڪونهي ۽ ڪيتري بہ ڌوئڻ سان هيءَ ڪچي مٽيءَ جو پتلو صفا ڪين ٿيندو. اندر جهاتي پائي ڏسو تہ ڪير آهي، جو ٻولي ٿو، ڪير آهي، جنهن جو رڳ رڳ ۾ سير آهي، ڪير آهي، جنهن جي نڪري وڃڻ سان انسان جي سموري مٽيا مارجيو وڃي ۽ مردو ٿيو پوي. البت انهيءَ ڪير

ڪي ڏسڻ جو دستور ڪونهي ۽ ورلو ڪو ايڏانهن توجهه ڏئي ٿو. پر هيڪر جنهن جو توجهه ڪپي ٿو، سو رفته رفته اُن ڪي پسي ٿو ۽ بي اختيار ٿي چوي ٿو:

ٿي ڪشف هن تي راز اگر هست و بود جو.
بندو ٿئي خود آدمي پنهنجي وجود جو.

انهيءَ سچ چوڻ ڪري پوءِ هن ڪي ڪيترا به عذاب ملن ته خوش ٿي سهي ٿو ۽ رضا تي راضي ٿي، تلوار جي ڌار ۽ باهه جي پنيٽ جي وچ ۾ اهڙو ئي اڏول رهي ٿو، جهڙو پٽ هندورن ۽ حورن جي هنج ۾. مٽي ۽ سون هن لاءِ هڪ سمان ٿيو پون. ڪوسي ۽ ٿڌي هن ۾ تر جو تفاوت نه ٿي آڻي. هو هميشه سرور جيان سائو ۽ سڌو رهي ٿو. سندس منهن تي ڏک سک ۾ اها مُرڪ پيئي لهرائيندي، جا معصوم ٻالڪن جي چپن تي نظر ايندي آهي. هن جي روحاني طاقت ٻن چپن جي چورڻ سان خاڪ جي چپٽيءَ کي اڪسير ڪريو ڇڏي ۽ هن جي هڪ ئي نظر سان مٺل دليون جيئريون ٿيو پون. عالم غيب جا پاڪ رهاڪو اهڙي انسان جي نوراني نگاهه مان برڪت وٺڻ جا خواهشمند رهن ٿا. هن جي قلبي ڪشادگيءَ ۾ ساري خدائي اچي وڃي ٿي ۽ سندس اندروني جلوو، عالم علويءَ جي اوجن تي چنڊ واگر چمڪي ٿو. نفس، جنهن کي اسين رهزن سمجهون ٿا، تنهن کي هو رهبر ڪري ڇاڏي ٿو. ۽ چوي ٿو ته اهو نفس نه هجي ها ته اسين ملائڪن کان مٿي نه ڳڻيا وڃون ها. ڇاڪاڻ جو اهائي آزمائش آهي، جنهن مان پار پئي انسان "پاڻ سڃاڻ، پريو سڃاڻ" واري ڳجهارت پروڙي ٿو. ۽ سچ پچ ته اهڙو انسان ئي انسان آهي پر هن ۽ هُن تصوير ۾ ڪيڏو نه فرق!

❑

# محبت

سسئيءَ جبل جا آڏا ترڇيل رستا ڪين ڏٺا هئا. ڏونگر جي لاهين ۽ چاڙهين، وڻڪار جي ورن ۽ واٽن کان واقف ڪا نہ هئي. هن کي اها بہ خبر نہ هئي تہ بلوچ جو جو مڪان ڪهڙي ڏِس ڏي آهي، جنهن جي تلاش ۾ عورت ذات ٿي اڪيلي نڪتي هئي، ۽ انهيءَ ڪان پڻ اڻ ڄاڻ هئي تہ اُن تائين پهچڻ لاءِ ڪيس ڪهڙن لڪن تان لنگهڻو ۽ ڪهڙن ٽڪرن کي ٽاڪڻو پوندو. هن خطرناڪ پنڌ ۾ جا شيءِ سندس سونهين ٿي ۽ جنهن پنهل جي پار ڏي پهچڻ جو سڌو رستو ڏيکاريس، اُها هُئي سسئيءَ جي سڪ.

روح هڪ پاڪ ۽ لطيف شيءِ آهي. انسان جو قلب هڪڙو آئيني جي مثال آهي، جنهن کي جهڙيءَ طرح دنيا پرستيءَ جون غلاظتون جلد ڪارو ڪري ڇڏين ٿيون، جنهن ڪري هو ڪنهن بہ عڪس وٺڻ کان بيڪار ٿي پوي ٿو، اهڙيءَ طرح سچو پيار ۽ محبوب حقيقيءَ جي محبت هن جي صفائيءَ ۽ تاب کي وڌيڪ جلادار بنائين ٿا. ڇو تہ عشق اهو مهمان آهي، جو هميشہ اڪيلو رهڻ چاهيندو آهي، جنهن جي بہ قلب ۾ هن جو پير پوي ٿو، اُتي ٻي ڪا بہ غير جنس، جا محبت جي شوق ۽ ذوق کي آڏو ايندڙ هجي، سا رهي نٿي سگهي. عشق نهايت سختيءَ سان غير کي تڙي ڪڍي ڇڏيندو آهي. انهيءَ ڪري محبت واريءَ دل ۾ سڪ ۽ پريت ڪانسواءِ، عقل ۽ حواس، تعلق ۽ تمنائون، نفساني خيال ۽ شوق هرگز رهي نٿا سگهن، ڇاڪاڻ جو هنن جي وجود کي عاشق سدائين پنهنجو دشمن ۽ غير ڪري ڄاڻندو آهي.

انهيءَ ڪري هميشہ چوندا آهن تہ محبت سيني دردن جي دوا، محبوب جي وصال جو سچو وسيلو ۽ معرفت ۽ سلوڪ جي واٽن جي سچي رهنما آهي. جنهن وقت سالڪ جي دل ۾ پنهنجي پريءَ جي محبت جوش ڪرڻ لڳندي آهي، تنهن وقت انهيءَ محبت جو تاثير خود محبوب جي قلب ۾ بہ هڪ اضطرابي ڪيفيت پيدا ڪندو آهي، ۽ جيئن جيئن محبت پنهنجا تدريجي مڪان چڙهندي وڃي آخرين درجي تي

# سهائي رات

سارو ڏينهن سج جي سخت گرميءَ زمين تي باهه جا اُلا پئي وسايا. زمين لوهار جي ڪوري وانگر تپي ويئي هئي. جاين جي هوادار درين منجهان ڪوسي لُڪ اندر اچي جاين ۾ ڄڻ ڪنڊ پئي ٿي. بسترن ۽ انسانن جي جسمن کي به تپائي ڇڏيو هو. ماڻهو هن لوساٽ کان سڄو ڏينهن پئي لڇيا. هينئر مس مس شام آئي آهي، سج جي بدران آسمان تي چوڏهينءَ جي چنڊ ڪني ڪڍي ٿڌيءَ چانڊوڻ سان ڏينهن واريءَ باهه کي وسائڻ شروع ڪيو آهي. چانڊوڪيءَ جو اهو ڇهڇٽو ڪهڙو نه من موهيندڙ ٿئي ٿو.

پياري سهائي راتا تنهنجي من موهيندڙ نظاري جي بيان جي طاقت نه زبان کي آهي ۽ نه قلم کي. مان پليءَ پٽ ڄاڻان ٿو ته تون خود چنڊ جي بدولت اهڙي دلڪش لڳين ٿي ۽ خود چنڊ جو پرتاب اُنهيءَ روشني جي عڪس ڪان آهي، جنهن کي اسين سج سڏيون ٿا ۽ جنهن تي ڌرتي ماتا جو ناز آهي، پر تڏهن به اُنهيءَ ڪرڻن جي مرڪز ۾ اهو لطف ۽ دلربائي ڪانهي، جيڪا تنهنجي ٿڌيءَ روشنائيءَ ۽ خوشنما نور ۾ آهي. تنهنجي سفيد چادرعالم کي اڇو ويس ڍڪائي، فطرت ۾ هڪ نئون روح ڦوڪي ٿي. تنهنجي مٺي روشنائي اسان جي خوشين جي راتين کي وڌيڪ رونق افزا بڻائي ٿي ۽ غم جي راتين کي زياده غمگين. مگر عجب اهو آهي، جو تنهنجو چور اثر پنهنجي حڪمت سان غم کي نمڪين ڪري، اُها لذت پيدا ڪري ٿو، جنهن کي فقط اُهي ئي محسوس ڪري سگهن ٿا، جن تي اهڙي رات گذري هوندي.

ڏينهن جو سج جي اُتت کان ساوڪن ۾ گاهه جا ننڍا پن، جي ڪرمائجي ويا هئا، تن کي تنهنجي سيتل روشنائيءَ نئين سر تازو ۽ تر ڪري هڪ عجيب دلڪش لاڏ سان لڏائي ٿي. مکڙين، جن سج جي شوخ نهار کان ڏينهن جو چپ به ڪو نه ٿي چوريا، تن کي به تنهنجي خوشگوار اُهاءَ ڦولائي خندان ڪيو آهي. پهاڙن جون ڪاريون چوٽيون جنهن تي تنهنجو چهرو عالم کي سوپيا ڏيندڙ حسن جيان نظر اچي ٿو، سي ڪيئن نه تنهنجي سندر پرڪاش ماڻڻ لاءِ اُڪنڊيون بيٺيون آهن.

تنهنجي ٿي چانڊاڻ گوندر ۾ غرق ٿيلن جي جهوپڙين اندر سهائيءَ ۽ تسلي جو ڪارڻ بڻجي ٿي. چمن ۾ ننڍا ٻوٽا، جي ننڍڻ اُس ڪان ڏينهن جا چارئي پهر ٽيڙا ٽيڙي پيا هئا، سي تنهنجي جياپو ڏيندڙ جوت ۾ پنهنجي اُڀرندڙ جوانيءَ تي ناز ڪرڻ لڳا آهن.

عابدن ۽ اوجاڳو ڪندڙن جي عبادت ۽ بندگيءَ جي شوق شغف کي تون ئي زور وٺائين ٿي. اُنهن جي دلين کي اِها عبادت ئي روشن ڏيئي وانگر منور ڪري ٿي. اها ئي عبادت سندن دلين لاءِ بشير نذير ٿئي ٿي ۽ سالڪن لاءِ قسمين قسمين سلوڪ جا دروازا کولي ٿي. نہ فقط ايترو پر هنن جي خيالن کان قدرتي نظارن ڏانهن پوريءَ طرح توجهہ ڪرڻ جو موقعو عطا ڪري ٿي. هو ڏسن ٿا تہ قدرت پنهنجون ڪارروايون ڪهڙيءَ نہ خاموشيءَ سان هلائي ٿي ۽ ڪا بہ تبديلي هن جي وات مان هاءِ هوءِ جي صدا بلند نہ ٿي ڪري سگهي، مگر انسان اِنساني لاهين چاڙهين ۾ قدرت وانگر پاڻ تي ضابطو رکي نٿو سگهي. انهيءَ مهل انوار الاهيءَ جي واردات وڏ ڦڙي مينهن وانگر لڳاتار وسي ٿي. تنهنجي ئي سهائيءَ جي مدار تي قافلا ڪوچ ڪن ٿا ۽ جنن جي منٺي جهونگار خاموشيءَ جي عالم ۾ اُها راڳ روپ جي ڌن مچائي ٿي، جو مئل دلين ۽ سست ارواحن کي بہ هڪواري عالم ملڪوت جو سير ڪرايو وجهي. انهيءَ وقت خدائي قدرت جو اٿاهہ ساگر اکين آڏو ڦري ٿو، جنهن ۾ اسان جي خيال جي ڪشتي لڏندي لمندي سير ڪندي، هيٺ مٿي هڪجهڙو نظارو پسندي، يعني پاڻيءَ ۾ چنڊ پنهنجي تارن جي محفل سميت مسند نشين ٿيندو ڏسندي، اونهي ۾ ٽٻي هڻي، جتي ٻڏندي آهي، تتي مقصد جو ڪنارو لهندي آهي. اُن مهل آسماني تارن جي اشارن جو جواب پاڻيءَ ۾ ٻڏل تارا پيا ڏيندا آهن ۽ لهرين جا ڳاٽ هڪٻئي ۾ ٽڪرجي، ڦوهاري جي ڇنڪار جو نماءُ پيا ياد ڏياريندا آهن. مٿي کان هيٺ ڇڻ نور جو دريا پيو وهندو آهي. پياري سهائي رات! تنهنجي چنڊ جي ڪشش دريا کي اهڙو بود ۾ آڻي ٿي، جو دم سان دمجي وَہ مٿان وَہ اُڇليندو اچيو کپر سان ڪنڌ هڻي ۽ هر هڪ اوسام دانهن ڪندي، تنهنجي وصال لاءِ بي آب ماهيءَ جيان ڦٿڪندي، نانگ وانگر مٿي هيٺ ور وڪڙ ڪندي، لهرا ڪائيندي هلندي هلندي، نہ فقط ايترو پر ڦوٽا بہ ڦٿڪي پيا ڦِسندا آهن. ڪناري تي سندس (دريا جي) پريشان حالت کان ڦيڻ جا مڻ صابڻ جي گجيءَ مثال نظر پيا ايندا آهن. وري ڪڏهن ڪڏهن تنهنجو چنڊ ڇڊي ڇمر جي نقاب مان لڄاري ڪنوار وانگر لياڪا پائيندو آهي، تڏهن ڪيئن نہ سندس نور ڪڪر جي گهونگهٽ مان مشعل مثل پيو برسندو

آهي ۽ سندس جوين سبب ڪڪر بہ صاف سهيءَ جي تڪر جيان پيا پاسندا آهن. چڪور تنهنجي ئي چندرما تي مستّ آهي. مور تنهنجي سهائيءَ جي موج ۾ مجرو ڪندو، تہ چاهو ناچ نچندو ۽ ۽ واسينگ نانگ بہ ڦڻ ڪڍي خوشيءَ جون رانديون رهندو. مطلب تہ تون ئي سيني جي دلربا آهين ۽ توتي ئي سڀ شيدا آهن. تنهنجو ئي اُجالو اکين کي نور تہ دلين کي سرور بخشي ٿو.

❑

# سچ

اي سچ، تون ڇا آهين؟ تو ۾ ڪهڙو جادو ڀريل آهي، جو تنهنجي لاءِ سوري سيج آهي تہ سچ وسندي؟ تون ڪهڙو نہ زهر پياڪ آهين! تو جهڙو ڪڙي ۽ قاتل جو هيراڪ مشڪل ملندو. جيئن وھ ڏسين، تيئن وڌيڪ وهسين. مطلب تہ توکي رنج ۾ راحت ۽ زحمت ۾ رحمت نظر اچي ٿي. ساري دنيا ڪٿي هڪ طرف ٿي بيهي، پياري ۾ پياريون شيون، زال، ٻار، ماءُ، پيءُ دشمن ٿي بيهن، ڌن دولت پيو ڏڪڻا ٿي وڃن، لڪن جي جائداد ڦرجي وڃي، اُهي ڪاريءَ وارا ڪک نہ بچن جو ڪٿي مٿو لڪائجي، ڪاڙهي تتي ۾ وتجي هلبو، نوڪرون ڪاٺيون ۽ بار ڍوئبو، بدن پگهرن ۾ شر تہ پيرن تي مڻ مٽيءَ جا چڙهيل، هيءَ ميو متارو جسم هڏن جو پڃرو وڃي بچي، تڏهن بہ تنهنجي نراڙ مان اُهائي سچائي، اهائي بي پرواهي پيئي بڪندي. بيشڪ تنهنجو ئي پيچ، هڪ تقدير جو پيچ آهي، جيڪو هيڪر تنهنجي ڪمند ۾ ڦاسي ٿو، سو تنهنجي ئي دام ۾ سچي آزادي پسي ٿو ۽ دنيا جو ڪهڙو بہ قيد هن جي لاءِ قيد ڪونهي. جيئن جيئن تون زنجيرن ۾ جڪڙيو وڃين ٿو، تيئن تيئن تون پنهنجو جوهر وڌيڪ ڏيکارين ٿو. جيئن هيرو مُنڊيءَ ۾ ڏيکاريندو آهي. تنهنجي تاب کي ڪوڙ جا ڪڪر ڪجھ وقت جهپين ٿا، ۽ تون ڪين نيٺ چيري ڦاڙي آفتاب وانگر پنهنجي روشنيءَ جي جهلڪ سان سندن هستيءَ جي شبنم کي جذب ڪري معدوم ڪريو ڇڏين. تنهنجي مٺي آواز ۾ اها تڪبر جي صدا سمايل آهي، جا نفس ڪافر کي ڪُهي سچي ايمان جو سوجهرو بخشي ٿي. تنهنجو جرائت ڀريو آواز وڏن وڏن بهادرن ۽ قهارن جا قلب ڪنبايو ڇڏي. ماڻهو اوائل ۾ ڪيترا بہ عذاب ڏين، خلاف وڃن، ڪِلون ۽ ٺٺوليون ڪن، پر آخر تون ڪين موهي پنهنجو بنائين ٿو، جيئن نانگ کي جوڳيءَ جي مرلي، جي تنهنجي لڙھ لڳا، تن جي اڳيان سيني دنيوي طاقتن سر جهڪايو. تنهنجي گود ۾ اُهي سياڳا پلجن ٿا. جي خدا جا خاص خلقيل ٻانها آهن، هو تو ۾ ئي رهن ٿا، توکي ئي سڀ ۾ پسن ٿا ۽ تون ئي هنن جي هستي آهين. تو ۾

ڪيڏي نہ دليري آهي! ڪيڏي نہ جرائت! تنهنجا پير ڪهڙا نہ پختا آهن! ڪڏهن بہ لغزش نٿا کائين. ڦاسي هجي يا ڪورٽ، وچ سير هجي يا جبل جي چوٽي، پر تون هميشہ ثابت قدم. تنهنجي مقابلي ۾ سوَ اچن يا هزار، پر آخر ۾ بہ ڪين آٽين. تلوار جي هيٺان، بندوق جي منهن ۾ تنهنجو ارادو اهڙو ئي محڪم رهي ٿو. جهڙو رنگ محل جي هندورن ۾ يا طائوسي تخت تي. تنهنجي ارادي کي ڏک سک جي ڏون لوڏي نہ ٿي سگهي. باهہ جي گرمي، پاڻيءَ جي طغياني، خاڪ جي الايش، هوا جي سرڪشي تنهنجي راهہ رد ڪري نہ ٿيون سگهن. پر تو ۾ ايڏي طاقت آئي ڪٿان؟ توکي ڪنهن چٽيو، ڪنهن پاليو، ڪنهن نپايو، جو ههڙو نِڊر ۽ ثابت قدم آهين؟ سيئي ڌرم مذهب تنهنجي ساراهہ جا گيت ڳائين ٿا. تنهنجو ئي ذڪر ڪن ٿا ۽ توکي ئي ازلي نور جي سچي جهلڪ، جا ازل کان ابد تائين قائم رهي ٿي. باقي ٻي هر شيءِ کي فنا ٿا ڪوٺين. تنهن ڪري تون ئي سچي هستي چئبين ۽ تون ئي عبادت جو لائق آهين.

❑

# قوم جي "بزرگ هستي"

اوهان گهڻو ڪري ڏٺو هوندو تہ پهڻ مان ڪي اهڙيون پهڻيون بہ نڪرنديون آهن، جن جي چمڪاٽ سونهن ۽ گهاٽ، ڪري اُنهن ڪي هيرو يا لعل جو نالو ڏنو وڃي ٿو، ۽ اهي پنهنجي قيمتي نزاڪت ۽ نفاست ڪري مُلهہ مهانگيون ٿين ٿيون. ساڳيءَ طرح انسانن مان بہ قدرت جي پاران ڪنهن خاص انسان کي غير معمولي دل ۽ دماغ ڏنو وڃي ٿو. هُن ۾ انسانيت، همدردي ۽ قرباني جو انگ وڏي ۾ وڏو رهي ٿو. هُن جي حياتيءَ جو مقصد رهي ٿو عام جي ڀلائي ۽ خلق جي خدمت. هو ڪائنات جي شيءِ سان ايتري قدر واسطو رکي ٿو، جيتري قدر اُهي سندس رهبريءَ ۾ ڪارگر ٿين ٿيون. مگر جي مورڳو رهزن بڻجن ٿيون تہ اُنهن سان قطعاً ناتا ٽوڙيو ڇڏي. هُن جي نظر ۾ مال ۽ دولت هيچ آهن. هن لاءِ جيڪڏهن ڪا بہ قيمتي چيز آهي تہ اها آهي اندر جو آواز. هو انهيءَ تار جي تنوار پٺيان اٿين مست ۽ بست رهي ٿو. جيئن شمع جي شعاع تي پروانو، ۽ اهڙو خلوص جو پتلو ٿئي ٿو، جو پلجي بہ پاڻ ڪان ڪو نہ پڇي ٿو تہ مان ڪيتري قدر مخلص آهيان. سندس ڌرم ڪرم بہ اهو ئي اندر جو آواز آهي. ڌرم مان مراد مذهبي عقيدا نہ آهن، پر پاڪ باطن جي صدا، جنهن تي اهڙو انسان دل و جان سان بي اختيار عمل ڪري ٿو. اهڙي ماڻهوءَ جي دنيا سندس دل آهي ۽ دل ۾ ئي سڀ خزانا سمايل اٿس. دل جو هڪ هڪ اکر هن لاءِ قيمتي جواهر کان هزار بار وڌيڪ قيمتي آهي ۽ هو زمين تي خدا جي طرفان وڏي ۾ وڏي خاص عنايت آهي. هو سندس ئي پيغام سان پُر ٿي اچي ٿو. اسين کهڙي بہ خيال سان هن جي لڙهہ لڳنداسون تہ ضرور لاڀ پائينداسون. هو هڪ اهڙي زندگيءَ جو چشمو ٿئي ٿو، جنهن جي ڪنار ۾ آب حيات ئي آب حيات آهي، جنهن امرت رس جي وٺڻ سان اسان جون مرده دليون جيئريون ٿيو پون ۽ وقت بوقت زباني طرح يا عملي نموني ۾ سندس لاءِ عزت ۽ محبت جو اظهار ڪريون ٿا.

دنيا جي سيني قومن ۾ اهڙيون هستيون ٿي گذريون آهن، جن جون شاهد اُهي

ورسيون آهن، جي قومون سال بسال ملهائين ٿيون. اِن لاءِ، نہ تہ فقط سندن يادگيري تازي ڪريون، پر اُنهن هستين جو آدرشي روح جَهڙي اُنهن جهڙا ٿيڻ جي ڪوشش ڪريون. اُهي هستيون دنيا ۾ ڪيئن آيون، ڪهڙي طرح ورتاءُ ڪيائون ۽ سندس ڪارناما ڪهڙا هئا، جنهن ڪري ماڻهن جي دلين جي مسند تي سندن حڪمراني جاري رهي، اِهو هر هڪ سوال وڏو آهي ۽ داستان ڊگهو آهي. انهيءَ جي گنجائش هن مضمون ۾ محال آهي. سڀ تاريخون اٿلائي ڏسبيون تہ بزرگ هستين جي سوانح حيات آهن ۽ جي بزرگ هستيون پيدا نہ ٿين ها، تہ نہ اِهي لکجن ها نہ اڄ هجن ها.

البت اهو زمانو، جڏهن ماڻهو ڪرامت جا قائل هئا ۽ ڪنهن نہ ڪنهن انسان کي خدا ڪري پوڄيندا هئا، گذر ڪري ويو آهي، پر تنهن هوندي بہ ڪنهن نہ ڪنهن هستيءَ جي پرستش ڪرڻ انساني سڀاءُ ۾ آهي ٿي آهي، جنهن ڪري اڄ بہ اهڙين هستين کي آدرش يا نمونو ڪري وٺڻ جو سهڻو دستور جاري آهي، جنهن مان ئي ترقيءَ جي راهہ کلي ٿي.

جڏهن ڪا قوم بگڙي پوندي آهي ۽ پنهنجي حياتيءَ جو مقصد، عزت جو احساس ۽ زندگيءَ جو امنگ صفا وسري ويندو اٿس، سندس پنگتي، سياسي ۽ مالي حالتون تمام خراب ٿي پونديون آهن، پر وسيڪائي، بک، بيماري ۽ بيڪاري گهر ڪري وينديون آهن، ڌرم نيڪي مريادا (حسن معاشرت) ماڻهن مان موڪلائي وينديون آهن، هو ادب ۽ حيا جهڙين املهہ چيزن کي وساري ڇڏيندا آهن، ٻڌي پرشٽ ٿي ويندي اٿس، ۽ من مَلين، ٻين جي تمدن جا قائل ٿي پنهنجي پراچين سڀيتا وساري وهندا آهن، ڊنڀ يا پاکنڊ جي بازار گرم ٿيندي آهي، سنئين راهہ ڇڏي ڪُراه اختيار ڪندا آهن، بزدلن جيان هٿ هٺ تي رکي ويٺا رهندا آحن، ساهہ هوندي بہ مُردا ۽ ٻل هوندي بہ نرٻل، اکين جي ديد هوندي بہ اکين سڄا ۽ رڳن ۾ گرم خون هوندي بہ ٽڏا نڪر، مطلب تہ جڏهن ماڻهو هر طرح پست ۽ پائمال ٿي ويندا آهن، تڏهن اُنهيءَ قوم ۾ هڪ اهڙي هستي پيدا ٿئي ٿي، جا پنهنجي قوم جي خرابين ۽ اوڻاين کي جاچي ، ان جي بري حالت تي رت جا لڙڪ ڳاڙي ٿي، هُن جي دل ۾ سچو احساس زور وٺي ٿو ۽ قوم جي محبت جي آگ سندس دل کي جلائي ٿي. هو انهيءَ محبت جي جذبي کان بيقرار ٿي پنهنجي قوم کي اڳتي وڌڻ ۽ پنهنجي پنيءَ لڳڻ لاءِ دردناڪ آواز ۾ سڏي ٿو. هُن جو محبت ڀريو آواز قوم جي نبض ۾ حرڪت پيدا ڪري ٿو، ۽ سيئي بي اختيار هائو، حاضر چئي هن جي سڏ تي ڪڏ تي سندس پويان هلن ٿا. هو خدا جو نيڪ بندو قوم جي مُردن کي نيڪيءَ جي واٽ ٻڌائيندي ۽ دنيا جي لاهہ

## ڏوريان ڏوريان نہ لهان، شال مَ ملان هوت،
## من اندر جا لوچ، مَچڻ ملڻ سان ماٺي ٿئي.

محبت جي مصيبتن جي شيرين آواز ۽ ڏکن جي ڏولائن جي روح پرور تراني تي، عاشق جبلن کي جهاڳيندي، ڏيساور ڏوريندي، پٿرن تي ويو آهي، محبوب جي ڏوراهين منزل تي پهچڻ لاءِ ڏاڍا ڪشالا ڪڍي پنهنجي وجود کي فنا ڪري ڇڏيو اٿس، مگر اها جهلڪ، جا سندس روح کي نور جو مرڪز بنائي ۽ مقصود حقيقي جي وصال جي ابدي خوشي نصيب ڪري، سا اڃا هن جي اکين کان پري آهي. انهيءَ طلب ۾ هن جون خواهشون مارجي وڃن ٿيون، نفساني ۽ جسماني تعلقات ٽٽي پون ٿا، عوام ۾ چريو سڏجڻ ۾ اچي ٿو، رياضتن ۽ پاڻ مارڻ جي تڪليفن، مجاهدن ۽ عبادتن جي بي انتها ڏکن هن کي اهڙيءَ حد تي پهچايو آهي، جنهن کان ظاهر پرست جيڪر فرياد ڪري پيچي وڃن، پر هن سالڪ صادق کي انهن ڏکن مان، اُنهن مصيبتن مان، اُنهن نااميدين مان هڪ قسم جي روحاني تسڪين اچي ٿي. هن جو روح اُنهن سيني سورن کي پنهنجي پرورش ۽ آرام جو وسيلو سمجهي وڏيڪ تمنا ڪري ٿو تہ اي منهنجا محبوب، تون هميشہ مون کان پري رهہ ۽ ڪڏهن بہ پنهنجو پاڪ ديدار مون کي نہ ڪرائج، جيئن سدائين تولاءِ سڪندو وتان ۽ انهيءَ سڪ وچان وڏيڪ منزلون ماري تنهنجي جدائيءَ ۾ فراق جي مصيبتن جي اصلي لذت جو ذوق حاصل ڪري، اُنهيءَ ۾ ئي مست ۽ متوالو ٿي رهان. تنهنجي شوق جي باھ منهنجي بدن کي ساڙي ڀسم ڪري ڇڏيو ۽ آءُ سچو تنهنجي طلب ۽ تار ۾، تنهنجي ڳولا ۽ ياد ۾ فنا ٿي وڃان، ڇو تہ منهنجي اها فنائيت منهنجي بقا جو اصلي وسيلو ۽ حقيقي رستو آهي.

تهميد جو هي ٽڪرو حقيقت کان خالي نہ آهي. غور ڪري ڏسو تہ هڪ اُڃايل پاڻيءَ جي بن ڏکن جو پياسي رهي ٿو. پاڻيءَ جي پياس هن کي ڏاڍو بيتاب ڪري ٿي. شايد هڪڙو گلاس هن جي اندر جي اُساٽ لاهي ڇڏي، مگر اوچتو هو هڪ درياھ

تي پهچي وڃي ٿو. اگرچ هن جي پياس جي سختيءَ جي تقاضا هئي تہ هو درياھ جي محبت ۾ محو ٿي وڃي ۽ جنهن شيءِ جي اٿاڻ کيس مرڻينگ حالت تي پهچايو هو، اُن جي هستيءَ ۾ پاڻ کي محو ڪري ڇڏي، مگر ائين ڪونہ ٿئي ٿو. ايڏي ساري درياھ مان ٻن ڍڪن پيئڻ کانپوءِ هو بي پرواھ ٿي پوي ٿو ۽ گهرج پوري ڪرڻ بعد اگرچہ درياءَ جي ضرورت جو قائل رهي ٿو، مگر هاڻ هن جي هستي ۽ نيستي هن وٽ وڏيڪ وقعت نہ ٿي رکي، بلڪ هن پاڻيءَ جي گلاس ۽ هيڏو سارو موجزن درياھ هن جي نظر ۾ هڪجهڙا آهن جيسين ڪ وري بہ پياس کيس مجبور ڪري. اهڙيءَ طرح هڪ بيمار شفا پائڻ بعد اڪسير اعظم جو ڪو بہ غرض نٿو ڪڍي ڇا لاءِ تہ جسماني ۽ نفساني لاڳاپا ڪنهن هڪڙي حال تي مستقر نہ آهن. هنن جون خواهشون پنهنجي ذهنيت ۽ انساني تعلق موجب بدلبيون رهن ٿيون. اهي ئي سبب آهن، جو اڄايل ڪي وري وري پاڻيءَ جي گهرج رهي ٿي ۽ بيمار اڪسير شفا جو محتاج رهي ٿو. انهيءَ مان معلوم ٿيو تہ محبت جو نقص ۽ سچي سڪ جو نہ هجڻ اُنهيءَ ساعت ۾ انسان کي بيپرواھ بہ ڪري ٿو ۽ انهي ساعت ۾ وري محتاج بہ بنايو ڇڏي. جنهن ڪري هن کي نہ ڪڏهن ڏؤ ٿيو آهي ۽ نہ ٿيندو. نہ ڪڏهن بي نياز رهيو آهي ۽ نہ رهي سگهندو.

مٿئين بحث مان ثابت ٿيو تہ جسم ۽ نفس جي محبت حالتون مٽائيندي رهي ٿي، جنهن تي ڪو بہ اعتبار ڪونهي. ڪنهن دم انسان ڪنهن شيءِ جي محبت ۾ سخت بيقرار آهي تہ ڪنهن دم اُن جي ڪا بہ ڪاڻ نٿو ڪڍي. جسماني ۽ نفساني تعلقن جو هڪ اثر روح تي بہ پوي ٿو، مگر سالڪ کي پنهنجو روح انهن سڀني وسوسن ۽ متضاد حالتن جي شڪنجي کان آزاد رکي، صرف هڪ خيال، هڪ محبت ۽ هڪ لاڳاپي ۾ قابو رکڻو آهي. اهو لاڳاپو ڪهڙو آهي؟ اهو آهي سچي محبت، هتي سالڪ کي هيءُ خوف رهي ٿو تہ جيڪڏهن جسم ۽ نفس جي ويڙهي ۾ رهندي منهنجو روح پاڙيوارن جي چنچل سڀاءَ جو هميشہ لاءِ اثر وٺي ويهي رهيو تہ پوءِ سچيءَ محبت جي دعويٰ ڪرڻ اجائي ٿيندي ۽ محبوب جي منزل تي پهچڻ محال ٿي پوندو. تنهن ڪري هو پنهنجي روح کي محبت جي زنجيرن ۾ جڪڙيل ۽ بي انتها طلب جي مصيبتن ۾ گرفتار ۽ شوق جي، اَڻ کُٽ واديءَ ۾ سرگردان هجڻ پسند ڪري ٿو. جيئن جيئن محبوب پري آهي، تيئن تيئن هن جي محبت جا پيوند پختا ٿيندا ٿا وڃن ۽ هو سڄوئي محبوب جي محبت ۾ مستغرق ٿي وڃي ٿو، جنهن ڪري عنصري عالم جي قيدين کان هن کي آزادي نصيب ٿئي ٿي.

مطلب تہ ڏورڻ ۽ نہ لهڻ، پسڻ جي پياس کي وڌائين ٿا ۽ روح ۾ هڪ اهڙي قسم جي طاقت پيدا ڪن ٿا، جا هر قسم جي جي ترڪ ماسواه ۽ قرباني لاءِ تيار بنائي ٿي. هيءَ اها جاءِ آهي، جنهن کي صوفين جي اصطلاح موجب تجردعن الصفات (صفتن کان خالي رهڻ) سڏيو وڃي ٿو. جڏهن سالڪ انهيءَ منزل تي پهچي ٿو، تڏهن هن جي محبت جي ڪشش نور لم يزلي (جٽادلر جوت) کي پاڻ ڏي ڇڪي وٺي ٿي ۽ عابد ۽ معبود (ڏٿي ۽ پانهو) هڪ ٿيو وڃن، يا ٻين لفظن ۾ چئجي تہ قطرو ۽ سمنڊ هڪ ٿي ويا.

مٿئين بحث کي سمجهڻ لاءِ هن ظاهري مثال کي بہ ڏيان ۾ رکڻ گهرجي تہ دنيا ۾ ڪنهن بہ هڪ شيءِ کي ڳولهڻ ۽ ان کي لهڻ مان يڪدم ٻي شيءِ جي ڳولا جي خواهش پيدا ٿئي ٿي. بکئي کي پهريائين مانيءَ جي گهرج ٿئي ٿي. ماني مليس تہ يڪدم پاڻيءَ جي طلب ڪندو ۽ پاڻي پيئائين تہ وري آرام جو خواهان ٿيندو. اهڙيءَ طرح اهو سلسلو وڃي خواهشن جي آخرين حد (نفس اماره جي خواهشن) تي ختم ٿئي ٿو، پر جيڪڏهن منڍ ۾ ئي ماني نہ مليس تہ ٻيون خواهشون نہ ٿينديس.

اهڙي طرح اهي ساڳيون مٿيون خواهشون محبوب حقيقي جي طالبن لاءِ روڪ جو سبب ٿين ٿيون، جن کي نيست ۽ نابود ڪرڻ لاءِ شاهہ صاحب مٿئين فقري ۾ تمنا ڪئي آهي ۽ پنهنجي ارادي، عزم ۽ همت کي بلند بنائڻ لاءِ اها گهر ڪئي اٿس، جنهن ۾ نفس مري ۽ محبوب حقيقي ازخود اچي ملي.

❑

نوراني چهرو اک چنپ ۾ دل جي ڪائنات کي روشن ڪريو ڇڏي ۽ تنهنجي ٿوري هير بہ لحظي ۾ سينن جي آسمان تان غمن، فڪرن ۽ مونجهارن جا ڪارا ڪڪر ڇڙوڇڙ ڪريو مطلع کي صفاڪري ڇڏي ٿي. هاٺي معلوم ٿيم تہ اهو خوشيءَ جو خزانو ۽ سرور جي هير، هيئن جي طاقت ۽ قلب جي قوت، تون اميد آهين، اميد! اميد! واه واه کهڙو نہ سٺو ۽ پيارو نالو آهي، جنهن جي برڪت انسان ذات لاءِ هفت اقليم جي شاهيءَ کان بہ وڌيڪ قيمتي آهي. حياتيءَ جو سهارو، خوشيءَ جو آڌار، ڪاميابيءَ جو مدار، تون ئي اميد آهين! هائو، بيشڪ تون ئي اميد آهين!!

**هيءَ دنيا جو چرخو بدل توتي آهي،**

**تون مشڪل ٿي لاهين، تون غم ٿي مٽائين.**

ڏکيا! انسان تنهنجي ئي بدولت دنيا جون خوفناڪ منزلون طي ڪري ويندا آهن ۽ تنهنجو تڪيو ڏوراهين پنڌ کي ويجهو ڪريو ڇڏي.

اونهاري جي لوهيندڙ لک کي تون ئي ٺار بخشين ٿي. منزلن کي ماريا مسافر واٽن جا ور ۽ ٽڪرن جا پيچرا تنهنجي ئي آڌار تي اُڪري وڃن ٿا. جنگ جي ميدان ۾ بيٺل بهادر سپاهي تنهنجي ئي نالي تي پاڻ کي رتورت بڻائڻ قبول ڪن ٿا ۽ موتمار گولن جي فلڪ شگاف آوازن کي خوشيءَ جي واڄو ڄاڻي انهيءَ جي موج ۾ مرڻ ۽ مارڻ کي هڪ راند ڪري ڄاڻن ٿا. اهو سڀ ڇاجي لاءِ؟ فقط فتح جي اُميد تي.

ڪا زال، جنهن جو پتيءَ ڪانسواءِ جڳ ۾ پيو ڪو بہ وصي وارث ڪونهي، سا جي اوچتو سهاڳ وڃائي وهي ٿي ۽ فانيءَ دنيا ۾ هن سان وري ملڻ جي ڪا بہ آس نہ ٿي رهيس، ڇاڪاڻ جو هو سرڳواسي ٿي چڪو آهي، اها جڏهن سهاڳ کي ساري آهہ و زاري ڪري ٿي، تڏهن جي سندس ٻار روئي اچي ٿو گود ۾ وهيس، تہ ڪيئن نہ ڳراهتڙي پائي، ڪيس پيار ڪري ٿي ۽ سندس بابا جي پرلوڪ پڌارڻ جون ڳالهيون ڪري چوي ٿي: پٽ! هاڻ سنسار ۾ تن جي طاقي ۽ من جو مٺيو تون ئي آهين. ڏٺي ڪري تہ وار وار هيٺ ڇمار ٿيئي. تو ساماٽي منهنجون سڀ جکيون لهي وينديون، ڏسج وڏو ٿي متان مئيءَ ماءُ کي وساري ويهين، اها اُميد ئي آهي، جنهن جي ڪري ههڙي وَيل جي وقت ۾ بہ ڪيئن نہ پٽ جي سکن جي اميد تي ماءُ دل کي ڏڍ ڏيئي، ڏاڍو ڪري ٿي، جيتوٽيڪ وري وري پيئي ڦٽڪي. هونءَ جيڪر سڄو گهر پڙپانگ پيو لڳيس، ۽ پتيون ڪاٺ پيون اچنس بلڪ حياتي بہ زهر ٿيو پويس، پر اِهائي اميد دل جو تڪيو اٿس. ڏسو، ڪنهن گهر جو جهلو سخت بيمار ٿي ٿو پوي، تہ ڪيئن نہ ياتين کي مايوسي ۽ غمگيني ويڙهيو وڃي، سڀ وه سمان ٿيو لڳين ۽ هرڪو ڪنڌ

پاسيرو پيو ڳوڙها ڳاڙي، اُپ اڪئين پيو ڏسجي تہ گجي پيو، پر تنهن هوندي بہ اها ئي اميد، تہ من اُتي پوي.

ڪنهن شاهوڪار کي اچانڪ سمنڊ ۾ سندس غورابن غرق ٿي وڃڻ جي تار اچي ٿي، اندر هارجي ٿو وڃيس، پر تڏهن بہ اِها اميد، تہ متان ڪوڙ هجي، يا ٻين جهازن کي منهنجا سمجهي پيل ۾ تار ڪئي هجين.

موت جي بستري تي مريضن کي چڻجي ٿو تہ اميد آهي تہ بچي پوندين، دل نہ لاهہ، تہ ڪيئن نہ منجهس اُميد جاڳي ٿي. اَجل جي گهڙي اکئين ڏسندي بہ اميد جو سلو اپريس ٿو.

اِها اُميد آهي، جا انسان کي ٽپ ٽپ تي تقويت ۽ تسلي ڏئي ٿي. هن دنيا ۾ ڇا، پر ٻيءَ دنيا ۾ بہ وڏي ۾ وڏي گنهگار کي خدائي بخشش جي اُميد. دل ۾ ساهہ وجهي ٿي.

ٻڌل اُميد سان آهي حياتي،
نراسائي اَجل جو آهہ پيغام،
خدا ۾ آس جن جي آهہ پوري،
انهن جا سڀ ٿيا مشڪل سرانجام.

❑

رهندس. هو جدت پسند قدرت جا نت نولن ۽ گونا گون نظارا ڏسي، ڪيفيتن جي چڱسالي‌ءَ ڪان بيخود بڻجي، پنهنجو پاڻ پلجيو ويهي ۽ خاموش فضا جي مائي، پر اجهاڳ سمنڊ ۾ ٽٻي هڻي، پنهنجي رنگين طبع جي پاند ۾ مضمون جي موتين واريون سپون ڀري، فطرت جي معنيٰ ڪي پڌري ڪرڻ جي ذوق شوق ڪان مٿي اچي ڪاميابيءَ جي ڪناري تي لاهي ٿو، جنهن تي سخن جا جوهري شعر جو نالو ڏري تحسين جا املهه ماڻڪ گهورين ٿا.

شاعر شعر پڙهي يا نه پڙهي، ته به خاموشيءَ جي عالم ۾ هڪ شاعر آهي. هو ڪهڙي به هنڌ ۽ ڪهڙي به وقت پاڻ ۾ هڪ آباد محفل آهي. جنهن جو روح به پاڻ آهي، شمع به پاڻ ته پروانو به پاڻ. هن ۾ احساس جي اهڙي آگ موجود رهي ٿي، جا ڪڏهن به نٿي وسامي. خواه اُها آگ مجازي هجي يا حقيقي ۽ اُنهيءَ آگ جي شعلن ڪي اسين شعر سڏيون ٿا. يعني شاعر شعر قياس ڪري نٿو جوڙي، پر طبع جو زور ڪيس شعر چوڻ لاءِ مجبور ڪري ٿو.

هن قدرت جي ڪارخاني جون ڪرشمه سازيون شاعر جي احساس واريءَ آگ تي تيل جو ڪم ڏين ٿيون ۽ جيتري قدر شاعراني جذبي ڪي اثاريندڙيون. تيتري قدر باهه جو پنيٽ پرندو. وري جهڙي باهه جي جهپي هوندي، تهڙو سيڪ ايندو. يعني اثر ٿيندو. تنهن ڪري هرڪو شاعر حسن توڙي قبح جي تصوير پنهنجي خيالي قوت جي رنگ آمر چٽي دنيا جي اڳيان پيش ڪري ٿو. هن مان ظاهر ٿي چڪو ته شعر آهي دلي جذبي جو لفظي لباس پهرڻ. انسان جا دل ۽ دماغ ٻه مکيه باطني حواس آهن. دل جو ڪم آهي اثر وٺڻ ۽ دماغ جو ڪم آهي اُنهي اثر لاءِ سامان پيدا ڪرڻ. يعني انسان کي شاعري ملڪي سان گڏ علم جو ڪافي مايو ۽ وسيع معلومات گهرجي. جيئن پکيءَ کي اڏائڻ لاءِ ٻن پرن جي ضرورت آهي، تيئن شاعر ۾ به جي ٻئي گڻ (شاعري ملڪو ۽ علم) موجود هوندا، ته لاثاني شاعر ٿي سگهندو. فقط ملڪو به ڪارائتو نٿي ٿو، پر علم جي پيوند سان شعر ڪماليت تي رسي پنهنجي آخرين منزل: فصاحت، بلاغت، سلاست، جدت ۽ جوش کي مڪمل طرح طي ڪري ٿو. پر جي ماڻهوءَ ۾ فقط علم هوندو ۽ شاعري ملڪو نه مليل هوندس ته هو شاعر ٿي نه سگهندو. علم جي زور تي هو عروض يا پنگل جي پابندي ڪٿي ڪندو، جنهن بنا نظم ۽ نثر جي وچ ۾ صحيح سنڌو ڪڍڻ محال آهي. پر انهيءَ جي معنيٰ اها نه آهي ته قافيه پيمائي ۽ وزن جي پورائيءَ کي شعر چئي سگهجي ٿو. قوت متخيله شاعر لاءِ اهڙي ضروري آهي، جهڙي وڻ لاءِ پاڙ ۽ چيدي عبارت، بحر ۽ وزن اهڙا آهن، جهڙي

ڪير ۾ ڪٿڻ، پر جي وزن جي قيد کان مورڳو شعر رس کان نڪري وڃي ته انهيءَ کي ترڪ ڪري پنهنجا خيال شاعرانه نثر ۾ ظاهر ڪجن.

مٿي دل ۽ دماغ جون جدا جدا طاقتون ۽ سندن ڪم ڏيکاريا ويا آهن. انسان جي حالت هيٺين چئن صفتن کان خالي ڪانهي: غم، خوشي، رحم ۽ غصو، انهن چئني ۾ عشق، شجاعت يا بهادري اچي وڃن ٿيون. عشق ۽ محبت جون حقيقتون گهڙيءَ ۾ گهڙيال ڏيکارينديون آهن. ڪڏهن جدائيءَ جي جهوري جيءَ کي جلايو ڇڏي، ته ڪڏهن وصال جو واءُ اندر کي آرام ٿو بخشي. حسن جا شعلا دل ۾ جيڪي مچ مچائين ٿا، اُنهن کي لڪائي رکڻ گويا سيني جي ڪوري ۾ ٻرندڙ ٽانڊا پورڻا آهن. وري وڇوڙي جا جوش جڏهن جگر کي ٿهڪائين ٿا، تڏهن اُنهن جون ٻاڦون ڪائنات کي سيڪ ڏيو ڇڏين. شاعر اِنهن جذبن کي قدرتي رنگ ۾ پڌرو ڪري ٿو، تڏهن معلوم ٿئي ٿو ته زمين کان وٺي آسمان تائين چپ چاپ لڳي ويئي آهي ۽ ساري وايو منڊل ۾ هڪ قسم جو ٻارڻ ٻري ويو آهي. ٻڏندڙن کي عشق ۽ حسن جون گرميون جلائي ڇڏين ٿيون ۽ شاعر جي باطني حواسن تي جيڪي ڪيفيتون طاري ٿيون هيون، انهن کي هو مزي سان ڳائي نه رڳو پاڻ وجد ۾ اچي ٿو بلڪ ڪائنات جي ذري ذري کي به محبت جي مستيءَ ۽ بيخوديءَ جي نشي ۾ چڪنا چور ڪريو ڇڏي.

شجاعت يا بهادريءَ جو ميدان مارينديءَ هو ڪڏهن ته اهڙو بانڪو بهادر نظر ايندو، جو سندس هڪ اشاري سان آسمان ۾ جنبش پيدا ٿيندي ۽ زمين ۾ ٽرٽلو مچي پوندو. مگر اهڙي پيرائي سان پيش ايندو، جو سندس جوش وڏي بهادريءَ کي ظلم تي نه بيهاريندو ۽ رحم مان بزدلي نه پيدا ٿيندي. پر ساڳئي وقت اهڙو نقشو ڪڍندو، جو ٻڏندڙ ڪهڙو به بزدل هوندو ته اُن جي جادو اثر کان شير دل فاتح ٿي پوندو. وري جيڪڏهن ڪو قدرت جو نظارو قلمبند ڪندو ته لفظن جي اهڙي بهار لڳائيندو ۽ اهڙي تصوير نگاري ڪندو، جهڙي نقاش نقش ۾ ڪري. هو ڪڏهن محبوب تي اچي ٿو ته ناز ۽ انداز سان صفن جون صفون ڪهندو وڃي ٿو، پر ڪنهن ڏي به اک کڻي نٿو نهاري. عاشقن جا لاش بيپرواهيءَ سان پيرن هيٺ لتاڙيندو ڪلندو مرڪندو پيو ويندو ۽ جي عاشق تي ايندو ته محبوب جي ڳولا ۾ پٺون ٿي ويندو ته به پير پنٽي نه هٽائيندو. ڪڏهن فيلسوف ٿي فلسفي جا عجيب عجيب نقطا ٻڌائيندو ته ڪڏهن متڪلم جو لباس پائي علم ڪلام جا دقيق مسئلا حل ڪري ڏيکاريندو. علم حڪمت جا اشارا ٻڌائڻ وقت حاذق حڪيم ٿي ايندو ته مذهب ۽ ڌرم جا قانون

۽ اسرار بہ هڪ وڏو ولي ۽ صوفي ٿي اچي ڪولي پڌائيندو.

مطلب تہ شاعر ڪڏهن عاشق، ڪڏهن معشوق، ڪڏهن بهادر، ڪڏهن فيلسوف، ڪڏهن متڪلم، ڪڏهن حاذق حڪيم، ڪڏهن کهڙو ڪڏهن کهڙو نظر ايندو، پر هو هر رنگ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هوندو. عالم امڪان جا مشاهدا ۽ عالم غيب جا محسوسات هن جي اندر مان درياھ وانگر اڌمي ٻاهر نڪرندا آهن. انهيءَ ڪري مولانا رومي فرمائي ٿو:

شاعري جزويست از پيغمبري.

❑

# گذريل زمانو

اصل کان اسان جي عادت ٿيندي آئي آهي تہ ڪڏهن بہ جي اسين ڪنهن صحبت ۾ ويٺا هوندا آهيون ۽ گذريل زماني جي ڳالهين جو ذڪر اچي نڪرندو آهي تہ اسان مان هر هڪ گذريل وقت کي ياد ڪري خوشيءَ ۾ ڦوليو نہ سمائبو آهي، پوءِ ڪٿي زمانہ حال ۾ اسان جي لاءِ ڪيترو بہ عيش جو سامان موجود هجي، تہ بہ گذريل زماني جي ڪاڻ ۾ بہ نہ توريندا سونس، خبر نہ آهي تہ گذريل زماني ۾ ڪهڙو جادو سمايل آهي، جو اُن جي هر ڪنهن يادگيريءَ ۾ هڪ قسم جي ادا ۽ هر ڪنهن صحبت ۾ هڪ نرالي رنگ جو لطف نظر اچي ٿو. ڪڏهن اڪيلائيءَ ۾ بہ جي گذريل زمانو دل تي تري ايندو آهي تہ اسان جي خيال جو فانوس اهڙيون اهڙيون پُر لطف ڳالهيون سامهون آڻي هٿائيندو ويندو آهي، جو منجهانئن هر هڪ سحر جو اثر ڪندي اسان جي دل تي ڇمندي ويندي آهي، تان جو ڪلاڪن جا ڪلاڪ انهيءَ خيال ۾ اهڙا مستغرق ٿي ويندا آهيون، جو هستيءَ جو بہ پرو نہ رهندو آهي ۽ جڏهن انهيءَ خيالي خواب مان اک ڪلندي آهي، تڏهن افسوس وچان چوندا آهيون تہ ڪاش اهو گذريل زمانو موٽي هٿ اچي تہ بهتر ۽ دل ئي دل ۾ اِهي پهہ پيا پچائيندا آهيون تہ وري وجهہ ملڻ تي گذريل زماني جو ڪيئن نہ هوند پورو پورو فائدو ۽ مزو ماڻيون، جيتوڻيڪ اهي ڳالهيون سڀ هڪ سپني سمان آهن، جو اک کلڻ سان وسريو وڃن.

سڀ کان عجب جي ڳالهہ اها آهي، جو گذريل زماني ۾ جيڪي بہ حادثا ٿيا هوندا ۽ جيڪي بہ مصيبتون برسر ڪرٽيون پيون هونديون، سي سڀ فراموش ٿي وڃن ٿيون. اسان کي ڪيترين حالتن ۾ جهڪي يادگيري بہ نہ رهندي آهي تہ اسين ڪو دنيا جي زير زبر ۾ آيا هئاسون. ان مان ظاهر ٿئي ٿو تہ ويسر بہ خدا جي رحمتن مان هڪ وڏي رحمت آهي، جنهن جي برڪت سان اسين پراڻن دلخراش حادثن کي وساري، فقط فرحت بخش ڳالهين کي ياد ڪري خوش پيا ٿيون. حقيقت ۾ ويسر اسان جي خيالي ناٽڪ ۾ پردن جو ڪم نہ ڏئي ۽ هر هڪ ڇهڇٽي ڪانپوءِ نون پردن

جي ڪرشمہ سازين ۾ محو ڪري اڳيئ سرگذشت کي ڀلائي نہ ڇڏي تہ هوند غم دائمي غم جي صورت وٺي دل تي داغ بڻجي پوي ۽ مٺي حياتي تا ممات دشوار ٿي لڳي.

فرض ڪريو تہ جن ماڻهن جي اکين آڏو ڪوئيٽا جو هولناڪ حادثو ٿي گذريو آهي، ۽ جن انسان ذات جي بيڪسيءَ جو نقشو بحر عالم ۾ زندگيءَ جي حباب مثال ناپائداري، ماءُ، پيءُ، زال، ٻار، ڀاءُ پرائي سيني کي رڙندو، ڦٿڪندو، ٻاڏائيندو، مشڪل سان دم ٽوڙيندو زمين دوز ٿيندو يا تا عمر جڏو ٿي جيئندو ۽ هڪ آباد هستيءَ کي اک ڇنڀ ۾ ويران ٿيندو ڏٺو آهي، تن کان جيڪر ڪوئيٽا جي زلزلي جون قيامت خيز ڪارروايون نہ وسرن تہ هوند زندگيءَ جو پل پل مصيبت سان همدوش ٿي پوين ۽ لحظي جيترو بہ قرار نصيب نہ ٿئين. رات ڏينهن خوفناڪ خواب پيا لهن ۽ دل هول ٿي پوين. ڪيترن جي جيڪر ٽوري وقت ۾ دماغ جي طاقي ڦري وڃي ۽ چرين جي اسپتال ۾ داخل ٿين. عزيز خويش سدائين سندن سورن کي سنڀاري پيا روئن ۽ ڏکن ۾ ڏجهن، مطلب تہ ساري دنيا ماتمڪده ٿي پوي ۽ خوشي هڪ ڪهني ڪهاڻي، پر اها ويسر ئي آهي، جا رشتہ ڪش وانگر هڪڙو درد انگيز پردو مٿي ڪٽي بي خوشيءَ جي ڇهڇٽي ۾ پنهنجي ڪرشمہ سازيءَ سان اسان ۾ ايتري قدر دلچسپي پيدا ڪري ٿي، جو دکن جا داستان ڀلايو ڇڏي، بلڪ اُنهن ۾ هڪ قسم جو لطف ۽ هڪ قسم جي خوشي پيئي ڀاسائي، اهو ئي سبب آهي، جو اسان کي گذريل زماني جي خيال ڪندي ايتري فرحت ايندي، جو ڀائيندا آهيون تہ اڳي جيڪي بہ ٿي گذريو آهي، سو وڻندڙ هو ۽ هاڻي جيڪي اسان جي سر تي وهي ٿو، سو روئندي ڪلندي گذارڻو آهي، تنهن ڪري ٻاهريون ڏکو چو ڇڏجي. دشمن داغ ڪريو زندگي پيئي بسر ڪجي. سچ پڇ تہ اهو سڀ اسان جو وهم آهي. غور ڪري ڏسبو تہ ننڍپڻ ۾ اسان جون گهرجون ٿوريون ۽ محدود هيون، جن جي پوري ڪرڻ جو بار والدين جي ڪلهن تي هو، جن نہ فقط اسان لاءِ هر طرح جي جفا برسر ٿي ڪئي، پر اسان جي خوشيءَ ۾ پنهنجي خوشي ۽ اسان جي رنج ۾ پنهنجو رنج ٿي ڏٺو، پر پوءِ جيئن اسين اُسرڻ لڳاسون ۽ بلوغت کي رسياسون، تيئن اسان جون گهرجون وڌيون ۽ خيال وڏا ٿيڻ لڳا. اسان جو من عجيب ۽ غريب لالچن ۾ گرفتار ٿي ويو ۽ عالم امڪان جي ساز و سامان اسان کي ايتري قدر موهت ڪري ڇڏيو، جو اُن جي هٿ ڪرڻ لاءِ هر طرح جا حيلا وسيلا هلائڻ لڳاسون ۽ دنيا جي تڏين ڪوسين کي منهن ڏيڻو پيوسين. مصيبتون سهاريندي ناميدي جي پٿرن تي ٽوٽا ڪائيندي اسان جي دل غم جو

شڪار بڻي ۽ زندگاني جي آب هوا زهر آلودي ٿي پيئي. اِن سبب اسين هميشہ مرگھہ ترشنا جيان گذريل زماني جي صحرا ۾ پاڻيءَ جون ڇوليون ڏسون ٿا. مگر حقيقت جي تہہ ۾ وڃبو تہ ڪي بہ ڪين آهي. هڪ هوائي قلعو آهي، جو خيال جي زبردست پايہ اهڙو تہ ٺاهي بيهاريو آهي، ڄڻ تہ حقيقي آهي. اهو ئي سبب آهي، جو اسين گذريل زماني کي ياد ڪري ڏاڍا خوش ٿيندا آهيون ۽ زمانہ حال کي اُن جي مقابلي ۾ خسيس يا ڪم مايہ سمجھون ٿا.

❑

# ڏک سکن جي سونهن، گھوريا سک ڏکن ري

سون نج تڏهن ٿيندو آهي، جڏهن باھ ۾ تپندو آهي ۽ لوھ بہ کوري ۾ پوڻ کانپوءِ ئي جوهردار ٿي نڪرندو آهي. اهڙيءَ طرح دنيا جي مصيبتن کي مڙس ٿي منهن ڏيڻ سان ئي انسان کي راحت نصيب ٿي ٿي. ڏکن جو ڏولائو نہ رڳو حقيقي محبوب جي ميلاپ ۽ معرفت حاصل ڪرڻ جو طريقو آهي، بلڪ دنيا جون نعمتون شاهاڻيون شوڪتون بہ محنتن ۽ ڪشالن ڪڍڻ ڪري ملن ٿيون.

جن بزرگن محبوب حقيقي جو مشاهدو ماڻيو آهي ۽ جيڪي الله لوڪ معرفت جي منزل کي پهچي انهيءَ عميق ۾ قطري وانگر گم ٿيا آهن، تن پنهنجي نفس کي جهد جي ترار ۽ رياضت جي خنجر سان ڪهي، دنيا جا سڀ عيش و آرام ڦٽا ڪري، مطلب تہ جيئري پاڻ ماري اها نعمت ماڻي آهي.

انسان خود پنجن تتن (عناصر) جو پتلو آهي. گويا روح لاءِ هڪ اهڙو پڃرو بنايو ويو آهي، جنهن ۾ هر قسم جا نفساني ٻنڌڻ هڪيا رهن ٿا. جڏهن عارف انهن ٻنڌڻن کي ٽوڙڻ لاءِ دنيوي تعلقات مال ۽ اولاد جي محبت کان منهن ڦيرائي، تپشياڻون ۽ رياضتون ڪري، روح کي انهن ماديات جي زنجيرن کان آزاد بنائي ٿو تڏهن نوراني جلوو سندس دل جي آئيني ۾ عڪس وجهي ٿو ۽ ڪوڙي هرک سوک کان مٿي ٿي سچو سک پائي ٿو. جيسين روح ماديات جي ڳرمر سان پريل آهي، تيسين اُن کي نہ دنيا جي لذت حاصل آهي ۽ نہ دين جي برڪت جي نعمت، بلڪ سدائين هڪ قسم جي عذاب ۽ ڏک ۾ ورتل رهي ٿو ۽ ڪهڙي بہ اوج اقبال تي رسندي، يا ڪهڙيون دولتون ۽ نعمتون ماڻيندي، اُن کي ڪڏهن بہ دل جو اطمينان ۽ قلب جو سُڪون نٿو ملي.

ڏکن جو هيءُ روحاني پهلو آهي، مگر سچ پڇ تہ اُن جو جسماني پهلو بہ اهڙو ئي شاندار ڏسجي ٿو. دنيا ۾ اسين ڏسون ٿا تہ هڪ معمولي مزور کان وٺي بادشاھ تائين هر هڪ انهيءَ ڏک جي وسيلي سک حاصل ڪري ٿو. مزور سارو ڏينهن

انسان سندانڻ وانگر سختيءَ جو هيراڪ رهي ۽ ڏکن کي دلير ٿي اهڙو منهن ڏيڻ جو مادو ڏاري، جو هٿندڙ جا هٿ ٿڪجي پون، پر پاڻ سينو سپر ڪري، هر ڪنهن وار جو تيسين مقابلو ڪندو اچي، جيسين دشمن جو بازو پيچي ڪيس شڪست ڏئي. هي تہ ٿيو دنيوي پهلو، پر حقيقي محبوب جي عشق جي درد جي لذت نہ فقط تن جي هر مرض جي دوا آهي، پر روح لاءِ املهہ غذا آهي، جنهن تي پلجي روح ۾ استقامت جو مادو پيدا ٿئي ٿو. عشق خود درد آهي ۽ خود ئي درد جو درمان آهي. ان مضمون کي مولانا ظهوري نهايت اعليٰ پيرايہ ۾ هيئن ادا فرمايو آهي:

**شد طبيب ما محبت، منتش بر جان ما،**
**محنتِ ما راحتِ ما دردِ ما درمان ما.**

❑

۽ جنهن شيء کي ڏينهن جو واجهائي رهيا هئا انهيءَ کي شام سان لهي پنهنجي سڪ پلڻ لاءِ ڳڏ ٿيندا ٿا وڃن چڻ تہ شام وصال جو پيغام پهتو اٿن. قدرت لحظي ۾ کهڙا نہ نيرنگ ڪريو ڏيکاري! مگر سندس ڪاررواين جي دفتر جو ورق ورق صبر ۽ تحمل جي عجيب سبق سان سينگاريل آهي.

□

# گل جي زباني

هونءَ تہ پٽن تي ٿوھر گھٽيئي پيا آهن، پر اُنهن کي ڪو هٿ بہ ڪو نہ لائي، ڇو تہ صورت سان گڏ سيرت بہ سهڻي هئڻ گهرجي. مان گل آهيان. منهنجا نرم ۽ رنگين ورق ڪشش جو سامان رکن ٿا. منهنجي خوشبو ۽ رنگ ڪنهن کي نٿا موهين؟ مان باغن جي زينت آهيان. شاهن جي محلاتن جا ايوان، دولتمندن جي اوطاقن جا آڳنڌ، منهنجي ئي وجود سان سينگاريل رهن ٿا.

صبح جو جڏهن شوقين مزاج ۽ تفريح ڳولينڌڙ جوان فطرت جي نعمتن سان پنهنجي دل وندرائڻ لڳندا آهن. تڏهن پهريائين آءٌ هٿن ۽ ڪوٽن جي ڪاڄن تي جڳهہ وٺندو آهيان اوهان ڏٺو هوندو تہ گهوٽ ڪنوار جي سيج بند تي بہ منهنجي جاءِ رهي ٿي. اميرزادين ۽ شريف سهيلين جي سونهن ۽ سوپيان لاءِ آءٌ هار جي شڪل وٺي پاڻ کي پيش ڪريان ٿو. وقتي سندن وارن ۽ جاڳير ٿي سندن زلفن جي رونق دوچند ڪريان ٿو. قومي دليرن جي نوازڻ جو سامان منهنجي ئي وجود جو محتاج آهي، تہ دل ۽ دماغ جي طراوت، آرائش ۽ اميري نماءُ جو شوق بہ منهنجي ئي مدد سان پورو ڪيو وڃي ٿو. مذهبي اڳواڻن توڙي ديني پاڪ ڪتابن تي بہ منهنجي ورڪا لازمي ۽ مقدم ٺهرائي ويئي آهي. دنيا مان جڏهن ويجها عزيز يا بزرگ هستيون لاڏاڻو ڪن ٿيون، تڏهن بہ پڇاڙيءَ ۾ ماڻ ڏيڻ جي نشاني مان ئي آهيان ۽ منهنجا هار هنن کي پاتا وڃن ٿا يا گلدستا مٿن ڌرجن ٿا.

شاعرن لاءِ مان خاص اهميت رکان ٿو ۽ هنن جي حسن خياليءَ جي اظهار لاءِ سهڻو طريقو آهيان. مان اجا مکڙيءَ ۾ هوندو آهيان تہ شاعر محبوب جي وات جي مون سان تشبيهہ ڏيندا آهن ۽ ڦٽي گل ٿيندو آهيان تہ منهنجي ورق سان دلبر جي چپن جي، لالاڻ سان ڳلن جي ۽ نرميءَ سان دلبر جي بدن جي ڪل جي. منهنجي خندن مان هو دنيا جي بي ثباتيءَ جو سبق پرائيندا آهن تہ منهنجي بوءِ جي اڏامڻ مان چغليءَ جو نڪتو معلوم ڪري هڪ اخلاقي نظر کي مڪمل ڪندا آهن. مطلب تہ.

مون مان هنن کي شاعريءَ جي واسطي هزار مضمون ملن ٿا.

مان نہ رڳو انسانن جي گردنن کي سينگاريان ٿو ۽ هنن جي دامن تي مکين آهيان. پر پکي ۽ جيت بہ منهنجي رنگينيءَ ۽ هٻڪار تي مست رهن ٿا. ڪڏهن بلبل کان پڇي ڏسو تہ هوءَ ڪيترا ئي منهنجي حسن جا داستان ڳائي. پوُنر کي ڏسو تہ سارو ڏينهن ڪيئن نہ منهنجي مٿان گنجار پيو ڪري. ماکيءَ جي مک منهنجي رس چوسڻ لاءِ ڪيئن نہ پيرا پيئي پري.

هي سچ آهي تہ اوهان جي نظر نقط ظاهري حسن ۽ جمال، خوشبوءِ ۽ هٻڪار تي پوي ٿي ۽ آءٌ سمجهان ٿو تہ اوهين منهنجن اُنهن گڻن کان اڻ وقف هوندا، جي هر ڪنهن جاندار ۽ غير جاندار لاءِ ضروري آهن. گڻن کي اخلاق جي اُستادن وٽان حسن سيرت جو نالو مليل آهي، جن جي بدولت نہ فقط ڪنهن بہ شيءِ جي قيمت ۾ اضافو ٿئي ٿو، بلڪ دنيا هن جي وڏيڪ قدردان ۽ محتاج رهي ٿي. پر اُنهن گڻن جي حاصل ڪرڻ لاءِ محنتن ۽ مصيبتن جا پهاڙ اورانگهڻا ۽ بي انتها تڪليفن جا بيان لتاڙڻا پون ٿا. جن کي مردانگيءَ سان منهن ڏيڻي فقط اِن اصول تي نظر رکي قربانيءَ ۽ ايثار جو سچو جذبو پيدا ڪرڻ ضروري آهي تہ خلق کي فائدو پهچي.

اوهين وري بہ مون کي آزمائي ڏسو تہ ڏيک ويک جي نماءُ کان آءٌ سخت بيزار آهيان. جيتوڻيڪ قبول ڪندس تہ انهيءَ نيڪ نيت جو انعام قدرت مون کي هيءُ ڏنو آهي، جو هرڪو مون کي چاهي ٿو. پر جنهن وقت سينگار ۽ تفريح لاءِ مون کي ٽاريءَ مان چنيو وڃي ٿو، تنهن وقت منهنجي دل کي سخت صدمو رسي ٿو ۽ آءٌ ٿوريئي وقت ۾ ڏک ۽ ارمان کان ڪومائجي سڪي زرد ٿيو پوان. اُن وقت منهنجي ڪا بہ قيمت ڪا نہ ٿي رهي، بلڪ خود غرض انسان، منهنجي سڪل جسم کي يا تہ شاهي رستن تي ڪنيو ڦٽو ڪن تہ پل پ و لتن ۾ لتاڙجان. يا نہ ڪنهن مُڙدن جي مقام ۾ چڙيو ڏين. البت جڏهن ڪرنڦل ۾ تيز باهہ تي ڪاڙهي منهنجو عرق ڪڍن ٿا يا ڪيترن ڏينهن جي ٿهڪائڻ ۽ چڪائڻ ڪانپوءِ منهنجي نازڪ جسم مان عطر ٺاهين ٿا، تڏهن منهنجي قيمت ڪنهن عطار کان پڇو تہ ڪيتري ٿو ٻڌائي ۽ اهو بہ ڏسجو تہ اسان جا ديسي حڪيم منهنجي وسيلي ڪيترين بيمارين جو علاج ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿين ٿا.

ايترين محنتن ۽ مصيبتن سهڻ ڪري، منهنجي خوشبو دل کي فرحت بخشي ٿي، تہ دماغ کي طراوت. ۽ پڻ شوقينن جي سينگار جي ضرورت پوري ڪري ٿي. منهنجو هڪ هڪ قطرو ڪم خرچ بالانشين جي پهاڪي موجب مشڪ جي دٻلي کان

وڏيڪ هيڪار ڏي ٿو. ان وقت آءُ خوشنما شيشن ۾ پيل نهايت قيمتي صندوقڙين ۾ بند رهندو آهيان. جي اوهان کي اعتبار نہ اچي تہ شادين ۽ مجلس جي موقعن تي ڪنهن نازڪ مزاج جي ڪپڙن مان منهنجي موجود هجڻ جي ثابتي وٺي سگهو ٿا.

اهو سڀ ڇاجي ڪري ٿيو آهي؟ منهنجي ايتري عزت ڇو ٿي ٿئي؟ انهيءَ ڪري نہ تہ سهڻي صورت اٿم. پر نيڪ سيرت، ايثار ۽ قربانيءَ جو انگ بہ رکان ٿو.

هن مان ظاهر آهي تہ ٻاهرين صورت ايتري ڪشش نہ ٿي ڪري سگهي جيتري اندر جي خوبي. منهنجو ٻاهريون روپ جسم مثال آهي ۽ اندريون روح وانگر. جيئن جان بنا قالب بيڪار يا مردي سمان آهي، تيئن سيرت ڪانسواءِ انسان مٽي جي آچار آهي:

شمع ڪان پڇ رات ساريءَ جي جلڻ جو فائدو،
بزم ۾ وينل متي پروانو هو قربان سندس.

❑

# مقاطعن جو نيلام

گهڻا سال ٿيندا تہ هڪ سياري جي موسم ۾ نوابشاهہ وڃڻ ٿيو. مچاڻ انهيءَ ڏينهن ١١ بجي صبح جو زمين جي مقاطعن جو نيلام ٿيڻو هو. يارن جي مرضي تي تہ اِهو لقاءُ هلي ڏسجي، سو مون کي کڻيي کنياڻون. شهر گهمندي ڦرندي ڪليڪٽريءَ ۾ آياسون، جتي نيلام ٿيڻو هو. چوڌاري وڻ ٽڻ، ۽ وڻ جي ڪاڻي اڇي ڪني تي آهي. ڪي وڻجارا مٿي تي ميري پڳڙي، ڳچي ۾ بوڇڻ، ڪٽل ڏوتي ۽ ڦهڙي سارڙيندڙ سيءَ ۾ سرد ڪوٽ پائي، مٿانس ڪيس ويڙهي واٽڙن وانگر پيا نهارين. تہ ڪي وري جي پوشيدا هئا ۽ سينيون ٿي لڳا. تن ڪي مٿي تي اڇي پڳڙي مفلر يا گرم شال ڳچيءَ تي ويڙهيل، جنهن هڪڙي ڪن کي ڍڪيندي، پڳ تان ورندي ٻئي ڪن کي هوا کان بچائيندي، وري اچي ٿي گردن تي ٽڪاءُ ڪيو. ڪشميري جو ڪوٽ، گرم جورابن تي روغني پمپ شو پيل، ڏوتيءَ جو پلاند هٿ ۾، ٻہ چار گماشتا اردگرد بيٺل، ڪن سن جون ڳالهيون پيا ڪن.

مسلمانن مان ڪي، جي وڏيرا ٿي ڏٺا، تن جي مٿي تي وڏي ڦيڙه، اکين ۾ ڪجل، ڏاڙهيءَ جو خط ورتل، وارن کي ڦٽي ڦوڪارو ڪيل، ۾ ٿان جي شلوار، جنهن جي ريشمي مگر رنگين اڳٽ چولي کان ٻاهر هوا ۾ پي ناچ ڪيو. بت تي ويڪرا ۽ سنها پهراڻ، جن جي اندران گرم ڪپڙا پيل نمايان هئا. ڏاڍي مزي سان مڇون پي مروٽياڻون. تہ ڪي جوان زميندار ڪلاهہ تي ريشمي پٽڪو ٻڌل، جنهن جو طره هٿ ٻاهر هوا ۾ پي اڏاڻو ۽ پلاند ٻہ هٿ پٺيءَ جي پٺيان پي لٽڪين. ناهوڪي شلوار، اُڇي قميص مٿان عمدو گرم ڪوٽ پيل، وات ۾ پيڙي، ڏاڍي بيپرواهيءَ سان پيا سوٽا هڻن. ڪي غريب جن جون لُڙيل ۽ چتين لڳل شلوارون ٻہ هيون، بدن کي گندي ويڙهيل، ڍِڳها وار جي ڦٽيءَ نہ ڏيڻ ڪري اهڙا تہ ڳنڍيون ڳوڙها ٿيا پيا هئا جهڙيون جوڳيءَ جون جٽائون. ڪن جي ڏاڙهي ٻُچي، ڪن جي چاپٽين تہ ڪن جي وري سورجاڻ جبل جي سرءَ جهڙي منجهيل. منجهائن ڪي ڪاريون، ڪي ڪَڪيون، ڪي

هڪ ڇٽي اُتي ٻن سون روپين جو واڪ ڏنو. اِتي منشين، پٽيوالن ۽ انسپيڪٽرن جي هٿي واڪو واڪاڻ. ٻہ سؤ ايڪوار، ٻہ سوايڪوار. نہ نہ تڏهن ٻہ ٣٠ دفعا پڪاريائون. ماڻهن جي منهن ڏي نهار تہ اهڙا ابوجهہ پيا لڳن جهڙا تازا چاول ٻار. آخر هڪ زميندار جنن تي ڇڻ ڪا ڇٽي تي پئي ۽ لاچار ڦاهو ڪاٺو هوس. تنهن اتي ٢٥٠ ڪيا. پر تيستائين غريب پٽيوالن ۽ منشين جي ٻڪر واري ٻاڪار پي پئي ۽ سڄي هال کي ڪٽي ڏنائون. صاحب بهادر پنهنجي خنڪيءَ سان ڪرسيءَ تي جيئن اڳي وينو. تيئن ئي وينو رهيو. مٿي تان ٽوپلو بہ ڪونہ لاٿائين. پيڙيءَ جي ڏاڍي تي ٻار ڏنيس، هڪڙي پيڙي ڇڪي بس تي ڪيائين تہ ٻي تي دڪايائين. جنهن جو دونهون ڇت تي ڪڪر ٻڌجي ٿي بيٺو. منشين کي ڏس تہ زميندارن کي پيا ستائين تہ پيلي سگها ٿيو! واڪ ڏيو. تہ مقاطعو نيڪال ٿئي! هڪڙا جانا سو ڪو نہ ٿي پريائون. پر ويچارن ليلائڻ سان گهڻايو ئي ڪو نہ. هوڏانهن آيل مقاطعدار ڏسو تہ هڪ ٻئي ڏي اشارا پيا ڏين. ڪن سن جون ڳالهيون پيا ڪن. پاسيرو اٿي پيا پاڻ ۾ پهن. وقتي پٽڪي جي پلاند هينان ۽ ڏوتيءَ جي پلو هينان هٿ هٿ ۾ ملايو اگهہ پار پيا ڻاهين. نيٺ ٿورو ٿورو ٿي واڪ چڙهڻ لڳو. پر انهيءَ وچ ۾ ماڻهن گنگوءَ وارو گوڙ لائي ڏنو. هتان اُتي پيا هتي وهن ۽ وڏي آواز ڳالهيون ڪن. منشين ماٺ ڪرڻ لاءِ گهٽيئي منٿون ڪيُن. پر سندن عرض ڪنهن بہ ڪونہ اونايو. آخر واڪ ٥٠٠ روپين تي پهتو. پٽيوالن ۽ منشين جا گلا گهٽجي ويا. پر صاحب کي ڏس تہ بيڙي وات ۾. ڪرسيءَ تي چٽيو ڏکيو وينو آهي. جڏهن واڪ جي وڌيڪ چڙهڻ جو چارو نظر نہ آيو. تڏهن دووار ٿي ۽ ڪجهہ وقت بعد تين وار! منشين ۽ پٽيوالن جا اوڏي مهل ڇڻ بند خلاص ٿيا هئا. جو منهن ۾ پاڻي آين. پر هڪڙيئي مقاطعي کي نيڪال ڪرڻ ۾ ٣٠ـ ٣٥ منٽ لڳي ويا. مقاطعي نيلام ٿيڻ جي رفتار جونءِ واري ڏسي عجب ۾ پيس تہ هيترا سارا مقاطعا ڪڏهن پورا ٿيندا! ايتري ۾ ٻيو مقاطعو پڪاريو ويو. جنهن بہ ساڳي ڪار ٿي. ٽي چار مقاطعا مس بحال ڪري صاحب ٻپهري ڪائڻ واسطي اڌ ڪلاڪ جي چوٽي ڏني. هال کان ٻاهر برهما پي نچيو. سو پلا ماڻهو نڪري ڇا ڪن. تنهن ڪري گهڻا اتيئي رهاٽين ۾ لڳي ويا. باقي ٿورا ٻاهر ٽنگون ساهڻ لڳا. ڏٺم تہ آيل ماڻهن خاص خاص مقاطعي ۾ دلچسپي ٿي ورتي. جنهن جي نيڪال ٿي وڃڻ تي گندي چنڊي اٿي روانا ٿيا. مون هڪ پٽيوالي کان سڌي پڇيو: هيتريون ٽنگون هنيون ۽ رڙيون ڪيون اٿئي. ٽڪو ڪو نہ آهين؟

ڇي: ديوان. ڪهڙا ٽا ٽڪ پڇو؟ مقاطعي جي نيڪال ڪرڻ جي ڏينهن کان ٽي

# لطيفي لات

رات جا ٻارهن لڳي ويا آهن. چوڏهينءَ جو چنڊ آسمان جو اڌ دور ختم ڪري چڪو آهي. اُن جي ٿڌي روشنائي وٽندڙ هير سان گڏ ماڻهن کي مٺيءَ ننڊ ۾ سمهاري رهي آهي ۽ مٽي ڪان هيٺ نور جي پالوٽ سبب روح کي راحت ۽ اکين کي اُهاءُ پيو نصيب ٿئي. آسمان جو سمورو منهن ڪنهن تجليدار محبوب جي ڳلن وانگيان صاف ۽ چمڪندڙ پيو نظر اچي. رات جي ڪچهريءَ ڀڪائڻ وارا تارا سوجهري جي تاب کان مجبور ٿي، پاڻ کي نيريءَ چادر ۾ لڪائي ويٺا آهن. پر وقتي وقتي ڪو ستارو ليٽا پائيندو نظر اچي ٿو يا ڪو شوخ چشم نڪري نروار ٿيو بيٺو آهي. هر طرف ماٺ ۽ چپ چاپ لڳي پيئي آهي. سهي سهي ڪنهن ڪنهن مهل چوڪيدارن جي خبردار، راڌي شيام، جو آواز ڪنن ۾ اچي ٿو، نه ته ٻي سڄي ڪائنات آرام ۾ سڪوت ۾ آهي.

اڄ ڏينهن جو يارن سان سرگوشيون ڪري ۽ ھڪجيڏن جي ٺٺاڪ سٺاڪ جو لطف وٺي، هن خاموش ۽ روشن وقت ۾ بستري تي ننگون ڊگهيڙي پيو هوس. پاسا ورائيندي ورائيندي ٿڪجي پيس، مگر ننڊ اچڻ کان نابري واري ويٺي. ڪنهن اندر جي مونجهاري اهڙو پريشان ڪري ڇڏيو هوم جو هزارين دلداريون ڏيندي ۽ پاڻ پرچائيندي به دل جي مونجهه نه لٿي.

اِتي خيال آيم ته ڇو نه اخبار پڙهي دل وندرايان ته خيال مٽجيم ۽ ننڊ جو غلبو به پيدا ٿئي ته باقي رات آرام سان گذري.

اخبار ڪٽي اڃا منجهس نظر ڪيم ته پهرئين ورق تي هيءُ سرو ڏٺم:

**فرقه وار فساد ۾ هندن ۽ مسلمانن جي قتل جي هيبتناڪ خبر**

بي اختيار اندر مان آهه نڪري ويئي ۽ پنهنجي غلام ديس جي رهاڪن جي ذهنيت ۽ جهالت تي ايترو افسوس ٿيم جو اکين جا پلڪ نيٺ پسي پيا ۽ جگر جو جوش لڙڪن جي شڪل ۾ دامن تر ڪرڻ لڳو. دل ئي دل ۾ سوچڻ لڳس ته هي ڇا،

آخر ڪهڙو سبب آهي جو اسين هموطني تي پاڻ ۾ وڙهي، پاڻ کي برباد ڪري رهيا آهيون ۽ اسان جي خونچڪاني ٻين جي لاءِ زينت ٿي رهي آهي؟ اهو ڪهڙو زهر آهي جو اسان سنڌين کي ڪير ڪنڌ ٿيڻ نٿو ڏئي؟ اسين ماٺهو پاڻ کي هميشہ مذهب جا پابند ڄاڻندا آهيون ۽ ڌرم تان سر قربان ڪرڻ جي هام هڻندا آهيون ۽ هرڪو مذهب بغض ۽ دشمنيءَ توڙي پرائي مال تي بري نظر وجهڻ يا ڪنهن جي عزت ۽ حياتيءَ تي حملي ڪرڻ جي سخت منع ٿو ڪري، پوءِ هيءَ وڳوڙ ڇا جو؟ هيءَ خون خرابيون ڇو ٿي رهيون آهن؟ ڇا اسين مذهب کي ڪياڙيءَ پٺيان رکي، پنهنجي روحاني رهنمائن جي مخالفت ڪري رهيا آهيون؟ اول خيال آيم تہ هڪ غير جانبدار منصف وانگر مسلمان ۽ هندوءَ جي نقطي نگاهہ سان قرآن شريف ۽ گيتا جا ورق ورائي ڏسان تہ ٻنهي مذهبن جا پاڪ ڪتاب ڪهڙو ٿا جدا جدا حڪم ڏين. پر اوچتو ميز تي پيل شاهہ جي رسالي تي اک پيم. رسالو کڻي اجا کوليم. تہ پهريائين جنهن بيت تي نگاهہ پيم سو هيءُ هو:

وحدتا ڪثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪل،
هي هلاچو هل، بالله سندو سڄڻين.

بيت پڙهندي مون تي هڪ عجيب ڪيفيت طاري ٿي ويئي. اندر جي اک تان ڄڻ پردو کڃي ويو. ڏٺم تہ شاهہ صاحب هڪ وسيع مضمون کي ڪهڙيءَ نہ خوبيءَ سان هڪ ننڍي بيت ۾ سمايو آهي. انهيءَ بيت جي معنيٰ ۾ اهڙو تہ محو ٿي ويس جو ڪُل وانگي جز ۾ پنهنجي هستي ياسڻ لڳم ۽ سڀ پريشانيون لهي ويم. بشريت جي هڪ دقيق مسئلي تي روشني وجهندي لاکيٽي لعل ڪيئن نہ دريا کي ڪوزي ۾ بند ڪيو آهي، گويا مذهبي جنون پيدا ڪرڻ وارن کي مذهبي ڇڪتاڻ ڪرڻ کان روڪي ٿو. هو ڏٺيءَ کي هر هڪ شيءِ، هر هڪ قوم ۽ هر هڪ مذهب ۾ موجود ڏسي ٿو ۽ چوي ٿو تہ هيءُ سڀ هنگامو اُنهيءَ محبوب جو آهي.

بشريت جي وسيع ميدان ۾ هر هڪ انسان اڇي وڃي ٿو، ڇاهي هو ڪهڙي بہ قوم، ڪهڙي بہ مذهب، ڪهڙي بہ ملڪ ۾ ڪهڙي بہ رنگ جو هجي. پرماتما غريبن جي جهوپڙين ۽ ڪکائن گهرن کان وٺي اميرن ۽ دولتمندن جي سربفلڪ بنگلن تائين هر هڪ ۾ وسي ٿو. هن جي ربوبيت جي نگاهہ جهڙي هڪ امير ڪبير تي آهي تهڙي هڪ معمولي ڪاسبيءَ ۾ ادنيٰ مزور تي. عزت جي ڪرسيءَ تي وهندڙ معزز افراد يا ڪسين مان ڪچرو ٻهاريندڙ ڀنگي سندس عنايت جي نظر هيٺ آهن. ڪنهن کي بہ حق ڪونهي تہ هو ڪهڙي بہ باايمان ڪم ڪندڙ تي پسنديءَ يا ناپسنديءَ جي

اک ڪٽي. جيئن هڪ پنگي پنهنجي فرض ادائي ڪندي خلق جي ضرورت پوري ڪري ٿو تيئن هڪ مدبر بہ ملڪي معاملن ۾ پنهنجي عقل ۽ حرفت سان پوري پوري رهنمائي ڪري ملڪ جا ٻيڙا ٻني لائي ٿو. ٻئي عزت ۽ قدر جا لائق آهن. جيتوڻيڪ ٻنهي جو پيشو الڳ الڳ آهي، پر ملڪ واسطي ٻئي ڪارائتا آهن. هڪ صحت ۽ صفائي جو باني آهي تہ ٻيو ملڪ جي جهاز جو ڪپتان. اُنهن جي مقابلي ۾ هڪ شرافت جو مدعي، ويٺي ويٺي، ڪٿون پيچي ۽ هٿ جي پورهئي کان عار ڪري، سو نفرت ۽ حقارت جوڳو آهي، ڇو تہ هو پنهنجيءَ فرض ادائيءَ ۾ ڪوتاهي ڪري ٿو.

بشري فضيلت، محنت ۽ عمل ۾ آهي. شاهہ صاحب فرمائي ٿو:

**ڏڏيءَ ڪوسيءَ ڪاهہ، ڏاهي ويل ويهڻ جي،**
**متان ٿئي اونداهہ، پير نہ لهين پرينءَ جو.**

پرينءَ جو پير لهڻ معنيٰ مقصد کي پهچڻ، ۽ اونداهہ جو اشارو حياتيءَ جي تمڪندڙ ڏئي جو گل ٿيڻ ڏي آهي. شاهہ جي چوڻ موجب هيءَ دنيا جنبش جي جاءِ آهي ۽ ڪاميابيءَ جي ڪنجي هٿ پير هلائڻ ۾. بي عمل ماڻهو بي وقار ٿئي ٿو. هو پيٽ پارڻ واسطي، پنڻ جهڙين رذيل عادتن ۾ گرفتار ٿيندو يا مائٽن تي بوجو ٿي پوندو يا بيڪاريءَ سبب ڏکا ڏوما پيو ڪائيندو ۽ بداخلاق ٿي رهندو.

شاهہ صاحب بشريت جي مضمون کي ٻي هنڌ ڏاڍيءَ چٽائيءَ سان ظاهر ڪيو آهي. اِنساني شرف ۽ فضيلت ۾ هندو ۽ مسلمان جي تخصيص ۽ ڪفر ۽ اسلام جو سنڌو نٿو رکي. جيئن برساتي ڪڪر وسڻ وقت باغ ۽ بيابان جي ڪا بہ پچا ڪا نہ ٿو ڪري ۽ خاص ۽ گل هن وٽ هڪ سمان آهن ۽ ٻنهي کي هڪجهڙو پاڻي پياري ٿو. تيئن بشريت ۾ بہ عالمگير برادري سمايل آهي.

**نڪو ڪم ڪفار سين، نڪا مسلماني من،**
**نڪا دل دوزخ ڏي، نڪي بهشت گهرن،**
**ائين پيا چون، تہ پرين ڪجو پنهنجو.**

شاهہ جي واسطي پرين آهي عالمگير برادري، ڇوجو پرين سڀ ۾ وسي ٿو. سچو مذهب مذهبي سوالن، ڪفر ۽ اسلام جي ڪشمڪش کان آزاد آهي. اُن جي مدار فقط انساني قرب، خدمت ۽ ايڪي تي ٻڌل آهي. اُنهيءَ خلق جي خدمت، بي تعصبيءَ ۽ محبت جو درجو شاهہ سڀ کان افضل سمجهيو آهي:

**روزا نمازون، اِي پڻ چڱو ڪم،**
**او ڪو ٻيو فهم، جنهن سان پسجي پرينءَ کي.**

سارنگ سار لهيج، الله لو اُجِيَن جي،
پاڻي پوچ پٽن ۾، ارزان اَن ڪريج،
وطن وسائيج، تہ سنگهارن سک ٿئي.

♦♦♦

حڪم ٿيو بادل کي، تہ سارنگ ساٿ ڪجن،
وچون وسڻ آئيون، نَھ نَھ مينهن نمن،
جن مهانگو لهي ميڙيو، سي تا هٿ هڻن،
پنجن منجهان پندرهن ٿيا، ورق ائين ورن،
ڏڪاريا ڏيهہ مان، موذي سڀ مرن،
مينهون پاڻ مراديون، ٿڌا ٿر چرن،
وهڪي جن ورهيہ ٿيا، موٽي سي مڙن،
وري وڏي وس جون، ڪيون ڳالهيون ڳنوارن،
سيد چئي سين، آهہ توهہ تنهنجو آسرو.

مٿي شاهہ صاحب جي بشريت ۽ وطنيت تي سرسري نگاهہ وڌي ويئي آهي. پر شاهہ ۾ حُريت ۽ قوميت بہ ڪا گهٽ ڪانهي. هو آزاديءَ جو وڏو ڪوڏيو هو. هن کي غلاميءَ جي ڪوٽن ۾ ڪپڙن کان، ننگو ٿي ٿر جي ميدانن ۾ آزاد ڦرڻ وڌيڪ پسند اچي ٿو. هن جي نظر ۾ غلاميءَ ۾ هر شيءِ حرام آهي ۽ ڪجھ بہ نہ اُجهڻ گهرجي، جهڙي طرح مارئي ڪوٽن ۾ بند هئڻ سبب نہ فقط وارن کي تيل ڦليل نہ ٿي مکيا، پر سندس دل جي خوشي بہ گم ٿي ويئي هئي درحقيقت جنهن انسان کي آزاديءَ جي عزت نہ آهي سو ذليل آهي ۽ ذليل زندگيءَ کان موت صد بار بهتر آهي:

محلين ماندي مارئي، ڏنيم منهن ملور،
اٽيا سٽيا نہ ڪري، سونهن وڃايس سور،
پيس لوهہ لطيف چوي، لٽيس ڪوڏ ڪپور،
چت جنين جا چور، سي مکي مرک نہ ڪنديون.

♦♦♦

ننگا آهيون لڱئا، اسين مارو لوڪ،
ٿر کي پانيو ٿوڪ، جو ڍڪ ڍائيٽڙن جون.

پٽائي گهوٽ جي قوميت جو مثال ڳوليو نہ لڀندو. هو ايتري قدر قوم کي گهري ٿو جو ان مان ڪنهن بہ چٽي جو ونگو وار ٿيندو نہ ڏسي سگهي ٿو. عمر

سومرو مارن جي فقط هڪڙي مارئي ڪٽي آيو آهي تہ سڄي قوم جي قوم بيقرار ٿي پيئي آهي، گويا مارئي مارن جي جسم جو هڪ حصو هئي، جنهن جي جدا ٿي وڃڻ ڪري سڄي قوم بيچين گذارڻ لڳي آهي، نہ فقط اهو، پر مارو قوم، مارئيءَ جي ڦوڙائي سبب ڏک وچام ڪير پيڻ ڇڏي ڏنو آهي ۽ ماتم ڪري ڪارا ڪپڙا اوڍيو پيا گهمن. سچ پچ اُها ئي قوم زنده ۽ سرخرو رهي ٿي، جنهن جي هڪ فرد سان بي انصافي ۽ ظلم سڄيءَ قوم لاءِ انياءَ ۽ ڏاڍ سمجهيو وڃي ٿو ۽ قوم جو سک ڦٽيو پوي:

جا عمر تو مل عيد، سا اسان سوءِ ورتي سومرا!
ويئي ويچارن وسري، خوشي ۽ خريد،
سڪڻ ڪيا شهيد، مارو جي ملير جا.

◆◆◆

مينڍا ڌوءِ نہ مارئي، آهس من ملير،
ڪڍي تہ ڪاڻ لهي، هتان هيءَ همير،
ڪاٺر پين ڪير، جي امانت اُت وڃي.

هيلتائين شاه جي رسالي کي فقط سلوڪ ۽ تصوف جي نگاه سان ڏٺو پئي ويو آهي. حقيقت ۾ تصوف جي بلند چوٽيءَ تي هر ڪنهن جي ذهن ۽ خيال جو پکي پهچي نٿو سگهي. منهنجي خيال ۾ شاه جي ڪلام تي نئين سر نگاه وجهڻ ۽ ان تي وري بيهر غور ڪرڻ جي ضرورت آهي. سچ پچ تہ پٽ ڌڻيءَ جي وسيع نگاه تمدن ۽ ملڪي ترقيءَ جي اسبابن ڏي بہ آهي. منجهس بشريت، وطنيت، قوميت، حريت جي تعليم سان گڏ محنت ۽ عمل ڪرڻ جي بہ بار بار اپٽار ڪيل آهي. هو شاعر ٿي پنهنجي وطن جي پٽن پاڻن کي ڳائي ٿو ۽ هر هڪ نقش کي اهڙيءَ صفائيءَ سان چٽي ٿو، جو پڙهندڙ ائين محسوس ڪندو تہ ڄڻ سچو ڇهچٽو اکين آڏو پيو ڦريس. هن سنڌ جي هر هڪ مٿل شيءِ ۾ نئين حياتي ڦوڪي، چرندي ڦرندي ڪري ڏيکاري آهي. جنهن ڪري ئي چئجي ٿو تہ شاه صحيح معنيٰ ۾ سنڌي هو ۽ آهي. هن کي سنڌ جي هر هڪ چيز لاءِ بيحد پيار آهي. اهو ئي سبب آهي جو شاه جي ڪلام تي سنڌي رنگ چڙهيل آهي. هُن ملڪ جي رسم رواج، وهٽ واني، پکيءَ پکڻ، ريتي رڻ، واه واهڙ جا ڏاڍا سوز پريا سر آلاپيا آهن. جيڪڏهن شاه جي ڪلام تي فقط تصوف جو رنگ چڙهيل هجي ها تہ هر دلعزيز نہ ٿي سگهي ها. ڇاڪاڻ جو ڪو ڪلام جي پنهنجي زمين زمان، حال قال جي موافق نہ هوندو تہ هموطنين کي دلچسپ نہ لڳندو ۽ نہ ڪا دلاويزي پيدا ڪندو. البتہ ايترو چئبو تہ پٽائي گهوٽ هڪ

اعليٰ پايہ جو شاعر هجڻ سبب فيلسوف ۽ حڪيم بہ آهي. جيتوڻيڪ شاعر ڪو ملڪ ڪي خاص نياپو ڪو نہ ٿو ڏئي، هن جي رنگين مزاج جا نرالا رنگ روپ آهن. پر تنهن هوندي بہ ملڪي حالتن کان متاثر ٿي شاهہ بي اختيار ملڪ جي هر مرض جا ڪافي شافي نسخا رسالي ۾ درج ڪيا آهن. باوجود اهڙن ڪيميائي نسخن جي بہ سنڌ جهيڙن، جهڳڙن، خون خرابين ۽ لُٽن ڦرن جهڙن مهلڪ مرضن ۾ ڇو گرفتار ٿي پئي ڇڙي ۽ ڳري؟

جيڪڏهن اِهي نسخا ڪي منصف مزاج قوم جا پساري ماڻهن ۾ استعمال ڪن، تہ اهڙن حياتي تباهہ ڪندڙ مرضن کان قوم شفاياب ٿي پوي ۽ سنڌ جو اجڙيل گلستان، سنڌ جي نونهالن سان آباد ٿئي ۽ وطن جي بهاريءَ جا ڏينهن ورن. وطن جي بهار هر هڪ خاص ڪي گل بنائي ٿي ڇڏي. اُن جي هير ڪوماڻل قلب کي نئين شگفتگي بخشي ٿي. دلين مان دوئي جا خار نڪري، يڪجهتيءَ جا گل ڪلي پون ٿا. وطن جو هر هڪ فرد تازو، شگفتو ۽ شاداب نظر اچي ٿو. تنهن ڪري شاهہ جهڙي لاثاني شاعر جنهن جي قرب جي واڙي ۾ ساري خدائي هڪ نظر اچي ٿي، تنهن جي ڪلام مان پورو پورو فائدو وٺڻ گهرجي، جيئن هن جي عالمگير عشق جي چڻنگ اسان جي چولي پوي ۽ اسين هڪ ٻئي ڪي ولين وارا ور وجهي، ڳلي لائي، وڇوڙي جون سؤ سالن واريون سڪون لاهيون ۽ وطن جي باغ ۾ پکين ولرا ميڙا ڪري، ديس جي بهار جا روح ريجهائيندڙ راڳ ڳايون.

❑

# پوترتا

اِنساني جامو ڏنيءَ جي هڪ پوتر امانت آهي. پوترتا هرهڪ ڌرم موجب اخلاق ۽ عادتن جي چڱائي آهي. جنهن جي وسيلي نه فقط سرشٽيءَ کي وڌيڪ سندر ۽ پوتر بنائي سگهجي ٿو، پر پريوءَ جو پيار به حاصل ڪري سگهجي ٿو. هيءَ اُها وصف آهي، جا انسان کي سچو انسان بنائي ٿي.

پوترتا ٻن قسمن جي آهي: هڪ اندرين ۽ ٻي ٻاهرين. اندرين پوترتا ڀاوَ (احساس) ۽ خيال تي ٻڌل آهي ۽ ڀاوَ مان ئي ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موه ۽ اهنڪار نڪرن ٿا. ڪام جي سرڪشيءَ ڪان اندَ ٿئي ٿو ۽ ساڃاهه گم ٿيو وڃي. ڪروڌ جو سياءُ تي ڪمر ڪشي بيهڻ سان ڌڪار، بدخواهي، بغض وغيره پڙڪو ڏيئي اُٿن ٿا. لوڀ جي برابر جاڳڻ سان خود غرضي، ڪنورتا، اُنياءُ، ڪوڙ، وغيره منهن ڪڍن ٿا. موه جو من ۾ گهر ڪرڻ سان پيپائي، طرفداري، اِن ڪري بي انصافي، پنهنجي توڙي پرائي ديهي يا جسم سان لڳت، بندن وغيره پيدا ٿين ٿا. اهنڪار جي غلبي ڪان خود پسندي، هٺ، ضد، ٻي لاءِ نفرت، ان ڪري سنگدلي، جيءَ ۾ جاءِ ڪن ٿيون. مٿين غلاظتن ۾ گرفتار ٿي، اِنسان جي قدرتي پاڪيزگي، جا هوند ڪيس قادر جو قرب ڏياري، سا عدم موجود ٿيو وڃي. سچ پچ تہ جي ڀاوَ سٺا آهن تہ خيال بہ سٺا ٿين ٿا ۽ جي ڀاوَ خراب تہ خيال بہ خراب. خراب ڀاوَ بہ خيال جي فضا کي خراب ڪن ٿا ۽ ڪمزور ماڻهو انهن جو بڪ بڻجن ٿا خيال جي طاقت جي عرش ڪان فرش تي ڪيري ٿي، تہ فرش ڪان عرش تي بہ رسائي ٿي. خيالي طاقت جو هجوم هڪ اهڙو هٿيار بند لشڪر آهي، جنهن جي حملي کي ڪو مضبوط ارادي وارو هٽائي سگهندو، نہ تہ سڀ ڪنهن جي مجال نہ آهي. تنهن ڪري جيتري قدر خيال پوتر هوندا تيتري قدر وايو منڊل کي پوتر بنائي، پنهنجي اثر سان ٻين کي ترقيءَ ۾ هٿي ڏيندا ۽ جيتري قدر اپوتر هوندا تيتري قدر ضرر ناڪ ثابت ٿيندا. جهڙيءَ طرح هن ٻاهرينءَ دنيا ۾ گندگي ڪرڻ ڏوهہ اهي، جو اِن ڪري هوا خراب ٿي ڪيترين قاتل بيمارين پيدا

ڪري ٿي، اهڙيءَ طرح خراب خيالن جون گنديون لهريون بہ اندر ۾ روڳ ڪنديرين ٿيون، جنهن ڪري اخلاقي ۽ روحاني فضا زهر آلود ٿي اِنسانيت جو شان ۽ مان ماريو ڇڏي، انهيءَ ڪري هر ڪنهن انسان تي فرض آهي تہ پاڪ ۽ خيالن جي پوترتا کي قهلائي.

باهرين پوترتا، جسماني پاڪيزگيءَ تي ٻڌل آهي ۽ صحت جو دارومدار اِن تي آهي، جسماني پاڪيزگيءَ ۾ اسان جا پنج حواس اچي وڃن ٿا، جي اسان کي ٻاهرينءَ دنيا جي اَستول (ڪثيف) شيَن جي سڃاڻپ ۾ واهر ڪن ٿا ۽ اُنهن جون جدا جدا طاقتون ڏسڻ، ٻڌڻ، سنگهڻ، چکڻ ۽ ڇهڻ: اک، ڪن، نڪ زبان ۽ چمڙيءَ جا ڪم آهن. انهن مان بہ خاص ڪري ڏسڻ ۽ سنگهڻ جا حواس اسان کي جهٽ ٻڌائين ٿا تہ فلاڻي شيءِ گندي ۽ نقصانڪار آهي، جنهن ڪري ضروري آهي تہ مٿين طاقتن کي ناجائز طرح استعمال نہ ڪجي، ڇو تہ انهن حواسن رستي جيڪي مزا ماڻجن ٿا تن کي جسماني شهوتون چئجي ٿو. انهن ۾ بہ اک وڪار جنهن سبب پتنگ بتيءَ يا باهہ تي پاڻ جلائي ٿو ۽ ڇهڻ يا سپرس روڳ جنهن ڪري هاٿي، ڪوڙيءَ هاٿڻ تي ٽپو ڏيئي گڏ ۾ ڪِري پاڻ ڦاسائي ٿو، اُهي بلڪل خراب آهن ۽ منجهائن اگرا نتيجا نڪرن ٿا. حديث شريف ۾ آيو آهي تہ اکيون بہ زنا ڪن ٿيون. حضرت عيسيٰ فرمايو آهي تہ جيڪو بدنظر سان پرائيءَ استريءَ ڏي نهاري ٿو، سو اندر ۾ ويڇار (حرام) ڪري چڪو. سکمني صاحب ۾ لکيل آهي تہ (سالڪن جون) اکيون پرائي اِستريءَ جو روپ نٿيون ڏسن. هن مان پڌرو پيو آهي تہ خيال، پاڪ ۽ نظر جي پوترتا جي سخت ضرورت آهي. ان لاءِ بداخلاق ڪتاب نہ پڙهجن ۽ نہ ڪنا ناٽڪ، سئنيمائون ۽ تصويرون ئي ڏسجن ۽ پڻ بڇڙيءَ سنگت کان ڪنارو ڪجي.

ڇهڻ روڳ مان مراد آهي تہ جنهن شيءِ کي هٿ لائجي، تنهن لاءِ ادب ۽ عزت هٿڻ گهرجي. جنهن چيز لاءِ ادب ۽ عزت هوندي تنهن کي خراب ڪرڻ تي روح نہ ورندو ۽ نکي کي اهڙو خيال ئي ايندو. ڪا بہ حسين شيءِ يا سهڻو انسان، جنهن لاءِ اسان کي پيار هوندو، تنهن لاءِ عزت ۽ ادب پڻ لازمي آهي. پيار ۽ عزت ٻئي لازم ملزوم آهن. محبت سچي ۽ ڪوڙي ٿي نہ ٿي سگهي. نفس پرستيءَ ۽ حسن پرستيءَ جو فرق اتان ئي شروع ٿئي ٿو. پوتر پريم ۽ اپوتر پريم جا لفظ چوڻ غلط آهن. ڇو تہ محبت نفساني ٿي نہ ٿي سگهي. ڪنهن بہ اپوتر خيال، پاڪ ۽ ڪم سان پريم لفظ لاڳو ٿي نہ ٿو سگهي، ان جو تعلق ئي پاڪيزگيءَ سان آهي. سيني مذهبن ۾ انهيءَ ڪري پوتر خيال ۽ پاڪ، پوتر قول ۽ فعل جي تائيد ڪئي وئي آهي ۽ انهي کي ئي

سچي پوترتا چئجي ٿو.

اَخلاق جو زرين قاعدو آهي: جيئن تون پاڻ سان ٻين سان به ائين هلجي. تيئن ٻيا توسان هلن، تيئن تون به انهن سان هل. انهيءَ ڪري اِستريءَ ۽ پرش ۾ به اخلاقي پوترتا جو سوال پيدا ٿئي ٿو. اِستريءَ ۽ پرش جي سچائي ۽ وفاداري به انصاف ۽ حق تي ٻڌل هئڻ کپي ته گهرو جيوت جي پوترتا قائم رهي. جي گهرو جيوت جي پوترتا قائم رهندي ته سماج جي پوترتا به درست رهندي.

اهو ماڻهو برهمچاري نه آهي، جو جيتوڻيڪ سڄي عمر ڪٿي ڪنوارو رهيو هجي مگر پنهنجي دل جو خراب خيال نه پلي سگهيو هجي. هن جي مقابلي ۾ اُهو ماڻهو جو گهر وارو ٿي به پوترتا سان گهاري ٿو، اُهو ئي برهمچاري آهي. اُهو ئي ماڻهو پاڻ سچائي سگهي ٿو، جو پنهنجي نفس تي غالب آهي ۽ دل جو لغام هٿ ۾ اٿس ۽ ٻين جي شرم ۽ عزت کي سنڀالي ٿو. اهڙي ماڻهوءَ کي ئي صحيح معنيٰ ۾ برهمچاري چئي سگهجي ٿو. پوءِ ڪٿي هو ڪهڙيءَ به ذات جو هجي. ڪي به گندا راڳ يا اعتراض جهڙا اکر زبان سان چوڻ يا ڪنن سان ٻڌڻ، برهمچاريه جو ٻنڌن ٽوڙڻ آهي. عجب جي ڳالهه آهي، اجائي وات هڻڻ کان، ماڻهو ڇو نه خلقٺهار جو نالو وٺن.

چکڻ يا يا رسنا روڳ جي وَس ٿي، مڇيءَ جهڙي شيءِ به پاڻ کي ڪنڊيءَ ۾ ڦاسائي پنهنجو موت آڻي ٿي. حقيقت ۾ ڇپ رس جو دل تي وڏو اثر رهي ٿو ۽ سڀ طاقت جو دارومدار طعام تي آهي. تنهن ڪانسواءِ چوڻ آهي: جهڙو اَن تهڙو من. جيڪو به ڏاڙهه وس ۾ رکي ٿو، سو نفس تي به غالب رهي ٿو. جيڪو وات جو چشڪو نه پليندو، سو پوڳن (مزن ماڻڻ) ۾ لڳندو. پوڳن مان روڳن پيدا ٿيڻ جو انديشو آهي ۽ روڳ پيدا ڪرڻ جسماني پوترتا جي خلاف آهي، جنهن ڪري ممڪن آهي ته سماج يا ملڪ کي به هاڃو رسي.

ٻڌڻ يا راڳ روڳ، مان مراد آهي ته غليظ لفظ يا راڳ جي دل تي خراب اثر وجهن ۽ خراب خيال اُتپن ڪن يا سُڌ ٻڌ وڃائي بدخواهن جي ور چاڙهين، جيئن هرڻ راڳ تي هرڪي شڪارين جي ور چڙهندو آهي، تن کان پاسو ڪجي.

سنگهڻ يا گند روڳ جو مطلب آهي ته خوشبوءِ تي اهڙو مست نه رهجي، جو آخر جو به انديشو نه رکي، پوِنر وانگر نيلوفر گل ۾ ٻوٽجي پنهنجو موت آڻجي.

اسين سمجهون ٿا ته اسين حواسن کي ماڻيون ٿا، پر اِها خبر نه ٿي پوي ٿي پوئون ته پتنگ، هاٿي، مڇي، هرڻ ۽ پوِنر فقط هڪ حواس سبب برباد ٿين ٿا ته انسان پنجن حواسن کي ڪيئن منهن ڏيئي جند ڇڏائي سگهندو. در حقيقت رڳو ڪامُ ڪروڌ ئي

روح کي ائين ٿا ڳارين جيئن سون کي سُهاڳو. پوءِ جا شيءِ اسان کي ڳاري ناس ڪري ٿي، سا اسان جي ويري ڇئبي. ويريءَ سان محبت رکڻ سياڻپ نہ آهي. فرض ڪريو تہ اسين اِنهن حواسن جي مزن کي نہ ٿا ڇڏيون تہ آخر اُهي حواس اسان کي ڇڏي ويندا يعني ڪمزوريءَ ۽ پيريءَ اچڻ سان سيئي حواس اهڙا بيڪار ٿي پوندا جهڙا جڏا هٿيار. پوءِ اُنهن جي ذريعي جيئن لذت وٺڻ جي طاقت گم ٿيو وڃي، تيئن اسان جي دل ۾ درد پيدا ٿئي ٿو. تنهن ڪري ان ڪان اڳي جو هو ڇڏين، جيڪڏهن اسين سندن لذتن کي ترڪ ڪنداسين، تہ نہ فقط اسان کي درد نہ ٿيندو پر ابدي راحت بہ نصيب ٿيندي،، ڇاڪاڻ جو پاڪائيءَ سبب اسان جي دل جو آئينو اهڙو صاف رهندو جو منجهس مالڪ جو مشاهدو ماڻي سگهنداسون ۽ حقيقت پوترتائي روحانيت آهي.

جسماني پاڪيزگيءَ جي باقي حصي تي صحت جو دارومدار آهي. پهرين حفظ صحت جو اُصول آهي، بدن جي صفائي ۽ ڪپڙي جي پوچار. تنهن ڪانپوءِ نرويي ڪاڏي، صفا رهڻ جي جاءِ، چڱي پاڙي ۽ کُلي هوا جي ضرورت آهي. جي سرير سگهو هوندو تہ ڪم اُچهندو. جي جسم جڏو هوندو تہ نہ فقط ڪم نہ پڄندو پر حياتي وبال ٿي پوندي. هر ڪنهن مزَري ۽ لذت جو مدار تندرستي تي آهي.تنهن ڪانسواءِ چوٿي آهي: پوشيدائي ديند‌اري آهي.

❑

ميڙيندڙ ڪين لنگهندو ڏسي ٿڏا ساهہ پيري لالچي اک ٽمڪائيندا. وري سربازار بہ سينو ساهي لنگهندا تہ ڪو خيال ڪو نہ ٿيندن. پاڙن ۾ جهيڙا جهٽا. شهرن ۾ فتنا فساد ۽ ملڪن ۾ جنگيون جهيڙا جي اڄ تائين هليا اچن ٿا تن جو بہ وڏو ڪارڻ اِهي اَڇيءَ چمڙيءَ وارا سپ آهن. جيئن هڪ شاعر چيو آهي:

جيڪي اجڙا پاڻ سڏائي ويا.

سي تہ راڄ رڃن رُلائي ويا.

وري اهڙن افعالن هوندي بہ اڇا پاڻ کي ملڪ جو فخر ۽ قوم جو لاڏ سمجهندا آهن. هي خلل انگيز فتنہ باز جن کان جيڪر شيطان بہ الحفيظ و الامان چوندو لڪڻ جون جايون ڳوليندو وتي، تن جي چيڪ چلڻ تہ باقي بہ ملڪ مانڌاڻ مچائي ڏني آهي. کهڙي نہ نرلجائي! هرٽي اڳيئي نچٽي ويتر پيس گهنڊٽي. اهڙا گهر جا ڏيا شال گهر ۾ ئي روشن هجن. هن وکر ۾ تہ رڳو وٺاءُ آهي.

ڪارو رام جو پيارو، ڪنهن نہ ٻڌو هوندو. مگر اڄڪلهہ گرو گنجو. لَلُو پنجون. ٽيٿون ٽندڻ. جيڪو گهران رُسي سو ڇُن جا ڇٽ ڇٽي پاڻ کي پيو اڇو بنائي. خداداد حسن جي کهڙي نہ توهين! سونهن اُها جا رڳي ئي سونهي. هڪ تہ اڇاڻ ۾ سلامتي ڪانهي، جو هر ڪنهن جون لوڀ ڀريون اکيون منجهس ائين کُتل رهن ٿيون جيئن باز جون تتر تي، پيو تہ وڪاد ۽ گنڊ گوڙ جي جڙ آهي. اِنهيءَ کان علاوه ڏسندا تہ ننڍي ٻار کي بہ مائٽ منهن تي ڪارو داغ يا ليڪو ڏيئي ٻاهر ڪيڊندا تہ بدنظر کان بچاءُ ٿئيس. هاڻي ثابت ٿي چڪو آهي تہ ڪاران ۾ نہ فقط امن امان آهي پر اُن سان گڏ آبرو ۽ عزت جو بہ ڳاٽ اوچو رهي ٿو. سياهي سيني جو ڍڪ آهي. اڄڪلهہ عزت تان جو ماٺهو جانيون گهورين ٿا، سا تہ ڪاراڻ سبب گهر ويٺي ٿي نصيب ٿئي. تڏهن ڪير نہ چاهيندو تہ مان ڪارو هجان. منهنجو تہ هيءُ خيال ڪندي دل بهار بهار پئي ٿئي، اميد تہ اوهان جي دل بہ گهٽ ڪا نہ ٿيندي.

❑

# جيئن سو هرڻ هماءُ

**جيئن سو هرڻ هماءُ، سرگردان سنسار ۾،**
**هو ٻڳ نه ڪوڙي پنيين، هوڏڙ سرڏري نه ساءُ،**
**جيڪس تن ملاءُ، سسئي سور ٻرايا.**

هماءُ پکيءَ جون پکڙانديون هميشه هوا ۾ کليل رهن ٿيون. هو سدائين هوائي ڪره ۾ پرواز پيو ڪري ۽ زمين تي پليو پلايو بہ پير نه ٿو ڏري. جنهن ڪري گمان ٿئي ٿو تہ ڪنهن نامعلوم ۽ اڻ لکئي عشق سبب اهڙو سرگردان آهي، جو ٻارهو ئي هوا ۾ چڪر پيو ڏئي ۽ هڪ پل بہ ساهہ پٽڻ لاءِ زمين تي يا ڪنهن وڻ جي آکيري ۾ ويهي وساند نٿو وٺي. سندس محويت انهيءَ ڪڙيءَ تي پهتل آهي، جو نہ پاڻيءَ جي پياس ٿي ستائيس ۽ نہ چوڳي جي تمنا.

اهڙيءَ طرح هرڻ بہ دائما ڪٿوريءَ جي جستجو ۾ بيابان ۽ رڻ پٽ ۾ سرگردان رهي ٿو. هو مشڪ جي ڳولا ۾ ڪڏهن هن طرف تہ ڪڏهن هُن طرف چالون پيو ماري. هن جي ڪا بہ هڪڙي جاءِ ڪانهي. ڪڏهن رڻ ۾ ڊوڙندو نظر ايندو تہ ڪڏهن صاف ۽ مٺي پاڻيءَ جي چشمي ڏي ڇلانگ هڻندو ڏسبو. هو پنهنجي مقصد ماڻڻ لاءِ اهڙو تہ سرمست رهي ٿو جو سرير جو سماءُ بہ نہ رهندو اٿس ۽ ڪوسيءَ ٿڌيءَ جو خيال جاڳيس ئي ڪونہ. هن جي محويت جي اها انتها آهي، جو پنهنجي نافي جي نکهت تي حيران ۽ پريشان ٿي، پنهنجي ئيَ ڌُن ۾ متوالو ٿيو وتي هيڏانهن هوڏانهن واجهہ وجهندو تہ وقتي هلندي هلندي چونبڪن ۾ اچي پوندو ۽ اڳ پوءِ جو ڪو سماءُ نہ رهندس تہ کهڙيءَ ڏس وڃان ٿو يا کهڙي مصيبت منهن پونديم. هن جي حياتيءَ جو وڏو ڪارنامو آهي ڪٿوريءَ جي ڳولا ۾ چوڪڙيون پرڻ، بيابان پيلڻ ۽ جبل جهاڳڻ. جيئن ڪاڙهو زور تيئن هرڻ جي ڊوڙ تکي. ڊوڙڻ وقت ڏسبو تہ هرڻ جا تيز ڳر سندس سسيءَ کي پيا لڳن. اگرچہ هرڻ جا پير نهايت تکا ٿيندا آهن، ايتري قدر جو جيڪڏهن ڪنهن کي زور سان لڳي وڃن تہ هوند پيٽ ڦاڙي وجهن. پر ڳولا جي

اڳي بہ پي ڳايو، اڄ بہ پيا ڳائين ۽ تا قيامت ڳائيندا رهندا. رُل مُئيءَ جي مردانہ وار همت جو نتيجو هيءُ نڪتو جو هوءَ هميشہ لاءِ پنهل جي آغوش وصال ۾ ابدي راحت وٺي رهي آهي ۽ هن جي محنتن ۽ ڪشالن، جن ۾ سچائيءَ جو مادو رڪيل هو، تن پنهونءَ کي موٽائي وٽس آندو. اهڙيءَ طرح طالب ۽ مطلوب هڪ ئي جاءِ ۾ وصال جون وندرون ماڻي رهيا آهن.

عشق جي غلبي ۽ محبت جي جوش جو اِهو سهڻو مثال آهي تہ ڪنهن جي طلب جي تار ۾ طالب کي وهڻ وهہ ٿي اچي ۽ ڪشالن ڪان ڪڪ نہ ٿي پوي. ڇو جو جيسين پانڌيڙو جيءَ کَي جفا ڏيئي، ساهہ جو سانگو پلي، جُهڙيون نہ جهاڳيندو تيسين سنسار ساگر ۾ مطلب جو موتي هٿ نہ ايندس. هيءَ دنيا جاکوڙ جي جاءِ آهي. اِنسان کي هٿ پير، عقل ۽ حواس، دل ۽ دماغ انهيءَ لاءِ مليا آهن تہ هو پنهنجي محنت ۽ همت سان پاڻ کي ڪامياب ڪري.

بلند همت انسان محنت ۽ تڪليف جي ڪا بہ پروا ڪانہ ڪندا آهن. وهڻ ۽ آرام پِنڻ، بزدلن ۽ بي همتن جو ڪم آهي. جنهن ماڻهوءَ کي ڏوراهين منزل ماري مقصود جي جڳهہ تي پهچڻو هوندو آهي، اُهو جهڙيءَ ڦڙيءَ جو ڪو بہ سانگو ڪو نہ ساريندو آهي. آڙهہ جو مغز ڪجائيندڙ ۽ جگر جهلائيندڙ جهولي هجي يا سياري جي رت ڄمائيندڙ ۽ ڦڦڙ ڦڙڪائيندڙ ٿڌ، تہ بہ اُن کي روڪي نٿا سگهن. ڪاڙهي ڪان ڏڇي سر جو سانگو ڏاري ٿڌيءَ چانوءَ ۾ ويهي وقت وڃائڻ واري لاءِ ويجهي منزل بہ پراهين آهي، پر ساهہ لوساٽيندڙ لُوهہ ۾ بہ اُٿي پنڌ پوندڙ لاءِ دور منزل بہ ويجهو ٿي پوي ٿي، ڇو جو هو کهڙي بہ ڏکئي آزمائش کي مڙس ٿي منهن ڏئي ٿو ۽ ڇا اچي يا ڇا وڃي تنهنجو ذرو بہ خيال دل ۾ نٿو آڻي، مگر دليريءَ سان هر ڪنهن اڙانگي امتحان جو مقابلو ڪري ٿو ۽ اِن ريت نيٺ وڃي منزل مقصود کي رسي ٿو.

❑

# غم ۽ خوشي

**در این بهار ریاض و خزان هم آغوش است،**
**زمان جام بدست و جنازه بردوش است.**

سنسار ساگر ۾ غم ۽ خوشي ٻن ڪنڌين مثال آهن. دنيوي طوفان جي لهر اسان کي ٻي سڪان ٻوڊنديءَ جيان ڪڏهن هن ڪپر تي، تہ ڪڏهن هُن تي ڪنيو سٽي. بعضي ڇپيٽ سان چور ڪريو ڇڏي ۽ بعضي خوشيءَ ڪان خرم. اهڙو ڪو قليل هوندو جنهن ٻنهي جي چش نہ چکي هوندي. ڇا بينوا گدا، ڇا تاجدار شاهہ مطلب تہ غم ۽ خوشي ٻئي لازم ملزوم آهن. سچ جي ٻن پاڇن وانگر جتي هڪڙو موجود آهي، اُتي ٻئي جي هستي رهي ٿي. هي ٻئي نت نئين انداز ۽ ڪرشمي سان ڏيکاري ڏين ٿا. هڪڙو پنهنجي ناوڪ سان دل فگار ڪريو ڇڏي، تہ ٻيو زخمن تي مرهم رکي ڦٽن ڇٽائڻ جي ڪري ٿو. هيءَ لالا جيان دل داغدار ڪندڙ آهي، تہ هي گلاب جيان باغ باغ ڪندڙ. جيڏانهن نهار تيڏانهن غم ۽ خوشي جي راند لڳي پيئي آهي.

ڪيئن نہ بادشاهہ وٽ هرڪا شيءِ هڪي رهي ٿي. سوين ماڻهو سر نمائڻ لاءِ تيار، ۽ لکين حڪم جا محتاج! شاهي دٻدٻو ڏسي، هن جي خوشيءَ جي حد نہ ٿي رهي، پر جي هڪ اولاد جي لوڙ اٿس تہ محلات ڏانهن موٽ ڪائڻ بعد هن جي خوشي ڪافور ٿيو وڃي، غم جي دريا جي اُٿل راحت جي ڪشتيءَ کي ٻوڙيو ڇڏي، ۽ ساري بادشاهت ۽ اسباب خاڪ مٽ سمان ٿيو پوي.

ڪنهن شاهوڪار جي ورهن ڪان پوءِ آس پڄي ٿي. پيريءَ ۾ پٽ پيدا ٿو ٿئيس تہ چوگرد جشن ٿي ٿا وڃن. ڪئين آسائو سندس در تان مرادون پايو، دعائون ڪندا ويندا پيا ڏسجن.

ڇنيءَ جا سانباها وڏي پيماني تي پيا ٿين. ڇهين ڏينهن صبح جو اوچتو ڇوڪري کي ٿڏڙي ٿئي ٿي ۽ اڌ ڪلاڪ اندر ديهانت ٿئي ٿو. گهر ۾ رودن مچي وڃي ٿو. پيريءَ ۾ شاهوڪار جي ڇيلهہ ڀڄي پوي ٿي. گهڙي اڳي جنهن گهر مان

ڪنهن به طرح سان سنتوش نٿو بخشي. ڇو جو دل تي ضابطو رکي تسليم ۽ گذارڻ سان ئي ڏک سک جي ڏؤڙ ڪان آجو ٿي سگهي ٿو. سچي راحت اندر تي ئي مدار رکي ٿي. ٻاهر جهوتون ڏيڻ سان ڪجهه به نه پڙ پندو. جي من جي ميزان جا پڙ هموزن هوندا ته انسان آڏول ۽ اسٿر رهندو. ساهمي ڪاڻ سبب ئي هيٺ مٿي ٿئي ٿي.

□

# علم اَدب ۽ زبان

انسان جي احساسات جا ٻہ پاسا آهن: هڪڙو پنهنجي واسطي ۽ ٻيو ٻين لاءِ. جڏهن اسان لاءِ ڪو بہ مبارڪيءَ جو موقعو ٿيندو آهي يا خوشخبري ٻڌندا آهيون تڏهن اسين اُها خوشي رڳو پاڻ ملهائڻ نہ چاهيندا آهيون، پر اُنهيءَ ۾ ٻين کي بہ شريڪ ڪندا آهيون. ساڳي طرح سان جڏهن اسان تي غم جو غلبو ٿيندو آهي يا اوچتي آفت اچي ڪڙڪندي آهي، تڏهن غمخواريءَ جي ضرورت ٿيندي آهي. ڇو جو غم ۽ خوشي اهڙيون حالتون آهن، جي لڪائڻ سان لڪي نہ ٿيون سگهن. ازانسواءِ اسان جي اها بہ خواهش رهندي آهي تہ اسانجن جذبن جو ٻيا بہ نقل ڪن ۽ اسان سان هر حال ۾ ڀاڱي ڀائي ٿين. ڇاڪاڻ جو جنهن وقت اسين ڏسندا آهيون تہ اسان جي غم يا خوشيءَ جي اظهار ٻين ماڻهن تي پورو اثر ڪيو آهي تنهن وقت اسان کي هڪ قسم جي تسلي ڇا بلڪ خوشي ٿيندي آهي ۽ پاڻ کي ڪامياب ڄاڻندا آهيون، پر جڏهن ڏسندا آهيون تہ جنهن جذبي يا نظاري اسان جي حالت ۾ ڦيرو آندو آهي تنهن جو ٻين تي ڪو بہ اثر ڪو نہ ٿيو آهي، نہ اسان جي غم ۾ غمگين، نہ شاديءَ ۾ شادان ٿيا آهن، تڏهن اسان کي اها ڳالهہ ڏکي لڳندي آهي. اِهو انهيءَ ڪري ٿو ٿئي، جو جيسين گهڻا ماڻهو اسان جي ڳالهہ کي قبول نہ ڪن، تيسين اُنهيءَ ڳالهہ جي صداقت يقيني نہ ٿي ڄڻي وڃي.

دل جا جذبا تہ دل سان لاڳو رهيا، جن جو اظهار اکين مان، منهن مان يا بدني حرڪت مان ٿئي ٿو، پر دنيا جي تماشاگاهہ ۾ جيڪو کيل هلي رهيو آهي، اُهو اسين هوبهو ڏسون ٿا، مگر ادب ۾ ٻنهي ڳالهين کي نس پس ٿڻا ڏسون، فقط لفظي لباس ۾ اُنهن جي نڪتل تصوير ڏسڻ ۾ اچي ٿي. انهيءَ تصوير کي جيئرو جاڳندو ڪرڻ لاءِ اسان کي مبالغي کان ڪم وٺڻو پوي ٿو ۽ وقتي راڳ ساز جي امداد جي بہ ضرورت ٿئي ٿي، اِنهيءَ لاءِ تہ اُن جي صداقت ٻين جي دلين تي بہ نقش ٿي وڃي.

ادب ٽن طبقن ۾ ورهايل آهي. وندرائيندڙ، جذبا اڀاريندڙ ۽ سکيا ڏيندڙ. ادب

جو خاص مطلب آهي تہ وندرائي ۽ جذبا اُڀاري، پر ساڳئي وقت سکيا ڏيندڙ بہ هجي تہ ڏاڍو چڱو. مگر سکيا اهڙي شگفتي رنگ ۾ ڏنل هجي جو خشڪ نہ لڳي ۽ اُها بہ سرواهي ۽ سياڻپ طرح اچڻ گهرجي.

جڏهن اسان کي ڪو بہ نظارو نظر چڙهي ٿو، تڏهن اُن جو اسان جي دل تي ڪجهہ نہ ڪجهہ اثر رهي ٿو ۽ دماغ بہ پنهنجي پسنديءَ موجب منجهائنس ٿورو ڪي گهڻو انتخاب ڪري پنهنجي حافظي ۾ وهاري ٿو. اسان جي واسطي ايترو ڪافي آهي جيترو اسان جي دل ۽ دماغ چونڊي ڪنيو. مگر جڏهن ٻين جي اڳيان اُنهيءَ نظاري يا جذبي جو، جنهن اسان جي دل ۾ پلٽ پيدا ڪئي آهي، بيان ڪريون ٿا، تڏهن گهڻي مک چک ڪرڻي ٿي پوي ۽ لفظن جي آئيني ۾ اُنهن جو عڪس اهڙي طرح ڏيکارڻو پوي ٿو، جو اُنهيءَ جو اثر ٻين تي بہ اهڙو ئي پوي جهڙو اسان تي پيو هو. تنهن ڪري جيڪي اسين ادب ۾ ڏيکاريون ٿا، سو حقيقي ڪونهي، پر تنهن هوندي بہ گهڻي قدر حقيقت کان دور نہ آهي. اِنهن حدن کي سنڀالڻ جي ذمہ داري ادب تي آهي، جنهن جي ذريعي پنهنجي هر ڪنهن خيال کي، زبان، ٻوليءَ جي حقيقت، ماهيت ۽ صورت جي حدن اندر رهي، جدا جدا قاعدا ۽ قانون تيار ڪري، اُنهن کي استعمال ڪرڻ جون ترتيبون معلوم ڪري سگهجن.

علم ادب جي ڪشادگي بہ زبانن جي وسعت سارو آهي ۽ سندس بنياد، خيال، زبان، ڳالهائڻ، لفظن ۽ معنائن جي چونڊ، ميناڄ ۽ مذاق تي ٻڌل آهي ۽ اِنهن قاعدن هيٺ رهي ادب وڌي ۽ ويجهي ٿو.

اڄ دنيا ۾ جيڪي بہ سڌريل ۽ ترقي يافتہ ٻوليون اسين ڏسون ٻڌون ۽ پڙهون پيا، اُنهن سڀني جي حيثيت شروع ۾ اها ڪانہ هئي جا اڄ اُنهن مان گهڻن کي حاصل آهي. انگريزي، فرينچ، لاطين ۽ جرمني ٻولين جي اڄ مڪمل ڇيون وڃن ٿيون. اُهي بہ پهريائين اهڙيون ئي هيون جهڙيون اڄوڪيون اڻپوريون ٻوليون آهن. اُنهن بہ آهستہ آهستہ ٿي وسعت ۽ ڪمال ورتو. مثال لاءِ اسان جي سنڌي زبان تي غور ڪريو، جا ٻوڻي سڌريل زبانن کان گهڻو پوئتي آهي، تڏهن بہ جن لفظن اڄوڪيون معنائون ۽ شڪليون ورتيون آهن، اُنهن سَون هزارن قالبن مان مٽي لِها صورت ورتي آهي. سوين لفظ ۽ جملا جي ڪنهن وقت ڳالهائڻ ۾ ايندا هئا، اُهي نڪري ويا آهن يا سڌري ٻي شڪل ورتي اٿن، يا اُنهن جي جاءِ ٻين لفظن اچي ورتي آهي. پنجاهہ سال اڳ جا جملا ۽ محاورا ڪيتري قدر نہ بدلجي ويا آهن ۽ گهڻن لفظن جي شڪل ۽ ترتيب ۾ ڦيرو اچي ويو آهي!

اوهان ڏٺو هوندو تہ وهياترا ۾ ڪهڙا لفظ ڳالهائيندا آهن جن جي نہ ڪا هوندي معنيٰ نہ ڪو اشتقاق. پر رفتہ رفتہ اهي لفظ ڇڏي صحيح لفظ ڳالهائڻ لڳندا آهن. ساڳيو حال سڀ ڪنهن ٻوليءَ جي منڍ جو بہ آهي. جيئن جيئن ماڻهو ترقي ڪندا ويندا آهن ۽ نيون ايجادون ڪندا آهن. تيئن تيئن اُنهن کي جدا جدا لفظن جي ضرورت ٿيندي آهي ۽ ڪوٺ کي پرڻ لاءِ ڌارين ٻولين جا لفظ بہ چندي پاڻي، ٺپي ٺاهي، پنهنجيءَ ٻوليءَ ۾ داخل ڪندا آهن. تنهن ڪري هر ڪنهن قوم جي ترقيءَ جي پوري شاهدي اُن جي ادب مان ملي سگهندي. اهو ادب ئي آهي جنهن جي وسيلي مذهب ۽ فلسفي جو پرچار ۽ سائنس جو اعلان بہ ڪري سگهجي ٿو. جيڪڏهن ادب ۾ ايتري وسعت نہ هوندي تہ نہ ڪو پوري پيماني تي پرچار ٿي سگهندو ۽ نہ ڪو سائنس جي سچي راز جي تہ کي پهچي سگهبو.

موسيقي، شاعري، تحرير ۽ تقرير ۾ جيڪو اثر ۽ ڪشش آهي، اُهو بہ علم ادب جي ڪوشش جو نتيجو آهي. اهو ٿورن لفظن جي ميلاپ ۾ اُهو اثر ۽ جادو ڦوڪي ٿو، جو اِنسان جهڙو فهم فراست جو صاحب بہ هڪواري بي خبر ۽ مست ٿيو پرواني جيان اُن جي شمع تي پاڻ قربان ڪريو ڇڏي.

زبان جي اصلاح مان فقط هيءَ مراد ڪانهي تہ اُن جي صرف، نحو ۽ اشتقاق کي پورو رکيو وڃي، بلڪ هيءَ مراد آهي تہ اُن ۾ علمن ۽ فنن جو ذخيرو تيار رکيو وڃي ۽ زبان کي اهڙي پائي تي آڻجي، جنهن جون خوبيون هر هڪ رنگ ۾ نمايان ۽ پڌريون ٿي پون. زبان جي وسعت اُنهيءَ حد تي پهتل هجي، جو دريا کي ڪوزي ۾ بند ڪري سگهجي ۽ قطري کي سمنڊ بنائي وجهجي. تنهن ڪانسواءِ هن ۾ شيريني، زور، سلاست ۽ پاڪيزگيءَ جي بہ سخت ضرورت آهي ۽ تڏهن ئي اُها سڌريل ۽ مڪمل زبان ٿي سگهي ٿي. حقيقت ۾ علم ادب ۽ زبان قومن جو روح آهي ۽ جنهن قوم جو روح مرده آهي سا لوٺ برابر آهي، جا لهولڙو لڙهي وڃي نڪو نج ۾ غرق ٿئي ٿي.

❑

ويو. ڪنوڻ چمڪاٽ ڪرڻ لڳي ۽ گوڙيون گهمسان مچائڻ لڳيون. ڪڪر ڪاروڻيار ڪري، هوائي گهوڙي تي اُڏامندا اچي ويا ۽ گهڙيءَ اڌ ۾ وڏ ڦڙو ۽ واءُ اچي ڪڙڪيا.

اسان چيو: ٻيلي شڪار ته چڱو ڪيوسون، پر هاٿي شل رڳو خير سان هلي ڪڪن سکي ٿيون ته لک ڪٽياسون. خير ٿيو تڳ گنج ٿيا. سو تکڙا پنڌ ٿي پير ورايا سون.

اوهيڙن جي اوڪ لڳي ويئي. چوڌس مينهن ٺهه ٺهه ٺمڻ لڳو. تراين ۾ ترڪڻ ٿي پيئي. تنهن ڪري پير پير ۾ سنيالي هلڻ لڳاسون. سڄو وقت ساهه سان لڳي پيئي هئي ته شل هن چڪڻ جي چپيٽ ڪان ڏٽي امان ڏئي. متان هڏ گڏ نه پڄي پون. پير ترڪيو نه آهي ته چوٽي لڳي نه آهي. هڪ اڌ ڀيرو ٻاهڙياسون به. پر هڪيئي ڪي جهلي ورتوسون ٻتاري جي چانڊ پچائي پت ڪري ڇڏيو. جيڏانهن نهار تيڏانهن پلر جي پالوٽ ۽ آب جي آڇ لڳي پئي هئي، جنهن تي ٻڙ ٻڙ ٽپندا ڪڏندا پئي لنگهيا. چلر ڇڄ ته ڇڏيو پر نارا نيون به تار ٿي ويا. اسين پنيءَ ٻوڙ پاڻيءَ مان جهاڳندا اچي اوطاق ڀيڙا ٿياسون.

اُتي اڳيئي ڪچهري لڳي پيئي هئي. ماڻهن جو اسان جي شڪار تي وڃڻ جي خبر ٻڌي هئي، سي اچي اُتي گڏ ٿيا هئا. ڪنهن کي تتر جي تمنا، ته ڪنهن کي هرڻ جي ران جو هَوس. ڪنهن کي ڦاڙهي جو فڪر، ته ڪنهن پي چيو ته يار، مان سڄي تلور ڪٽندس، تن جو اسان کي سڪٽو ڏٺو، سي ڏاڍا نراس ٿيا.

حاصل ڪلام ته نوڪر جهٽ پٽ اُتي اسان جي پيشوائي ڪئي. ڪنهن اُتي بندوق ورتي، ڪو بوٽ لاهڻ لڳو. ڪنهن ٽوال آندو ته ڪنهن سُڪل ڪپڙا آڻي اڳيان حاضر ڪيا. سيئي رمضان کي ٽوڪون هڻڻ لڳا. چي: ڪچيءَ جو نياڳو آهين؟ تنهنجي شامت سيني کي لوڙهي پئي. چڱو بندوقچي ساماڻين، جو حاڪمن کي هلاڪ ٿو ڪرين. ابا ڪمن ڪمدار جي منع تي ڪجئين ٿي، هاٿي ته اڪئين ڏٺءِ. وڏن جي ڳالهه ڪان جيڪو وڃي سو منهن پر ڪري. هميشه وڏن جي مت ڳنهجي.

اِتي هڪ هاريءَ چيو: "سائين، مراد ڪافير به آيو آهي. سارنگ ۾ سارنگ ڏاڍي لئي لڳائيندو. مينهوڳيءَ ۾ جي راڳ ڪرايو ته ڏاڍو چڱو." مان به آهيان ڳاني جو شوقين، سو مراد پنيان ماڻهو موڪليوسون. ۽ اسان تنهن وچ ۾ ڪپڙا بدلائي ورتا. ايتري ۾ مراد کي آڻي حاضر ڪيائون. پوءِ ته دلا ۽ يڪتارا شروع ٿي ويا. ڏاڍو رس لڳي ويو. الو ميان جي آواز ۾ "ڪيُس ناتي نماڻي جي راڳ موج لڳائي ڇڏي. اندر سماع، ٻاهر بارش، آخر برسات جو زور گهٽيو، وڏر ونڙڻ لڳا. سهانو ٿيڻ لڳو.

هارين چيو: هاٿي ٻه ڪنيو اٿس. مينهن موڪليو. هوڏانهن انڊلٽ ٻه پيئي ڏسجي. پلو. پلو. چڱا چوها هنيائين. پوءِ ته هڪٻئي پنيان. حاڪم جي ڪچهري قائم، حياتي برقرار. وڏي چمار. اقبال زياده، دشمن پامال. چوندا رمندا رهيا ۽ اسين ٻه وڃي بستري سُکي ٿياسون.

❑

# سسئي سجي سڪ

**سسئي سجي سڪ، ته ٻڻ سڪي سسئي،**
**پيتائين پرت منجهان، هڏ نه ڀڳيس هڪ،**
**اِن تڙ منجهان تڪ، پيتي اُڃ وڃي ٿي.**

عورت ذات ٿي، سسئي پنهونءَ جي پرت مان ننهن چونڊيءَ سوڌي اهڙي تار ٿي پيئي هئي، جو پٻ جي پيچدار رستن تان، ڇپر جي خوفناڪ ڇپن تان بي ڌڙڪ هلي پي ويئي ۽ اهو به خوف ڪونه ٿيُ ٿيس ته متان وٽڪار جا مرون سندس ماس ڪائي ڇڏين يا بيابان جون بلائون ڪيس بي موت ماري وجهن. سو ڇو؟ اِها سچيءَ سڪ جي حوصله مندي آهي. هونءَ به انسان جي دل اهڙي ڪشادي آهي، جنهن ۾ جيڪر ٻئي جهان ماپي وڃن.

سڀ ڪنهن ٿانوَ ۾ اُن جي موڪرائي سارو جنس جو انداز پئجي سگهي ٿو. سسئي جو به ساڳيوئي حال هو. ڏسو سمنڊن ۾ هر سال ڪيترو پاڻي پوندو رهي ٿو. تڏهن به هنن جي وسعت اُن ڪان به وڌيڪ مقدار جهلي سگهي ٿي. اِنسان جي دل، اکيون ۽ ڪن به اهڙائي آهن. دل ۾ هر وقت هڪ خاص قسم جو جذبو ۽ احساس رهي ٿو. اکيون به پلپل ديدار لاءِ بيتاب رهن ٿيون. ڪَن به محبوب جي گفتا يا سندس پار جي پيغام ٻڌڻ ڪاڻ منتظر رهن ٿا. جيتري قدر دل محبوب جي تصور ۽ خيال کان واندي نه رهندي تيتري قدر اُهو تصور ۽ خيال هن ۾ شوق جو نئون جذبو جاڳائيندو رهندو. جنهن جذبي جي فرحت ۽ لذت ڪڏهن به عاشق کي ڪنهن ٻئي خيال ڏي متوجهه ٿيڻ نه ڏيندي، بلڪ اُن مان اهڙو ذوق حاصل ٿيندس جو اڃا به وڌيڪ محبت پيدا ٿيڻ لاءِ تمنائي ٿي رهندو.

هوڏي اکيون جن جي واجهائڻ بابت پهاڪو آهي ته انتظار موت کان وڌيڪ سخت آهي، اُهي به پنهنجي سر عاشق کي اهڙو محو ڪريو ڇڏين، جو هو هڪ بيجان بت ٿيو پوي.

قدرت جي پارن نئون انعامي وڳو پائي قادر جي قدرت کي ظاهر ڪن.

ٽڏڙيءَ هير ڏاڍا ڦوٽارا ڪيا آهن. مکڙيون جي سڄو سيارو ڏسڻ ۾ ڪو نه ٿي آيون، سي نکري نروار ٿيون آهن. هنن جو جوڀن لڪڻ کان تنگ ٿي، پنهنجي قبا جي دامن کي ڦاڙي، ان مان گلن کي ڪڍي پنهنجي لڪل حسن جو اظهار ڪري رهيو آهي.

صبح جي ٽڏڙيءَ هير زمين جي مئل جسم ۾ گويا نئين جان وڌي آهي. وساڻل ٻوٽا نئين حياتي جو پيغام ٻڌي وهسي اُٿيا آهن.

باغن جا ٻارا جي سياري جي سختيءَ کان خالي ٿي ويا هئا، تن ۾ رنگا رنگي گلن جو نظارو ٻي رنگي حسن جي شاهدي ڏئي ٿو. سارو باغ هينئر آسمان وانگيان پيو لڳي، ننڍڙا ٻارا آسمان جي برجن جو گمان ڏيارين ٿا ته ٻارن ۾ طرحين طرحين جا ٽڙيل گل ائين ٿا ڏسجن، جيئن آسمان ۾ تارا. ڪٿي گلابي گلن جي جهڳٽي ڪتين واري بهار لاتي آهي ته ڪٿي نرگس، نسرين ۽ نسترن گڏجي ٻڌائين ٿا ته اسين ٽيڙو آهيون. گلنار کي ڏسو ته باغ جي محفل مچائڻ لاءِ مشعل ٻاري بيٺو آهي ته اُن جي ريس ۾ سمن به سوين شمعون روشن ڪيون آهن.

هرڪو گل مشڪل جي پيڙي وانگر خوشبوءِ جا هبڪار هلائي رهيو آهي: خشڪ دماغ تازا ٿيو ٿا وڃن ۽ ڪوماڻل دليون تقويت پائين ٿيون. باغ جي اڱڻ ۾ بلبلون، طوطا، ڪوئلون، ڳيرا، ڪبوتر ۽ پاريهل ميٺا ڪري ڏاڍي سريلي ۽ مٺي آواز سان بهار جي اچڻ جي خوشيءَ جا گيت ڳائي، ٻڌندڙن کي مست پيا بنائين. لال جو گل ڪنهن محبوب جي ڳاڙهي چپ جي يادگيري ڏياري، بنا شراب مست ڪريو ٿو ڇڏي. لالا جي انهيءَ ڏيک تي سنبل وار ڪولي نچي ٿو ته گلاب وات کولي مُرڪي ٿو. چنبيلي به مستاني وار چرڦر لايو بيٺي آهي ته زعفران ڪلي محبوباني ناز جو نمونو ٿو ڏيکاري. تلائن جو صاف پاڻي رنگارنگي گلن جي عڪس کي پاڻ ۾ داخل ڪري، اهڙو نظارو ٿو پسائي جو گويا نئين شطرنجي پکيڙي ويئي آهي.

ڳاڙها، سوسنا ۽ ساوا گل قطارن تي قطارون ڪري، ائين ٽڙي بيٺا آهن جو ڄڻ بسنت ڪا برساتي اندلڻ ڪڍي آهي. صبح جي وقت ۾ ماڪ جا داڻا گلن جي نازڪ ڳچين ۾ موتين جي مالها پهرائي رهيا آهن.

بهاري موسم نه رڳو نباتات ۾ وڌڻ ۽ رهسڻ جو جوش پيدا ڪيو آهي، پر جيت جنتن پکي پکڻ ۽ ماڻهو مرون سڀيئي خوش خرم تازا توانا بلڪ ساوا سمانا ٿي ويا آهن. نبضن ۾ نئين رت جي دوري ماڻهن جي منهن ۾ نئين سرخي پيدا ڪئي آهي. دلين جو جوش ۽ اُمنگ وڌي ويو آهي. پکين جون مٺيون لاتيون ننڌ جا

الوٽ چاڙهيو ٿيون ڇڏين. هرڪو بهار مان ڪجهه نه ڪجهه فائدو پيو وٺي. ماکيءَ جي مکين کي گلن مان رس چوسي تازي ماکي ٺاهي ڪنهن جي مٺڙن ڇپن تائين پهچائڻ جو شوق باغ ۾ وٺي آيو آهي ته پوپٽ هڪڙي گل تان ٻي گل تي ويهي پنهنجي هوس پوريءَ دل کي حسن تي نچائي رهيا آهن. پڙنر گلن تي پيرا ڏيئي پنهنجي پچاڙيءَ کان غافل ٿي حسن عريان جي جوڀن جي بهار پيو لُٽي. ڪهڙي نه حرص جي انتها!

هيرون ستلن کي پڪا هٽي گويا لوليون پيون ڏين ۽ اِنساني دماغ ۽ خيال کي ڪنهن نئين عالم جي فضا جو سير پيا ڪرائين. ۽ سندن باريڪ ۽ شيرين آواز مان هيءَ صدا پيئي نڪري:

**لٿي خزان جي جهان تان نڪبت، بهار آيو بهار آيو.**
**زماني بدلائي آهه رنگت، بهار آيو بهار آيو.**

□

موجودن ونندا هئاسون، وغيره وغيره ۽ جيئن اصلي ماڻن کي ويجهو پوندو ويندو، تيئن هڪ قسم جي فرحت بخش بيقراري طاري رهندس، جيستائين ڪو گهر رسي ڪجهه وقت پنهنجن سان رلي ملي. ڪيترين حالتن ۾ ائين به ٿيو آهي ته جي زماني جي گردش ڪان پنهنجي وطن جو فقط گهر ڇڏي ٻي جاءِ ۾ رهڻو پيو آهي ۽ پوءِ جي گهر جي ڪنهن ڀاتيءَ جي بخت ياوري ڪئي آهي، ته جيسين پنهنجا اباڻا ڪک موٽي خريد نه ڪيا هوندائين، تيسين سک نه ستو هوندو.

البت وطن کان ٻاهر نڪرڻ ڪانپوءِ هر ڪنهن جو قدر قيمت ٿئي ٿي. فقط موتيءَ جو مثال وٺو ته اهو سمنڊ جي تري ۾ سپ جي پيٽ ۾ رهي ٿو، پر جڏهن سپ کي غواص ٻاهر ڪڍي، سندس پيٽ چيري موتي ڪڍن ٿا، تڏهن ئي موتي جو آگهه پار ٿئي ٿو ۽ محبوبن جي ڳچي جو سينگار بڻجي ٿو. ڪيترين حالتن ۾ آزمايو اٿن ته موتيءَ جو رفته رفته آب تاب جهڪو ٿيو وڃي ۽ وري به سمنڊ جي پاڻيءَ اندر رکڻ سان منجهس ساڳي چمڪ دمڪ پيدا ٿيو پوي. هيءَ ته ٿيو موتيءَ جو مثال.

ايران جي بادشاهه شاپور دوم جي ڳالهه ڪندا آهن ته روم ۾ گرفتار ٿي اچڻ بعد هن جي طبيعت عليل ٿي پيئي. روم جي شهزادي جا مٿس عاشق هئي، سا جيل ۾ لڪي اچي سندس تيمارداري ڪندي هئي، پر جيئن پوءِ تيئن هو ويو پڙٿو پوندو. نيٺ نراس ٿي، شهزاديءَ سلطان شاپور کان پڇيو ته تنهنجو ڪهڙو علاج ڪجي، جو وري نوبنو ٿين؟ تنهن تي جواب ڏنائين ته جيڪڏهن سنگهڻ واسطي ايران جي مٽي ۽ پيئڻ واسطي ايران جو پاڻي ملندم ته اگهائي آئي پائي موڪلائي ويندي. ٿورن ڏينهن ڪانپوءِ شهزاديءَ پاڻي ۽ مٽي آڻي ڏنيس ۽ چيائين ته هي دجله نديءَ جو پاڻي آهي ۽ هي اصطخر (شهر جو نالو) جي مٽي. جيتوڻيڪ شهزاديءَ اهو فريب انهيءَ واسطي ٻڌو هو ته من بادشاهه جي صحت ۾ ڪو فرق پوي، پر تنهن هوندي به سائيهه جي سڪايل کي فقط وهم ۽ گمان جي بنياد تي مٽيءَ ۽ پاڻيءَ کي استعمال ڪرڻ سان شفا ملي ويئي.

اسان جي سنڌ جي مارئيءَ جي ڪهاڻي ڪنهن کان ڳجهي ڪانهي. مارو ماڻهو ڏٿ تي گذران ڪندڙ پيٽ بکيا هئا، ته به جڏهن مارئي کي عمر زوريءَ آڻي ڪوٽن ۾ قابو ڪيو، تڏهن ائين پئي چيائين ته تنهنجي پلاڻن کان منهنجي اباڻي رب چڱي آهي، تنهنجي ڪٽوريءَ کان سائيهه جي ڪهه سرسي ٿي پانيان، پنهنجي لاک رتل لوئيءَ سان تنهنجا پٽ پٽيهر ڪين پاڙينديس، هي تنهنجا بنگلا پنهنجين پونگين جي برابر ڪين ڪنديس، تنهنجي گلابي شربتن کان منهنجو اباڻو ٻاڙو

پاڻي هزار پيرا مٺو ۽ وڻندڙ آهي. مطلب ته ساڻيهه جي سڪ اهڙي آگ لاتس، جو ڪاڻ پيئڻ وهه ٿي آيس. عمر جون بادشاهي آچون. ناز ۽ نعمتون. دولتون ۽ سينگار. هن وطن جي خاڪ برابر به ڪونه ڄاڻان. ملير جي چارين ڪي، ڪيرن ۽ گولاڙن ڪي، اباڻن جي لسيءَ ۽ مهيءَ ڪي سارينڌي ۽ ساڻيهه پڪارينڌي ڏينهن راتيون هڪ ڪري ڇڏيائين. ۽ وطن جي وروڻهن، پيار ۽ محبت تي ڪو به حرف رکڻ ڪو نه ڏنائين.

پڇاڙيءَ ۾ عمر کي هيئن به چيئين ته جيڪڏهن هتي ڪوٽن ۾ مري ويس ۽ منهنجو لاش ملير جي پاڪ زمين ۾ دفنايو ويو. ته جيڏي مهل مون تي ٿر جي ٿڌي مٽي پوندي. تيڏي مهل مُئي به جيئري ٿي پونديس:

واجهائي وطن ڪي، آءٌ جي هت مياس،
گور منهنجي سومرا، ڪج پنوهارن پاس،
ڏج ڏاڏاڻي ڏيهه جي، منجهان ولڙين واس،
مُيائي جياس، جي وڃي مڙهه ملير ڏي.

❑

# سج جو اڀرڻ

ڪڪڙن جي آواز دنيا وارن کي رات جي وڃڻ ۽ صبح جي اچڻ جي خبر ڏيئي هوشيار ڪيو آهي. هينئر وهائو تازو متي چڙهي آيو آهي ۽ رات جي مجلس وارن کي خبردار پيو ڪري تہ اُٿو! جهٽ پٽ رستو صفا ڪريو! ڇو تہ مشرق جو شهنشاهہ اچي ٿو. تارا انهيءَ آواز تي ڍرڪڻ لڳا آهن ۽ هڪ هڪ ٿيندا لڪندا وڃن ٿا. اُيرندي پاسي کان اچاڻ منهن ڪڍي ٻڌائي، ٿي، تہ پرہ ڦٽي آهي. رات جي وڃڻ آسمان کي غمگين ڪيو ٿو ڏسجي ڇو تہ يڪدم اُڀ تان ڦڙا (ماڪ جا) ڪرڻ لڳا آهن. پر ڇو نہ چئجي تہ رات جي غم ۾ تارن جي ٽپڙ ويڙهڻ آسمان جي ڪچهريءَ جو رنگ ڦڪو ڪيو آهي ۽ انهي ارمان ۾ لڙڪ پيا لڙنس.

هاڻي تہ اچاڻ زور وٺندي پئي وڃي. انهيءَ اچاڻ کي ڏسي پکين خوشيءَ جو هل مچائي ڏنو آهي تہ سگهوئي پاڻي پيئڻ ۽ چوڳي چڳڻ جو وقت اچي ٿو ۽ اسين ڌرتي ۽ آسمان جي وچ ۾ هوائي مرڪز جو سير ڪري رات واريون ٻکون ۽ اُڃون لاهينداسون. اِجهو! هُوءَ آسمان جي ڪناري تي ڳاڙهاڻ بہ نڪتي آهي ۽ ٻڌائي ٿي تہ هن انقلاب تي اُڀ وارن رت ڳاڙيو آهي. انهيءَ خوني انقلاب تي صبح جي هير نچندي، گلن کي نئين حياتي جو نياپو ڏيندي، سٽلن جي اکين ۾ آرس جو سرمو پائيندي، هلي رهي آهي تہ وري ڪوئلون پنهنجو راڳ آلاپي، سٽلن کي هوشيار پيون ڪن تہ اُٿو! اُٿو! ۽ اُٿي انهيءَ ڌڻيءَ جي بندگي ڪريو جنهن سڄي رات اوهان جي سنڀال ۽ رکيا ڪئي آهي. هن آواز تي برهمڻ يڪدم اُٿي سنک وڄائي، پڳوان جي بندگيءَ جو سڏ ڏنو آهي، تہ مسجدن ۾ ٻانگي ٻانگ ڏيئي، ديندارن کي نماز پڙهڻ لاءِ سڏيو آهي. باک ڦٽڻ جو هل ٻڌي رات جو منهن صفا هارجي ويو آهي. هن جي اونداهہ هڪ وڏي نور سان بدلجي ويئي آهي. هاڻي تہ تارن جو نشان بہ ڪونهي. آسمان جو آڳنڊ صفا ٿي ويو آهي. ايرندي پاسي کان تکي ڳاڙهاڻ نڪري، ٻڌائي ٿي تہ مشرق جي بادشاهہ جي سواري اچي ويئي.

جبلن، وٽن ۽ محلاتن جي چوٽين تي ڳاڙهي رنگ جو غازو لڳي ويو آهي ۽ اُڀرندي طرف کان نور جو سرداز پنهنجي شعاعي ساطور سان اونده جو پردو چيريندو ڏاڍي شان ۽ دٻدٻي سان آسماني تخت تي رونق آفزا ٿيو آهي. ملڪن ۾ هل پئجي ويو آهي تہ آيو ڙي آيو! لکن جو داتار آيو! ڪن بيوقوفن ۽ ادنگن هيئن بہ چيو تہ آيو ڙي آيو، پلي آيو لکن جو داتار. پر اسين پائي نہ سڃاڻونس.

لکن جي داتار ايندئي اميدن جا نوان دروازا کولي ڏنا. سڀ ڪنهن کي پنهنجي پنهنجي سامان ڪني ڪرڻ جي مشغولي ۽ گذران جو فڪر وٺي ويو. هاري هر ڪٽي، ڍڳا ڪاهي، پوکن ڏي ويو، مزور ڏلهي ۽ ڪوڏر هٿ ۾ وڏا. واپاريءَ وهيون سنڀاليون، گهورڙئي گهٽين ۽ پارن کي نڳارڻ لاءِ مٺي مال جو هوڪو ڏنو. شاگرد اسڪول ڏي روانا ٿيا تہ ڏنارن مال کي ڪاهي جهنگ جو رخ ورتو. بازاريون کلي ويون ۽ اک ڇنڀ ۾ رات واري ماٺ جي بجاءِ نئين نموني جي چر ڦر ۽ گوڙ بگوڙ لڳي ويو. هي سڀ اُنهيءَ جي قدرت آهي جو راتين مان ڏينهن ۽ ڏينهن مان راتيون آڻي ٿو، جنهن کي انسان وساري ويٺو آهي.

❑

# عشق جي زباني

دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ اهڙو ڪو هنڌ ڪونهي، جنهن ۾ منهنجو نالو هلندڙ نہ هجي. اِنساني آباديءَ جو هڪ هڪ فرد ننڍي ڪان وٺي وڏي تائين منهنجي نالي ڪان واقف آهي. مان نوجوانن ڪي زنده دل بڻايان ٿو تہ پيرسنن لاءِ هڪ ڪايا پلٽ آهيان. عام مجلسن ۾ منهنجا داستان مزي ۽ محبت سان ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ ۾ اچن ٿا. دولتمندن، اميرن ۽ بادشاهن جي حالت انقلاب آڻڻ ۾ منهنجو خاص دخل رهي ٿو. دنيا جي ادبي سرمائي جو دفتر منهنجي وجود ڪانسواءِ ڪا بہ وقعت نٿو رکي ۽ مشهور ۾ مشهور هستين ڪي منهنجي برڪت سان هميشہ جي مشهوري ۽ ادبي عزت عطا ٿي ٿي.

منهنجي ايڏيءَ تمهيد ڪي اوهين خود ثنائيءَ ۾ داخل نہ ڪجو، ڇو جو آءٌ هڪ سچي حقيقت پيش ڪري رهيو آهيان آءٌ ڪيئن پيدا ٿيس ۽ ڇا لاءِ پيدا ٿيس؟ اهي سوال اهڙا آهن، جن جي جواب ملڻ جو اوهان ڪي گهڻو انتظار هوندو ۽ شايد اوهان ۾ گهڻا اهڙا بہ هوندا جن ڪي مٿين جوابن ڪي ٻڌي پنهنجي معلومات ۾ اضافي ڪرڻ جو ڏاڍو شوق هوندو. تنهن ڪري مان اوهان ڪي وڌيڪ منتظر نہ رکي، پنهنجي ذات بابت صحيح ۽ سچي معلومات ڏيان ٿو:

منهنجي پيدا ٿيڻ جو نمونو دنيا جي ساهہ وارن جي قانون يعني نر ۽ ماديءَ جي ميلاپ تي ٻڌل ڪونهي. منهنجي هستي پاڻيءَ ۽ مٽيءَ جي خمير ۽ ٻن شين جي گڏجڻ تي منحصر ڪانهي، بلڪ آءٌ هڪ ازليءَ ارادي جو نتيجو آهيان. جو ڪنهن نامعلوم وقت ۾ اُپائڻهار جي قضا ڪي پيدا ٿيو هو. ازلي نور پاڪ ڪي ظاهر ٿيڻ جي عشق انسان ڪي وجود ۾ اندر ۽ انسان ۾ توالد جي سلسلي ڪي قائم رکڻ لاءِ، مون هڪ محبت واري خيال جي روپ ۾ انسان جي دل ۾ جاءِ ورتي. سچ تہ ائين آهي تہ دنيا جو ڪارخانو منهنجي ئي آڌار تي هلي رهيو آهي. اخلاقي، تمدني ۽ معاشرتي مجلسون منهنجي ئي سوجهري سان ڀڪن ٿيون. منهنجي طاقت هڪ منٽ ۾ انسان ڪي هڪ طرف فرشتو بنائي ڇڏي ٿي تہ ٻي طرف خوفناڪ درندو.

بي خبر ۽ جاهل انسان جهڙي طرح پنهنجي راءِ موجب گهٽين ڳالهين ۾ فطرت خلاف هلڻ ۾ اُرهه زوراڻي ڪئي آهي تهڙي طرح منهنجي صورت کي بہ نهايت خراب نموني ۾ چٽي پيش ڪيو اٿس. هيءَ رڳو جاهل آدمين جو شيوو ڪونهي بلڪ وڏا وڏا عالم ۽ فيلسوف بہ انهيءَ مرض ۾ ورتل آهن. جن مون کي اهڙي پيانڪ ۽ بد نموني ۾ ظاهر ڪيو آهي، جنهن سان منهنجو ذاتي ڪو بہ تعلق ڪونهي ۽ آءٌ انهن کان بلڪل پري ۽ بيزار آهيان. هو مون کي پاڪ ۽ پوتر نٿا سمجهن بلڪ هڪ پوپٽ ڪري ڄاڻن ٿا، جو حسن جي باغ ۾ هڪ گل تان ٻئي گل تي پيو اڏامي. اِها خبر نہ ٿي پوين تہ اُهو مان نہ آهيان پر نڪمو نفساني خيال آهي. مان قدرت جي پاران اخلاق ۽ ادب جون بي انتها برڪتون پاڻ سان کٽي آيس ۽ انسان کي سچي انسان بنائڻ ۾ ڏاڍي محنت ورتيم. هتي ضرورت آهي تہ آءٌ پنهنجن ڪارنامن مان ڪي چار اهڙا سچا مثال ٻڌايان جن کي ٻڌي اوهين پاڻ امين ٿي منهنجي سچائيءَ بابت پنهنجو فيصلو پڌرو ڪريو.

مون مٿي اوهان کي ٻڌايو آهي تہ آءٌ پاڪ اپاٽشهار جي ارادي جو نتيجو آهيان. جڏهن پروردگار جي ارادي کي هن ڳالهہ جي محبت يا عشق ٿيو تہ پاڻ کي ظاهر ڪريان تڏهن انسان کي پيدا ڪيائين. هيءَ ڪا منهنجي من گهڙت ڳالهہ ڪانهي، پر دنيا جا سيئي مذهبي رهنما، اوتار، پيغمبر، صوفي، رشي، مني ۽ اولياءَ انهي ڳالهہ تي متفق آهن ۽ هاڻي اوهان کي انڪار ڪرڻ لاءِ ڪو بہ واجبي ۽ معقول سبب ڪونهي. هن مان ثابت ٿيو تہ منهنجو وجود ڏٺيءَ پاڪ جي ارادي جي خاص حڪمتي صنعت آهي، جنهن ۾ محبت ۽ پيار، رحم ۽ ٻاجهہ رکيل آهي. مون زال ۽ مڙس جي دل ۾ ديرو ڄمائي انسان ذات جي واڌاري جو ڪارڻ پيدا ڪيو ۽ آدم ذات لاءِ استري پرش جي پريم جي رنگ ۾ گهرو حياتيءَ کي بهشت جو نمونو بنايو. منهنجي تاثير ماءُ جي دل ۾ مامتا جو بي مثال ۽ لاجواب جذبو جاڳايو ۽ منجهس قربانيءَ ۽ همدرديءَ سان ڀريل اُها محبت پيدا ڪئي جا اولاد لاءِ حياتيءَ جو جياپو ٿي پيئي.

ماءُ ۽ پيءُ کان وڌي مون ڀائرن ۽ ڀينرن جي دلين ۾ جاءِ ورتي. اهڙيءَ طرح معاشرتي مجلسن جي ارڪانن جو تعداد وڌائي، انسانن لاءِ وڌيڪ خوشيءَ جو روح ريجهائيندڙ ۽ من موهيندڙ سامان ڪٺو ڪيم. انساني طبقي کي منهنجي ڪيتري قدر نہ گهرج هئي! وطني محبت جي جذبي کي زور وٺائي مون انسان جي عزت کي قائم ڪيو ۽ پنهنجي عزت، آزادي، ننگ ۽ ناموس جي بچاءُ لاءِ هن کي بي ڊپو

بنايو. منهنجي واهر سان سپاهي جنگ جي ميدان ۾ سر ڏيڻ کان نٿو گسي ۽ هڪ محب وطن منهنجي ئي رهنمائيءَ سان سوريءَ کي سيج ڄاڻي خوشيءَ سان قبول ڪري ٿو. مان ئي علم جي طالبن کي ڪٿان جو ڪٿي وڃيو پهچايان ۽ پرديسي وديارٿي منهنجي ئي آڌار تي مائٽن کان وڇڙي، سُڪل ۽ رکا ٽڪر کائي خوشيءَ جون گهڙيون گهارين ٿا. اخلاقي دنيا بہ منهنجي احسانمند آهي. مون انسان جي دل ۾ پنهنجي آگ پڙڪائي، هن جي ڏٿيءَ سان اهڙي لَنئُ لڳائي، جو دنيا جون لذتون مال ۽ اولاد جون محبتون، عيش ۽ راحتون، تمنائون ۽ طلبون هن کي صفا وساري ڇڏيم. ڪيس جوڳي ڪري جبلن ۾ وهاريم ۽ سامي بنائي ويرانا گهمايم. منهنجي ئي پرتو هن کي ڏٿي سان ملايو ۽ ڪيس رشي ۽ وليءَ جي لقب سان سرفراز ڪيو. اولاد جي دل ۾ پيءُ ۽ ماءُ جي ادب کي پيدا ڪيم ۽ ايتري قدر هن کي محو ڪيم جو ماءُ جي پيرن هيٺان هن کي بهشت ڏسڻ ۾ آيو ۽ پنهنجي سعادتمنديءَ جي شڪل کي هن ماءُ جي خدمت ۾ ڏٺو. اهڙيءَ طرح پنهنجن ۽ پراون کي هڪ ئي ڏاڳي ۾ پوئي ڇڏيم. مون رنل دليون پرچائي ڇڏيون، ۽ قومي ۽ مذهبي ويڇا وڃائي انسان کي پريم جي ديويءَ اڳيان سر نمائڻ تي مجبور ڪيو. ساڳيءَ طرح معاشرتي دربار ۾ ذات پات، ڇوت ڇات ۽ هندو مُسلم سوال کي گم ڪري، سچي پيائيءَ جي خون کي ٽهڪايو. آءٌ اوهان کي ڏوهہ ڪونہ ٿو ڏيان بلڪ هيءَ ڳالهہ اوهين بہ قبول ڪندا ۽ گهڻن ابوالهوسن پنهنجي نفساني بڇڙاين ۽ خراب خواهشن کي زيبدار بنائڻ واسطي ۽ پنهنجن اخلاقي اوڻاين کي لڪائڻ لاءِ منهنجي دامن ۾ زبردستيءَ سان لڪي، مون کي بدنام ڪيو آهي. جيئن تہ نوجوانن جا خيال برابر آهن ۽ هو ڏينهن رات پنهنجي نفساني خواهشن کي پوري ڪرڻ لاءِ حياسوز طريقا اختيار ڪن ٿا، سي پاڻ کي عشق سڏي منهنجي نالي تي ڪارنهن جو داغ لڳائين ٿا. پر آءٌ سچ ٿو چوان تہ منهنجي جاءِ اهڙين پليد دلين ۾ بلڪل ڪا نہ آهي. بيشڪ منهنجو پيو نالو محبت ۽ پريم بہ آهي پر اُهو پريم جو اخلاق، ادب، حيا، رحم ۽ نياز پريو پيو آهي. منهنجي نظر جي پچاڙي بلڪل پري ۽ اونهي آهي جنهن کي پهچڻ سڀ ڪنهن جو ڪم ڪونهي. منهنجي نالي وٺڻ وارا جيڪي مون تي مستان رهن ٿا، اُنهن کي آءٌ ڏاڍا ڪشالا ڪيرائيندو آهيان. آهيان. مان هڪ لوهي ڪورو آهيان جنهن مان پچي ٻاهر نڪرندڙ نج سون سڏيو وڃي ٿو ۽ اُن جي قيمت صرافن کان پڇيو. منهنجن ڪشالن جي فرهاد کان خبر پڇو جنهن جو نالو اوهين مزي سان وٺند آهيو. ۽ سندس احوال ڪَن تي ٻڌندا آهيون تہ هن جي حياتي ڪيئن گذري، شيرين جي محبت ۾ ڪهڙا

منهنجو ميدان ڪندن سان پريل آهي. هيءَ بوالهوس جي خام خيالن جا تابع آهن، اُهي منهنجي دعويٰ جو ڪوڙو دم هڻن ٿا. آءٌ پنهنجن دعويدارن جا ڏاڍا ڏکيا امتحان وٺان ٿو ۽ انسان جي دل کي قرب جي ڪوٺاريءَ ۾ قابو ڪري، آزمائش آڱيٺيءَ ۾ وجهي، سون ڪري ڪڍان ٿو. تنهن ڪري مان وڏي واڪي چوان ٿو ته منهنجي مجلس ۾ اچڻ وارن کيٰ سر جو سانگو لاهي ڇڏڻ گهرجي. آءٌ هنن کي اڏو اڏ ڪري ڇڏيندو آهيان. اِهو ڪم ٻارن جي راند نه آهي:

عشق نہ سولي راند، جيئن ڪيلينس ٻيرو،
جيءُ جسي ۾ جان جي، پڇي جو هيڪاند،
سسي نيزي پانڌ، اُڇلي وجهہ تہ اڏ ٿئي.

❑

# اتفاق

اي هيڻن جا همراهه، اڙين جا آڌار، بيواهن جي واهه، غلامن کي آزاد ڪرائيندڙ، آزادن کي اوج تي پهچائيندڙ، تنهنجي ئي بدولت دنيا جو چرخو هلي ٿو. تون نه هجين ته انسان جوارڪي اٽي وانگر ڇڙ ڇڙ ڳابڙا هجن. ڪو ڪنهنجي نه ٻڌي، نه سڻي، هر ڪوئي پنهنجي سر ٻارڻ جي پيو ڪري، پر ڪڏهن به ڪامياب نه ٿئي. تون اُهو آبِ حيات آهين جو مئن قومن کي نئين سر جياري، انهن کي ابدي زندگي ڏين ٿو. تنهنجي ئي ڪري قوم ۾ نه ڪو بکيو ٿئي نه ڪو ڏکيو. تنهنجي ماکي زهر کي ترياق ڪريو ڇڏي ۽ رٺلن دلين مان وير وروڌ ڪڍي، ملائي. فولادي قلعي وانگر مضبوط بنائي ٿي، جنهن تي ڪو به دشمن چڙهائي جي جراعت نٿو ڌاري سگهي، پر جيڪڏهن ڪو هرويرو زور آزمائي ڪرڻ لاءِ سنبري ٿو، ته تون ڪيس اُها شڪست ڏين ٿو، جو جيسين جيئرو هجي تيسين سيڪيندو وتي. پڇر تو ۾ اُها برڪت آئي ڪٿان؟ ڇا تون محبت جي مهراڻ جي سُرڪي آهين جو ٻن دلين ۾ ميلاپ آڻين ٿو؟ نه نه، اي ڇنيون ڳنڍيندڙ، ٻن دلين کي هڪ ڪندڙ، تنهنجو نالو اتفاق آهي.

ڇن، واري ۽ پٿر جو اتفاق هڪ اهڙو مضبوط ۽ عاليشان قلعو تيار ڪري ڇڏي ٿو جنهن جي اڳيان باهه جا گولا ۽ توبون ڪا به حيثيت نه ٿيون رکن. صدين تائين زماني جون گردشون ۽ انقلاب اُن جو پاڳو به پوري نٿا سگهن. جيڪڏهن ماکيءَ جي مکين جو اتفاق هڪ اهڙي ماکي تيار ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿئي ٿو، جنهن جو تاثير دوا جي صورت ۾ سون مرضن جي شفا آهي، ته ڇا، انسانن جي دلين جو اتفاق اهڙي قسم جي ماکي تيار نه ڪري سگهندو، جا قوم تان نحوست ۽ غلامي، ادبار ۽ پست حاليءَ جي مرض کي لاهي، تندرست ۽ آزاد بنائي، اُن کي اوج ۽ اقبال، عروج ۽ جلال جو اهڙو ته شاندار نمونو ڏيکاري جنهن تي دنيا حيران ٿئي؟

چوٽي آهي: ٻه ته ٻارهن. يعني ٻه ڄڻا ملي هڪ ٿي ويا ته ٻارهن ڄڻن جي ڏيکائي ڏيندا. ايڪي ۾ سڀ ڪجهه آهي. ڏسجي ٿو ته ايڪي اڳيان ايڪو ڏيڻ سان

اُن جو عدد ڏهه پاڳا وڌيڪ ٿيو پوي. اِهو تہ انگن جو ميلاپ آهي. پر ماڻهن جو ميلاپ ڇا نٿو ڪري سگهي؟ فقط چئن عنصرن جي اتفاق ڪري دنيا وجود ۾ آئي. اونداهي رات ۾ تارن جي اتفاق ڪري آسماني دربار اهڙي ٻهڪي ٿي، جو واٽهڙو انهيءَ آسماني اتفاق جي برڪت سان پنهنجي منزل تي آسانيءَ سان پهچيو وڃن. پوءِ ٻہ دليون گڏبيون، تہ ڏونگر چو نہ ڏاري ڇڏينديون.

خوفناڪ سمنڊ جون جبل اُڪاڙيندڙ لهرون ۽ آسمان تائين پهچندڙ ويرون، پاڻيءَ جي ڦڙن جو اتفاق ۽ ميلاپ آهن، جن مان بي ڪنار سمنڊ جڙي راس ٿيا آهن. برساتي ڪڪرن جو ميلاپ ساريءَ دنيا کي سرسبزيءَ ۽ آباديءَ جو پيغام پهچائي ٿو. اهو ميلاپ ئي آهي جنهن جون برڪتون ۽ نعمتون سنسار کي سک ۽ سلامتيءَ سان هلائي رهيون آهن.

اي اتفاق! جتي تون وسين ٿو تتي راحت جي حڪمراني آهي تنهن جي ڪري قوم جو هر فرد هڪ عضوو لڳي ٿو ۽ قوم خود هڪ جسم. جهڙيءَ طرح هڪڙي عضوي کي ايذاءُ رسڻ سان سڄو بدن بيقرار ٿيو پوي تهڙيءَ طرح قوم جي هڪ ڄڻي جي تڪليف سڄيءَ قوم جي مقصيبت ٿي پوي ۽ جتي بہ ائين ٿئي ٿو تتي دک دور ٿيو وڃن، ڇو جو گهڻن ڪنئي ڇپر ڪڇيو پون. پوءِ هڪڙي جو آواز سڄي قوم جو آواز ٿي پوي ٿو ۽ هڪ هڪ ڄڻي جي خوشحالي ئي سڄيءَ قوم کي خوشحال ڪري ٿي. اي اتفاق! تون ئي آهين جو پاڻ تي پاڙڻ ۽ عزت وڏائڻ جو سبق سيکارين ٿو. تنهنجي قدم پوندي ئي قوم مان بزدلي، ڪٺلائي، بي عزتي، غلامي ۽ بداخلاقيءَ جهڙا منحوس مرض هميشہ لاءِ نڪريو وڃن. پر جتي اي اتفاق! تون نہ آهين اُتي پيا تہ ڇڏيو پر سڳا ڀائر بہ هڪ ٻئي جو رت پيئن ٿا. بي اَمنيءَ جي بازار گرم ٿئي ٿي ۽ هرڪو، "جيڪو ڏاڍو سو گابو" جي چوڻيءَ جي پيروي ڪرڻ لڳي ٿو. جنهن ڪري سڄي قوم جهريون پوي ۽ قومي انتظام ڦٽي ٿو. قوم ۾ ڪيترين خراب عادتون ديرو ڪن ٿيون. وجهہ وٺي ڏاڍيا ماڻهو ڪاهيو پون ۽ بي اتفاقيءَ سببان غالب پئي مغلوب کي غلام بنايو ڇڏين. غلاميءَ ۾ پٺيهہ جن آهن جي رفتہ رفتہ قوم جي ديهہ ۾ واسو ڪري، قوم کي فاتح جي پورن جو پتلو بنائين ٿا ۽ ساري قوم پتلين وانگر اُن (فاتح) جي ڏوريءَ ۾ نچندي رهي ٿي، جيسين منجهس وري تون (اتفاق) گهر ڪري ۽ ان جي فردن ۾ ايڪو آڻي اجيت بنائين.

اي اِتفاق! جنهن مجلس ۾ تنهنجو سريلو آواز بلند ٿئي ٿو اُتان قومي ڇيڻن جو راڳ نڪريو وڃي. تون جدا جدا رنگن، نسلن، ريتن ۽ رسمن کي هڪ ڪري ڇڏين

ٿو. تنهنجي سڪيا مذهبي سوالن ۽ ڌرمي رسمن جو اجايو وجود ناس ڪري ڇڏي ٿي. تون ڀائپيءَ ۽ برادريءَ جي ڪچهريءَ کي ڏاڍو شاندار ۽ ڀڪندڙ ڪرين ٿو. تنهنجو دامن پڪڙيندي ۽ تنهنجي تاري ونندي، بيواه ۽ مظلوم قومون ۽ مصيبت زده جماعتون، زور جي سورن کان ڇٽي، جنهن غلاميءَ جي اجهاڳ سمنڊ ۾ لڙهنديون رهن ٿيون، انهيءَ مان پار پئي، آزاد، عزيز ۽ فتحمند ٿين ٿيون.

آءُ اي اونده جا سوجهرا! هيڻن جا سهارا! اي بي وسيلن جا آسرا ۽ عاجزن جي ٽيڪ! اي ڪريلن جا هٿ ونندڙ! هن بيڪسيءَ ۽ مظلوميءَ ۾ بيچارن جو چاره ساز ٿي، بي يار جو مددگار ٿي، نه دين اٿئون نه ڌرم، نه عزت نه سک، تون ئي سک سلامتيءَ جي منزل ڏيکار ۽ اسان کي سڌي دڳ تي لڳا.

❑

تي دوربين لڳايو وينو آهي ۽ سنسار کهڙو نانگ آهي ۽ قدم قدم تي ڪيئن ڪکي ٿو سا ڳالهہ وڏي واڪي ٻڌائي. سيني کي خطري کان آگاهہ ڪري ٿو ۽ چوي ٿو تہ سچي ستگر جي شرن وڃو. چو جو پورن پرک جي ملڻ سان سڀ پاپ دور ٿيو وڃن ۽ پريوءَ جي پار ڏي دل مائل ٿئي ٿي. هو اُهو ڏيو ٻاري ٿو جنهن مان اندر جي اونده گمُ ٿي، آتيئي جوت جاڳي ٿي. پوءِ ماڻهو پيائي ڪي ٻن وجهي، پرماتما کي سيني ۾ سورج جيان پر تک ڏسي ٿو ۽ اندر جي انهيءَ آنند ۾ گذاري ٿو جنهن سان ڪوبہ سنسار سک مٽ ٿي نٿو سگهي.

سامي صاحب انهيءَ سچي سک ۽ باطني سير جو بيان جدا جدا نمونن ۾ ڪري ٿو. سلوڪ سلوڪ ۾ اها تار تنواريندي نہ فقط ٿڪجي نٿو، مگر پڙهندڙ جي دل تي بہ آخر پنهنجو اهڙو اثر ڇمائي ٿو، جو هو بہ دنيا کي ڪُڻ پينگ ۽ تچ ڄاڻي انهي وير هڪواري ويراڳ ۾ رڱجو پوي.

مطلب تہ سامي صاحب معرفت جي ميخاني جو ساقي ٿيو وينو آهي ۽ سلوڪ جا پيالن تي پيالا پري پيو پياري. هنجو پريم پرماتما سان آهي ۽ اهو بيان ڪنايہ طرح نٿو ڪري مگر ڪلئي نموني ۾. البت ڪٿي ڪٿي تشبيه استعاري کان ڪم بہ ورتو اٿس، پر اُهو آٽي ۾ لوڻ آهي.

□

# منهنجي نئين ٽوپي

خبر نہ آهي تہ ڪهڙي ڪنيءَ ڪنير جو تنهن ڏينهن سڀ ڪم پاسيرا رکي، بازار مان ٽوپي وٺڻ ويس ۽ هڪ دڪان تان اها ٽوپي وڃي خريد ڪيم جا اڪثر مسلمان پائرن جي مٿن تي رکيل ڏسڻ ۾ ايندي آهي. مون ٽوپيءَ جي بيهڪ ۽ مضبوطي ڏسي ۽ سياري لاءِ ڪارائتي سمجهي خريد ڪئي. جيتوڻيڪ ٽوپين واري پيون گهٽيون ٽوپيون ڏيڪاريون پر مون کي ان جهڙي ڪا بہ پسند ڪانہ آئي. ٽوپي وٺي اوڏي مهل ئي مٿي تي رکي گهر جو گس ورتم تہ رستي تي هڪ ساڳو واڳو سڃاڻو گڏيم، جنهن ڪيڪار ڪري پُر معنيٰ نموني ۾ رام رام ڪئي، پر مان سندس مطلب نہ سمجهي پنهنجي راه رمندو رهيس.

جڏهن شام جو هميشہ جي دستور موجب سير لاءِ نڪتس، تڏهن واٽ تي هڪ دوست پرڀان ئي ٽوڪ جي نموني چيو: مولانا صاحب ڪيئن آهيو؟

مان ڪنڌ جي اشاري سان سندس طعني جو جواب ڏيئي ويندو رهيس تہ ٿورو اڳيرو هڪ ٻئي واقفڪار ٽوپي ڏي نهاريندي چيو:

"ڪڏهن ٿو حج وڃين؟"

"جڏهن خدا گهريو هوندو".

اجا ڏهہ ٻارهن وکون مس کنيم تہ ٽئين ڄڻي مون کي ڏسي چيو: جهڙي سنڌي لکندو آهين تهڙي ٽوپي پاتي اٿيئي. هن شخص جي مذاق تان ڪل آيم ۽ اندر سوچڻ لڳس تہ منهنجا هندو پائر ڪهڙا نہ تنگدل آهن ۽ ڪيئن نہ فقط ٽوپيءَ ۾ اسلام سمايل ڏسڻ ۾ ٿو اچين. تہ پرڀان هڪ مسلمان سڄڻ کي ايندو ڏٺم. جنهن ويجهو اچي چيم: هيءَ ٽوپي ڪانہ پاتي هوندءِ ڇڻ ککر ۾ ڪڙو هنيو هوندءِ. سيپيئي پون پون ڪري ورائي ويا هوندءِ ۽ مولانا صاحب ڪري پيا ڪوٺيندا هوندءِ جو مون کي اوهان هندو پائرن جهڙي ٽوپي پائڻ سبب مهاشيہ ڪري سڏيندا آهن. مون تہ پاڻ سان انجام ڪيو آهي تہ مرندي مري ويندس پر ٽوپي ڪانہ مٽائيندس. پر تون هيءَ ٽوپي

گهڻو وقت ڪانہ پائي سگهندين. پيا تہ چڙيو پر شايد تنهنجا مائٽ بہ اهڙيءَ ٽوپيءَ پائڻ کان روڪي وجهنئي.

"ڏٺو ويندو، مان بہ مان آهيان."

پنڌ ڪري جيسين باغ ۾ اچي پهتس تيسين رستي ۾ ڪيترن چڙن ڪي منهنجي ٽوپيءَ ڏانهن هڪ ٻئي کي اشارو ڪندو ڏٺم. باغ ۾ پهتس تہ ٽوپيءَ تي چميگوئيون هلي رهيون هيون. پر ڪليءَ طرح رڳو مٿين ٻن ٽن چڙن ورجايم.

اسان هندو ۽ مسلمانن جي کهڙي نہ عجيب ذهنيت آهي. جڏهن ڪڏهن بہ اسين ڪي ڪپڙا سبائيندا آهيون تڏهن جي هندو هوندو تہ ڪنهن نہ ڪنهن نموني مسلمانن کان پنهنجي ڪپڙي جي نرالي ڪاٽ ڪرائيندو جيئن سندس ڪپڙو مسلمانڪو ڏسڻ ۾ نہ اچي ۽ مسلمان هوندو تہ اُهو بہ ساڳيءَ طرح ڪوشش ڪندو. خاص ڪري پتلون ۽ ٽوپيءَ ۾ تہ اهڙو فرق رکندا جو پرينديءَ ماڻهو سهي ڪري وجي تہ هيءَ هندو آهي يا مسلمان هي هڪ دوئيءَ پيدا ڪرڻ جو وڏو سبب آهي ۽ جيڪي وجهڻ جو باري ڪارڻ، مون تہ فقط هڪڙي ٽوپي پاتي جنهن تي هيڏو چؤبول ٿيو. مگر اڄ اسين انگريزن جي لباس جو تہ ڇا، مگر ساري هلت چلت جو پورو پورو نقل ڪري رهيا آهيون. تڏهن بہ ڪو مائٽ يا دوست ٽوڪي نہ ٿو، پر پاڻ اُن تي فخر ڪري ٿو. هنن جي ڪوٽ ٽوپي پتلون ۽ ٽاءِ کي هڪ تهذيب جي نشاني ڪري ڄاتو وڃي ٿو ۽ اهوئي سٽريل ليکيو وڃي ٿو، جو اِهي پائي ٿو. وري عجب اهو جو ٻئي هندو ۽ مسلمان انهيءَ لباس جا اهڙا شيدائي آهيون جو پنهنجي لباس پيل ماڻهوءَ کي لپچر ڪري سمجهون ٿا. کهڙي نہ غلامي ذهيت ۽ انڌي تقليد! انگريزن جو اسان تي فقط اهو احسان آهي جو هو اسان تي قابض ٿيا ويٺا آهن ۽ نہ تہ ٻيءَ طرح هنن جو ڪو بہ اسان سان لاڳاپو ڪونهي. پر اسين هندو ۽ مسلمان پاڻ صدين کان هڪ ٻئي جا پاڙيسري آهيون ۽ اسان جو هڪ ٻئي کان جدا ٿيڻ ناشدني آهي ۽ گهڻين حالتن ۾ اسان جو رت بہ ساڳيو آهي، سي هڪ ٻئي جي فقط ٽوپي پائڻ تي ڪيئن نہ پنهنجن ملڪي ڀاين کي نفرت سان ڏسي، ٽوڪيون ٿا.

جيڪڏهن ڪو هندن يا مسلمان پنهنجي سقيمي حالت جو بيان پنهنجن ذات ڀاين اڳيان روئي ڪري ٿو ۽ مدد واسطي ليلائي ٿو تہ اڪثر ڪيئن نہ ڪيس ڌڙون ڏنيون وڃن ٿيون ۽ وقتي ڪو چار پئسا اچلي ڏئيس ٿو. پر ساڳيو ماڻهو بکن ۾ پاهہ ٿي جيڪڏهن ڪنهن رستي تي مريو وڃي ۽ سڃاڻپ ۾ نہ اچي تہ هو هندو آهي يا مسلمان، تہ پوءِ ڪيئن نہ هندن ۽ مسلمانن جي وچ ۾ ڇڪتاڻ پيدا ٿئي ٿي هو چوندا

تہ اسان جو آهي اسين سارينداسون. تہ هي چوندا تہ اسان جو آهي اسين پورينداسون. ڪن حالتن ۾ هڪ ٻئي جا مٿا ڦاڙيو وجهون ۽ سون جي هار وير بہ ٿيو پوي. مان چوان ٿو تہ اسان هندن ۽ مسلمانن ڪي ڪهڙو حق آهي جو اسين اهڙي ماٺهوءَ ڪي پنهنجو سڏيون، جو جڏهن ندنڪو ٻي رليو ۽ پيٽ جي ڪري ٽوٽا ٽاپا ڪائي، در در صدائون ٻي ڪيائين تڏهن ڪنهن بہ ڪونہ پڇيس، پر هاڻي پساه ڏنا اٿس تہ وارث ٻنجي پورڻ يا ساڙڻ تي ڪمر ڪشي بيٺا آهيون. اسان جو ڪهڙو نہ ڌرم مذهب آهي! جيئري نہ سنڀيا، مئي دٻ دٻ ڪري پنيا. اسان ۾ ڪيڏي نہ بي انصافي، تنگدلي ڪٽرپڻو ڪاهي پيو آهي!

جيڪر هندن ڪان چرڪڻ وارا مسلمان ۽ مسلمانن ڪان چرڪڻ وارا هندو، پنهنجي غلاميءَ واريءَ من ورتيءَ ۽ تعصب تي ويچار ڪن ۽ جيئن غير جي لباس ۽ معاشرت اختيار ڪرڻ ۾ پنهنجو وڏائي، عزت ۽ فخر سمجهن ٿا، اُن جي احساس ڪري پنهنجي پاڙيسريءَ ۾ هموطنيءَ سان رواداري ۽ معاشرتي هڪ جهڙائيءَ ڪرڻ تي مرڪ ڪن، تہ هي اجايا وهم، ڪوڙا ڀرنم ۽ خيالي چرڪ سندن دلين ۽ دماغن مان هوند جهٽ نڪري وڃن ۽ اهوئي اسان جي هڪ ٻئي ۾ بدگمان هجڻ جو ثبوت آهي. مذهب جو هڪ بهانو پيش ڪيو وڃي ٿو.

❑

سيني ڪچهري وارن جيوڻ خان کي چيو: شايد تنهنجيءَ نظر ۾ ڪا حرڪت آهي، ترت ڪو علاج ڪراءِ، نه ته اِن مان وڏيڪ نقصان نه پيدا ٿيئي. ويچارو جيوڻ حيران ٿي ويو ته هاڻ ڇا ڪريان. نيٺ پولڙا ڪٽي ڪيسي ۾ وڌائين ۽ وزم واڙي ڪري گهر ڏانهن روانو ٿيو. اتي مجلس بائڙي، سيڪو ٽڙي پکڙي ويو. آءِ صبح جو بستري تان اٿي هٿ منهن ڌوئي چانهن پاڻي ڪري گهوڙي تي ٿي چڙهيس ته ديهه تان گهمي اچان، ته اوچتو ماڻهن جو هل ٻڌم. پڇا ڪيم ته ڇا آهي؟ ته چيائون: سائين ڏاڍو گوڙ ٿي پيو آهي. جيوڻ جا مائٽ زالين مردين وڙهڻ لاءِ سنبريا پيا اچن ته جنهن جيوڻ کي رات اٺ جا پولڙا ڪارڪون ڪري ڪارايا آهن تنهن کي سيڪت ڏيون. ايتري ۾ ماڻهن جو ڊنبلو به اچي نڪتو. ڪن جي ڪڇن ۾ ڪهاڙيون هيون ته ڪن جي ڪلهن تي ڏُڪا، ڪن کي هٿن ۾ ڏانداريون ته ڪن کي وري ٻهاريون.

سيني مون کي اچي چيو: ديوان صاحب! تنهنجي اوطاق ۾ اسان جي همراه سان هيڏي جٺ ٿي آهي، اها جٺ اسين سهي نٿا سگهون. ڇڏ ته انهيءَ بدمعاش کي مزو چکايون ته وري پيهر اهڙي هلت نه ڪري. دل کي چيم ته ڪنيوسون ته چڱو. جيئن تيئن ڪري جتن کي ٿڌو ڪيم ۽ جيوڻ خان کي رپيو ڏنڊ جو ڏياري، (جو هڙان پريم) پچاڙي ۾ ٻنهي ڌرين کي راڄ ڪري ڇڏيم.

هن ڳالهه کي ڳچ وقت ٿي ويو آهي، پر پائنجي ٿو ته ڪالهوڪي ڳالهه آهي. اڄ تائين اُتي هي پهاڪو مشهور آهي ته "پولڙي جي قيمت هڪ رپيو، چار ڪائي ته چار رپيا وڃيا!".

□

## جي. ايم. سيد اڪيڊمي طرفان ڇپايل ڪتاب

1. سنڌي ڪلچر
2. سنڌ جا سورما
3. چونڊ ادبي مضمون
4. پنهنجي ڪهاڻي پنهنجي زباني (جلد پهريون)
5. پنهنجي ڪهاڻي پنهنجي زباني (جلد ٻيو)
6. سنڌ جي ڪهاڻي
7. ون يونٽ جي ڪهاڻي
8. خطباتِ سيد
9. پيغامِ لطيف
10. ديارِ دل ۽ داستانِ محبت
11. موجوده سياسي مسئلا
12. جيئن ڏٺو آهي مون
13. نئين سنڌ لاءِ جدوجهد
14. سنڌ جي ٻمبئي کان آزادي
15. جيسا مين ني ديکها
16. سنڌو جي ساڃاهه (مڪمل ٻئي جلد گڏ)
17. ساهڙ جا سينگار (علامه آءِ. آءِ. قاضي جا خط)
18. خط ۽ مضمون (پير علي محمد شاهه راشديءَ جا خط)
19. سنڌ ڳالهائي ٿي
20. سائين جي. ايم. سيد جون تحريرون (جلد پهريون)
(شامل ڪتاب: سنڌي ڪلچر، سنڌ جا سورما، جديد عالمي سياست، مسلم سربراهه ڪانفرنس جو تجزيو ۽ پاڪستان هاڻ ٽٽڻ گهرجي)
21. جنب گذاريم جن سين (ٻئي جلد گڏ مڪمل)
22. سنڌو ديش ڇو ۽ ڇا لاءِ؟
23. جديد سياست جا نو رتن
24. مسلم سربراهه ڪانفرنس
25. رهبر
26. پاڪستان جو ماضي، حال ۽ مستقبل

**گهرائڻ لاءِ لکو:** سنڌي ساهت گهر، پوسٽ باڪس نمبر-58، جنرل پوسٽ آفيس، حيدرآباد سنڌ

# نازسنائي فائونڊيشن طرفان اپيل

نازسنائي فائونڊيشن طرفان حيدرآباد ۾ هڪڙي ريسرچ لائبريري جو جلد باقائده آغاز ڪيو ويندو. ان سلسلي ۾ پنهنجي تائون، حيدرآباد سان لڳ هڪڙو پلاٽ خريد ڪيو ويو آهي. اُن پلاٽ تي لائبريري سان گڏ، اديبن، عالمن ۽ محققن لاءِ هڪڙي هاسٽل به تعمير ڪرائي ويندي، جيئن اسان جا محقق اتي رهي، سنڌي زبان جي ترقي ۽ واڌاري لاءِ مختلف موضوعن تي تحقيقي ڪم ڪري سگهن.

رٿا موجب ان ريسرچ لائبريريءَ ۾ سنڌي زبان ۾ ڇپيل سمورا ڪتاب رکڻ جو ارادو آهي. ڇا اوهان هن نيڪ ڪم ۾ اسان جا مددگار بڻجڻ چاهيندؤ؟ جي ها ته:

(1) اوهان پنهنجا ڇپيل/ڇپايل ۽ پاڻ وٽ موجود ڪتاب هڪ هڪ ڪاپي اسان کي امداد طور ڏيو.

(2) ڪتاب قيمت ۾ ڏيڻ چاهيو ته ادارو خريد ڪندو. ان سلسلي ۾ اوهان وٽ يا اوهان جي ڪنهن واقفڪار وٽ سنڌي زبان جا جيڪي ڇاپي ڪتاب موجود آهن ته اسان کي ونرائي ڏيڻ ۾ مدد ڪريو.

(3) ڪتابن عيوض پيا ڪتاب وٺڻ چاهيو ته اسين اُئين به ڪنداسين. ڊسمبر 2005 کان آگسٽ 2006ع تائين يارنهن سؤ ڪتاب گڏ ڪري، سمورن ڪتابن کي بائينڊنگ ڪرائي رکيو ويو آهي.


رابطو ڪريو

پوسٽ باڪس نمبر-58

جنرل پوسٽ آفيس، حيدرآباد، سنڌ

موبائيل نمبر: 0300-3946518




سنڌي ساهت گهر